ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) آچر 15 نومبر 2026ع 04 جمادي الثاني 1448ھ صفحا 6 - ملهه 30 وپيه شمارو (92)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

ڪي پي ڪي ۽ بلوچستان جي مختلف علائقن ۾ فورسز جون ڪارروايون، 24 دهشتگرد مارجي ويا، ميجر سميت 4 جوان شهيد

سيڪيورٽي فورسز بلوچستان جي علائقن ڪولپور، ڪارڏاگاپ ۽ نوشڪي جي مختلف علائقن ۾ انٽيليجنس بيسڊ ڪارروايون ڪيون، جنهن ۾ 8 دهشتگرد مارجي ويا، پاڪ فوج جو ميجر ۽ حوالدار شهيد ٿي ويا

فتنه الهندوستان جي دهشتگردن گشت ڪندڙ فوجي گاڏين کي نشانو بڻايو جنهن ۾ چڪوال جو رهائشي ميجر عمر منهاس ناصر ۽ ڪوٽلي ستيان جو رهواسي حوالدار محمد عدنان شهيد ٿيا: آءِ ايس پي آر

خيبرپختونخوا جي ضلعي اتر وزيرستان ۾ مير علي، دته خيل ۽ پرپاسي جي علائقن ۾ انٽيليجنس بنياد تي ڪيل آپريشنز دوران سيڪيورٽي فورسز 16 دهشتگردن کي ماري ڇڏيو

شديد فائرنگ جي ڏي وٺ ڪانپوءِ 12 ڪلاڪن دوران علي خيل ۾ ٻن افغان شهرين سميت 12 دهشتگرد ماريا ويا، مير علي ۽ دته خيل ۾ پڻ چئن دهشتگردن کي ماريو ويو: آءِ ايس پي آر

ڪارروائي سان علائقي ۾ سرگرم دهشتگردن جي نيٽ ورڪ کي ڪاري ضرب لڳي آهي، انهن جهڙپن دوران وطن جي ٻن بهادر پٽن حوالدار عصمت علي (عمر 43 سال، صوابي) ۽ نائيڪ آفتاب علي (عمر 32 سال، مردان) بهادري سان وڙهندي شهادت ماڻي

دهشتگردي خلاف مهم پوري شدت سان جاري رهندي، جنهن جو مقصد ملڪ مان پرڏيهي سرپرستي ۾ هلندڙ دهشتگردن جي لعنت کي پاڙ کان پٽڻ آهي، اهڙي طرح جون قربانيون اسان جي عزم کي وڌيڪ مضبوط ڪن ٿيون: ترجمان پاڪ فوج

راولپنڊي (اي پي پي) ڪي پي ڪي ۽ بلوچستان جي مختلف علائقن ۾ فورسز جون ڪارروايون 24 دهشتگرد مارجي ويا، ميجر سميت 4 جوان شهيد ٿي ويا، ڪارروائي ۾ هڪ آپگهاتي بمبار به مارجي ويو هٿيارن ۽ گولا بارود جو وڏو ذخيرو هٿ

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

راولپنڊي: دهشت گردن سان مقابلي ۾ شهادتون ماڻيندڙ ميجر عمر منهاس ناصر ۽ حوالدار محمد عدنان جا فائيل فوٽو

سرينگر: هاءِ ڪورٽ ڪاري قانون تحت قيد 2 ڪشميرين جي ضمانت واري درخواست رد ڪري ڇڏي

سرينگر (اي پي پي) غيرقانوني طور تي ڀارت جي قبضي هيٺ جمون ڪشمير ۾ هاءِ ڪورٽ ڪاري قانون يو اي پي اي تحت

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

صدر آصف زرداري ۽ وزيراعظم شهباز شريف وچ ۾ ملاقات، معاشي استحڪام ۽ ترقياتي عمل تيز ڪرڻ لاءِ گڏيل سهڪار تي اتفاق

صدر آصف علي زرداري، وزيراعظم شهباز شريف سان ماڊل ٽائون لاهور ۾ سندس رهائشگاهه تي ملاقات ڪئي، سيڪيورٽي صورتحال اتحادي پارٽين وچ ۾ گڏيل تعاون، مشاورت جي تسلسل تي خيالن جي ڏي وٺ

وزيراعظم شهباز شريف صدر آصف علي زرداري جو گرمجوشي سان استقبال ڪيو، ٻنهي اڳواڻن ملڪ ۾ معاشي استحڪام ۽ ترقياتي عمل کي تيز ڪرڻ لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ جي عزم جو اظهار ڪيو

وزيراعظم صدر کي ترڪي جي دوري ۽ 31 هين ڪانفرنس آف پارٽيز ۾ شرڪت بابت آگاهه ڪيو، اتحادي پارٽين وچ ۾ گڏيل تعاون، مشاورت جي تسلسل ۽ عوامي ڀلائي جي منصوبن جي اڳڀرائي تي به ڳالهيون

ملاقات ۾ قومي اسيمبلي جو اسپيڪر سردار اياز صادق، اڳوڻو وزيراعظم راجا پرويز اشرف، سينيٽر سليم مانڊوي والا، وزير قانون اعظم نذير تارڙ، راڻا ثناءُ الله ۽ قومي اسيمبلي جو ميمبر ميان حمزه شهباز شريف پڻ موجود هئا

لاهور (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري، وزيراعظم محمد شهباز شريف سان ماڊل ٽائون لاهور ۾ سندس رهائشگاهه تي ملاقات ڪئي ملاقات ۾ ملڪ جي مجموعي سياسي، معاشي ۽ سيڪيورٽي صورتحال اتحادي پارٽين وچ ۾ گڏيل تعاون، مشاورت جي تسلسل ۽ عوامي ڀلائي جي منصوبن جي اڳڀرائي تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ٻنهي اڳواڻن ملڪ

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

لاهور: صدر آصف علي زرداري وزيراعظم ميان شهباز شريف سان ملاقات ڪندي

وزيراعظم پاران اتر وزيرستان ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪامياب انٽيليجنس بيسڊ آپريشنز جي ساراهه

ملڪ مان دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين ڪارروايون جاري رهنديون: وزيراعظم شهباز شريف

وزيراعظم شهيدن جي خاندانن سان دلي همدردي اظهار ڪيو ۽ انهن جي بلند درجن ۽ سوڳوار خاندانن لاءِ صبر جي دعا ڪئي

پرڏيهي سرپرستي ۾ هلندڙ دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين ان خلاف جنگ پوري طاقت، عزم ۽ ثابت قدمي سان جاري رهندي

دهشتگردي جي لعنت کي پاڙ کان پٽي اڇلڻ لاءِ پوري قوم ۽ سڀئي قانون لاڳو ڪندڙ ادارا سيڪيورٽي فورسز سان گڏ بيٺا آهن

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف اتر وزيرستان جي علائقن مير علي، دته خيل ۽ پرپاسي ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪامياب ڳجهي ڄاڻ تي ٻڌل آپريشنز تي سيڪيورٽي فورسز جي پيشيوراڻي صلاحيت، بهادري ۽ وقت سر ڪارروائي کي ساراهيندي پارٽي سرپرستي ۾

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ ذيابيطس کان بچاءَ جو ڏهاڙو ملهايو ويو

هلندڙ سال عالمي ڏهاڙي جو موضوع ذيابيطس جي علاج لاءِ وقت سر قدم کڻڻ چونڊيو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ ذيابيطس کان بچاءَ جو عالمي ڏهاڙو ڇنڇر ڏينهن 14 نومبر تي ملهايو ويو

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۾ شمسي توانائي جي انقلاب جي راهه هموار ٿي رهي آهي: مصدق ملڪ

اسان جو مقصد ملڪ جي هر گهر تائين سستي، صاف ۽ پهچ جوڳي بجلي پهچائڻ آهي

پاڪستان کي صاف، سستي ۽ پائيدار توانائي طرف منتقل ڪرڻ لاءِ عوامي شموليت بنيادي اهميت رکي ٿي

اسلام آباد (اي پي پي) موسمياتي تبديلي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

شگر کان بچاءَ لاءِ بروقت تشخيص ۽ احتياطي تدبيرون ضروري آهن: مراد علي شاهه

بيماري سڄي دنيا ۾ تيزيءَ سان پکڙجي رهي آهي ۽ ان بابت آگاهي وقت جي اهم ضرورت آهي

بروقت تشخيص، اسڪريننگ، متوازن غذا ۽ روزاني ورزش ذريعي خطرن کي گهٽائي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وڏي وزير سنڌ سيد

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ترڪمانستان ۾ پاڪستان جي سفير فريال لغاري پرڏيهي وزير اسحاق ڊار سان ملاقات ڪري رهي آهي

سينيٽ چيئرمين پاران اتر وزيرستان ۾ دهشتگردن خلاف ڪامياب انٽيليجنس بيسڊ آپريشن تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني اتر وزيرستان ۾ دهشتگردن خلاف ڪامياب انٽيليجنس بيسڊ آپريشن تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي چيئرمين

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

نوان صوبا ناهڻ غير آئيني يا غير قانوني نه آهي، مصطفيٰ ڪمال

ارڙهين ترميم کانپوءِ 17 سالن دوران صوبن اختيار ۽ فنڊ هيٺين سطح تائين منتقل ناهن ڪيا

الائيڊ هيلٿ پروفيشنلز ڪائونسل جي سنڌ ريجنل آفيس جي افتتاحي تقريب کي خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وفاقي صحت واري وزير مصطفيٰ ڪمال چيو آهي ته نوان صوبا ناهڻ نه غير آئيني آهي ۽ نه ئي غير

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

وفاقي وزير مصطفيٰ ڪمال کي صحت واري وزارت تان هٽايو وڃي، وقار مهدي

هو پنهنجي وزارت جي معاملن تي ڌيان ڏيڻ بدران نفرت ۽ ورهاست واري سياست ڪري رهيو آهي،

وفاقي حڪومت سنڌ خلاف بيان بازي ۽ صحت واري وزارت ۾ ڪرپشن جو نوٽيس وٺي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينيٽر وقار مهدي وفاقي وزير صحت مصطفيٰ ڪمال کي فوري طور

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ڪي پي ڪي ۾ سون جي کاڻن تي کوٽايون معطل، هر مهيني غيرقانوني طور 90 ڪلو سون ڪڍڻ جو انڪشاف

خيبرپختونخوا جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي پاران صوبي ۾ سون جي کاڻين جي سموري کوٽائي فوري طور معطل ڪرڻ جو اعلان

غيرقانوني کاڻين مان هر مهيني لڳ ڀڳ 90 ڪلو سون ڪڍيو پئي ويو ۽ ان مان حاصل ٿيندڙ رقم جو وڏو حصو افغانستان منتقل ٿي رهيو هو: گورنر

ڪاروبار کي سهيل آفريدي جي ڀاءُ نويد، شهريار آفريدي، آفتاب عالم، سينيٽر خرم ذيشان، پ ٽ جي امجد آفريدي ۽ جي يو آءِ جو سينيٽر گوهر سيف الله جي پٺڀرائي حاصل هئي

سون جي سموري ليزن کي رد ڪيو پيو وڃي ۽ غيرقانوني کاڻين جي جاچ لاءِ هاءِ ڪورٽ جي اڳوڻي جج جي سربراهي ۾ عدالتي ڪميشن قائم ڪئي ويندي

غيرقانوني سون جي کوٽائي ۾ هزارين ٽريڪٽر ۽ ٽرالين، 1730 ڳرا مشينري ۽ وڏي انگ ۾ مزدور استعمال ٿي رهيا هئا، ۾ هاڻي اهڙي نه ٿيندو: گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي

پشاور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) خيبرپختونخوا جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي صوبي ۾ سون جي کاڻين جي سموري کوٽائي فوري طور معطل ڪرڻ جو اعلان ڪندي چيو آهي ته غيرقانوني کاڻين مان هر مهيني لڳ

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

شگر هڪ وڏي عوامي صحت جي چئلنج بڻجي چڪي آهي: سينيٽ چيئرمين

متوازن غذا ۽ باقاعده جسماني سرگرميون ذيابيطس جي خطرن ۾ گهٽتائي لاءِ اهم آهن

صحت مند، مضبوط ۽ خوشحال پاڪستان لاءِ صحت عامه جي شعبي تي خاص ڌيان ڏيڻو پوندو

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني ذيابيطس کان اڳرائي طور تي منهن ڏيڻ لاءِ عوامي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

اسحاق ڊار سان ترڪمانستان ۾ مقرر پاڪستان جي سفير ڊاڪٽر فريال لغاري جي ملاقات

گڏيل بين الحڪومتي ڪميشن جو ايندڙ اجلاس ٻطرفي تعاون کي هٿي ڏيڻ جو اهم موقعو قرار

پاڪستان ۽ ترڪمانستان جي لاڳاپن کي وڌيڪ مستحڪم بڻائڻ لاءِ سفير جي مسلسل ڪوشش کي ساراهيو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار سان ترڪمانستان ۾ پاڪستان جي سفير ڊاڪٽر

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ايس سي او تهذيبي ڳالهين ۾ شرڪت ڪندو: پرڏيهي ترجمان

اسلام آباد (اي پي پي) حڪومت

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

پاڪستان سميت مختلف ملڪن پاران فلسطينين تي اسرائيلي حملي جي سخت مذمت

لجزائر، جبوتي، مصر، انڊونيشيا، اردن، ڪويت، لبنان، ليبيا، موريطانيا، عمان، قطر، سعودي عرب به مذمت ڪئي

سوڊان، ترڪي ۽ گڏيل عرب امارات جي پرڏيهي وزيرن جو گڏيل بيان جاري، حملو عالمي انساني حقن جي قانون جي ڀڃڪڙي قرار

ٻارن خاص طور ڪير پياڪ ٻارن جي زندگين کي، جن کي هڪ دفعو ٻيهر شديد سردي ۽ منجهيل گرمي جي سبب موت جي خطري ۾ آهن: عالمي اڳواڻ

پاڪستان، الجزائر، جبوتي، مصر، انڊونيشيا، اردن، ڪويت، لبنان، ليبيا، موريطانيا، عمان، قطر، سعودي عرب، صوماليا، سوڊان، ترڪي ۽ گڏيل عرب امارات جي پرڏيهي وزيرن [illegible]

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان، مصر، مملڪت سعودي عرب، ترڪيه، اردن، قطر

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: آل پاڪستان نيوز پيپرز سوسائٽي (اي پي اين ايس) پاران اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندڙ اشتهارن جي نمائش جي موقعي تي ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب جو روزاني عبرت گروپ جو سرواڻ قاضي اسد عابد آڌرڀاءُ ڪري رهيو آهي ٻئي طرف هو ڪيس نمائش ۾ لڳل اشتهارن بابت ڄاڻ ڏئي رهيو آهي جڏهن ته ميئر مرتضيٰ وهاب عبرت جي ڊائريڪٽر نيوز قاضي مصطفيٰ اسد عباسي سان ڳالهائي رهيو آهي

ڪراچي ۾ پراڻي دور کان جديد زماني تائين اخبارن ۾ شايع ٿيل اشتهار جي تاريخي نمائش منعقد

آل پاڪستان نيوز پيپرز سوسائٽي (اي پي اين ايس) پاران منعقد ڪيل نمائش جو ميئر مرتضيٰ وهاب افتتاح ڪيو

تقريب ۾ سينيٽر سرمد علي، عبرت گروپ جو سرواڻ قاضي اسد عابد، قاضي مصطفيٰ اسد عباسي ۽ ٻين جي شرڪت

نمائش جو مقصد ڇپائيءَ جي ميڊيا ۾ اشتهارن جي تاريخ، اهميت ۽ ارتقائي سفر کي اجاگر ڪرڻ آهي: اڳواڻ

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) تاريخي فريئر هال ۾ اخبارن جي اشتهارن جي منفرد نمائش منعقد ڪئي وئي ڪراچي جي تاريخي فريئر هال ۾ آل پاڪستان نيوز پيپرز سوسائٽي (اي پي اين ايس) پاران

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: آل پاڪستان نيوز پيپرز سوسائٽي (اي پي اين ايس) پاران اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندڙ اشتهارن جي نمائش جو افتتاح ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب ڪري رهيو آهي، اي پي اين ايس جو صدر سينيٽر سرمد علي، روزاني عبرت گروپ جو سرواڻ قاضي اسد عابد، قاضي مصطفيٰ اسد عباسي، سيڪريٽري جنرل اي پي اين ايس اطهر قاضي، تنوير اي طاهر ۽ ٻيا پڻ موجود آهن

وڏي وزير پاران اتر وزيرستان ۾ 16 دهشتگرد مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وڏي وزير سنڌ سيد مراد علي شاهه اتر وزيرستان ۾ سيڪيورٽي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

ڪي ڊي اي پاران نابين پيءُ ۽ پٽ کي نوڪري نه ڏيڻ خلاف توهين عدالت جي درخواست داخل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي (ڪي ڊي اي) پاران اکين جي روشني کان محروم پيءُ ۽ پٽ کي ملازمت

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

29 نومبر تي ٻن سياسي پارٽين جو اعلان ٽڪراءُ جو سبب بڻجي سگهي ٿو،حڪومت ڌيان ڏيئي،محسن نقوي خاموش ٿي رهي ته پوءِ جلسا نه ٿيندا

18هين ترميم مان فائدو حاصل ڪندي سنڌ جي وحدت کي يقيني بڻايو،اسان کي سنڌ جا ٽڪرا نٿا گهرجن،نثار کهڙو

صوبن بابت محسن نقوي 50 پيرا به چئي ان سان ڪو فرق نٿو پوي، ڪيس 28 ترميم جي ڄاڻ ناهي نه هو ان بابت ڪهڙي راءِ ڏئي سگهي ٿو

اسان جمهوريت کي مضبوط ڏسڻ چاهيون ٿا، بلاول ڀٽو زرداري اليڪشن ڪميشن کي تڪراري بڻائڻ کان روڪڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي

ملڪ ۾ اڳ ٿيل ٻئي ريفرنڊم غير آئيني ۽ غير قانوني هئا،آئين ۾ واضح طور تي لکيل آهي ته پوءِ ريفرنڊم جي ضرورت ڇو آهي

حيدرآباد اچڻ جو مقصد پارٽي جي تنظيمي جوڙجڪ ڪرڻ آهي ۽ وارڊ سطح تائين تنظيم سازي کي يقيني بڻايو ويندو

نوڪرين تي ڪيترن ئي سالن کان پابنديون لڳل رهيون آهن ۽ عدالتن به پابنديون لڳايون هيون، اسان صحافين جي مسئلن تي هميشه ڳالهايو آهي

حيدرآباد (رپورٽ:غلام حسين خاصخيلي) پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار احمد کهڙو چيو آهي ته پي ٽي آءِ باني عمران خان کي سزا عدالت ڏني آهي ۽ سزا يافته قيدي هميشه جيل ۾ هوندا آهن

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: گورنر نهال هاشمي جسٽس اقبال ڪلهوڙي کان وقتي چيف جسٽس جو حلف وٺي رهيو آهي

سون ۽ چانديءَ جي قيمتن ۾ گهٽتائي، في تولو سون 700 رپيا سستو

اسلام آباد (اي پي پي) ملڪ جي صرافه

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: پ پ سنڌ جو صدر نثار کهڙو سينيٽر عاجز ڌامراهه جي رهائشگاهه تي ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ڀارت ۾ ڪنٽينر ٽرڪ ۽ بس ۾ ٽڪر، 3 ٻارن سميت 23 ڄڻا فوت

حادثو اتر اوڀر رياست آسام ۾ ڪازيرنگا نيشنل پارڪ ڀرسان هڪ شاهراهه تي ٿيو

فوتين ۽ زخمين جو انگ 23 آهي، آسام جي وزيراعليٰ حادثي تي افسوس جو اظهار ڪيو

نئين دهلي (اي پي پي) ڀارت جي اوڀر رياست آسام ۾ ڪنٽينر ٽرڪ ۽ مسافر بس ۾ ٽڪر سبب 3 ٻارن سميت 23 ڄڻا فوت

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم جي ”پنهنجو گهر اسڪيم“ سان تعميراتي سرگرمين ۾ واڌ ٿي آهي: حنيف گوهر

گهرن جي تعمير لاءِ سرڪاري سهولتن ۽ مالي مدد سان عام ماڻهن کي پنهنجي ڇت ملندي

تعميراتي شين جي نمائش جو مقصد بلڊرز ڊولپرز ۽ نامياري ڪمپنين کي گڏ ڪرڻ آهي: آباد چيئرمين

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايسوسيئيشن آف بلڊرز اينڊ ڊولپرز (آباد) جي چيئرمين محمد حنيف گوهر چيو آهي ته وزيراعظم

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي گورنر سان سينيٽر ڊاڪٽر افنان الله خان جي ملاقات، معاشي سڌارن تي خيالن جي ڏي وٺ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گورنر سنڌ سيد محمد نهال هاشمي سان سينيٽر ڊاڪٽر

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

لڪي غلام شاهه ۾ بدامني جوٽ چڙهيل، هٿياربند ديري تي سٽل زميندار کي قتل ڪري فرار

ڳوٺ محمد عظيم ڪوسو واسي 55 ورهين جي زميندار عاشق علي ولد مينگهو ڪوسو کي نامعلوم هٿياربندن قتل ڪري ڇڏيو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٺائي تعلقه اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪري جاچ شروع ڪئي

لڪي غلام شاهه(رپورٽ عبدالرزاق مهر) لڪي غلام شاهه ٿاڻي جي حد ۾ جاهوڙ ڀرسان ڳوٺ محمد عظيم ڪوسو ۾ رات دير سان نامعلوم هٿياربند ڌوهارين سارين جي ديري تي سٽل زميندار عاشق علي ڪوسو

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

سنڌ ٽوئرزم ڊولپمينٽ ڪارپوريشن جو ايم ڊي فياض علي شاهه لاڏاڻو ڪري ويو

مرحوم جي جنازي نماز مسجد يثرب، فيز 4 ڊي ايڇ اي ڪراچي ۾ ادا ڪئي وئي

وڏي وزير، صوبائي وزيرن، چيف سيڪريٽري ۽ سياسي، سماجي توڙي صحافين شرڪت ڪئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ ٽوئرزم ڊولپمينٽ ڪارپوريشن (ايس ٽي ڊي سي) جو مئنيجنگ ڊائريڪٽر سيد فياض علي

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ رينجرز جون ڪارروايون، ڪونٽي گروهه جا 7 جوابدار گرفتار

گرفتار جوابدارن ۾ حسنين عرف غفور، واصف، جبران، مدثر، ڪبير بنگالي، عبدالماجد ۽ ٻيا شامل

جوابدارن وٽان 3 غيرقانوني هٿيار، 2 موٽرسائيڪلون، 14 موبائل فون ۽ نقد رقم هٿ ڪئي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان رينجرز (سنڌ) ڳجهي ڄاڻ جي بنياد تي نيو ڪراچي ۽ سرجاني ٽائون ۾ ڪارروائي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

ٽنڊوآدم ۾ ٽرڪ ۽ ڪٽي ۾ ٽڪر،ٻن عورتن سميت 6 ڄڻا زخمي اسپتال داخل

لاڙڪي روڊ تي حادثي ۾ هرچند، ڪيش، پالي شمون، نوران ۽ ڊولو ڪولهي زخمي ٿي پيا

پوليس ڊرائيور کي گرفتار ڪري زخمين کي تعلقي اسپتال منتقل ڪري جاچ شروع ڪئي

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم لاڙڪي روڊ تي تيز رفتار ٽرڪ ۽ ڪٽي ۾ زوردار ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ هڪ ئي خاندان

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

خيرپور ۽ پرياسي ۾ ٻن روڊ حادثن ۾ هڪ ڄڻو فوت ۽ عورت سميت ٻه ڄڻا زخمي

ڪاليج وٽ ٽرالر ۽ موٽر سائيڪل وچ ۾ ٽڪر ۾ حاڪم علي بروهي جاءِ تي فوت ٿي ويو

قومي شاهراهه تي ڪوچ ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر، هڪ عورت سميت ٻه ڄڻا زخمي ٿي پيا

خيرپور(ڊ)ڀريون روڊ حادثو شاهه حسين ٿاڻي جي حد قومي شاهراهه تي پيش آيو جتي تيز رفتار ڪوچ جو موٽرسائيڪل کي

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

هنزه: سياري جي ٻهرين برفباري کان پوءِ پهاڙن سفيد چادر اوڍي آهي ٻي طرف هڪ ٻار

ٻيو عالمي حسن قرأت جو مقابلو 24 کان 26 نومبر تائين اسلام آباد ۾ ٿيندو، 31 ملڪن جا مشهور قارين جي شرڪت جو امڪان

اسلام آباد (اي پي پي) مذهبي معاملن واري وزارت جي انتظام هيٺ ٻيو عالمي حسن قرأت مقابلو 24 کان 26 نومبر تائين

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

ٺري ميرواهه لڳ زميني تڪرار تان هٿياربندن جي فائرنگ ۾ عورت قتل، وارثن جو ڌرڻو

ڳوٺ شاهه محمد لغاري ۾ هٿياربندن جي فائرنگ ۾ عورت پناٽي چلگري قتل ٿي وئي

وارثن عورت جو لاش مهراڻ هاءِ وي تي رکي جوابدارن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي ڌرڻو هنيو

6 ڪلاڪ ڌرڻي بعد ڊي ايس پي مظاهرين وٽ پهچي قاتلن جي گرفتاري جو يقين ڏياري ڌرڻو ختم ڪرايو

ٺري ميرواهه(رپورٽ گلاب علي سهتو) ڳوٺ شاهه محمد لغاري ۾ زميني تڪرار تان قتل ٿيل عورت پناٽي چلگري جي قتل ۾ ملوث جوابدارن جي گرفتاري لاءِ مقتول عورت جي وارثن پاران لاش رکي مهراڻ نيشنل هاءِ وي تي ڌرڻو 6 ڪلاڪ ٽريفڪ معطل رهي

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ هُنڊي ۽ حوالا جي غيرقانوني ڪاروبار ۾ ملوث 2 جوابدار گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايف آءِ اي ڪمرشل بئنڪس سرڪل ڪراچي جي لياري واري

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن دوران 5 ڄڻا فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: سنڌي شاگرد تحريڪ جا نوان چونڊيل عهديدار حلف کڻي رهيا آهن

پ پ جي جلسي واري ڏينهن ايم ڪيو ايم پاران جلسو رکڻ شرارت آهي: قادر مگسي

سنڌ جي ورهاڱي ۽ انتظامي يونٽ ناهڻ خلاف 29 نومبر تي ٿيندڙ مارچ ۾ هر صورت ۾ شرڪت ڪبي

وفاقي حڪومت پنهنجي وزير خالد مقبول صديقي ۽ مصطفيٰ ڪمال کي لغام ڏئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ ترقي پسند پارٽي جي سربراهه ڊاڪٽر قادر مگسي چيو آهي ته پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2


Ministry of IT & Telecom
Ignite NATIONAL TECHNOLOGY FUND
DigiSkills.pk Sara Jahan Hamara
YEHI HAI ASLI
SELF-MADE HONA
LEARN EARN GROW
Pakistan's Largest Online Training Program
AI- Powered Contemporary Freelancing Courses
100% FREE
Most In-Demand Courses
New and Updated
- Cloud Computing
- Mobile Game and App Development
- Startup Strategies and Entrepreneurship
- UI/UX & Webflow
- Legal Drafting and Global Compliance
- Creative Writing
- Digital Literacy
- QuickBooks
- Digital Marketing
- E-Commerce Management
- Communication and Soft Skills
- 3D Modeling
- Shopify Development and Dropshipping
- Artificial Intelligence using Python
- Full Stack Development with MERN
- Video Editing, Animation & Vlogging
- Data Analytics and Business Intelligence
- Virtual Assistant
- AutoCAD
- Graphic Design
- Freelancing
- SEO
- Affiliate Marketing
- WordPress
Over 58 Lakh Trainings Imparted so far!
Last Date for Enrollment: 30th November 2026
Start your freelancing journey with DigiSkills.pk to learn the skills and get totally free E-Certificates.
www.digiskills.pk/Register.aspx
ENROLL NOW
PID (I) 4491-D-26
VU Virtual University
info@digiskills.pk /digiskillspakistan /digiskillspakistan /digiskillspak
0304-111-1570 /digiskillspakistan /digiskillspakistan

بقايا 1 "روزاني عبرت"

۽ معاشي استحڪام ۽ ترقياتي عمل کي تيز ڪرڻ لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ جي عزم جو اظهار ڪيو وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف صدر آصف علي زرداري جو گرمجوشي سان استقبال ڪيو ملاقات ۾ ملڪ جي مجموعي سياسي، معاشي ۽ سيڪيورٽي صورتحال تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي جڏهن ته وزيراعظم صدر کي پنهنجي ترڪي جي دوري ۽ 31 هين ڪانفرنس آف پارٽيز ۾ پنهنجي شرڪت بابت آگاهه ڪيو ملاقات ۾ اتحادي پارٽين وچ ۾ گڏيل تعاون مشاورت جي تسلسل ۽ عوامي ڀلائي جي منصوبن جي اڳڀرائي تي به خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ٻنهي اڳواڻن ملڪ ۾ معاشي استحڪام ۽ ترقياتي عمل کي تيز ڪرڻ لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ جي عزم جو اظهار ڪيو ملاقات ۾ قومي اسيمبلي جو اسپيڪر سردار اياز صادق اڳوڻو وزيراعظم راجا پرويز اشرف، سينيٽر سليم مانڊوي والا، قانون وارو وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ وزيراعظم جو صلاحڪار راڻا ثناءُ الله ۽ قومي اسيمبلي جو ميمبر ميان حمزه شهباز شريف موجود هئا.

بقايا 2 "روزاني عبرت"

سرگرم فتنہ الخوارج جي 16 دهشتگردن کي مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب وزيراعظم آپريشن دوران وطن جي دفاع ۾ پنهنجون جانيون قربان ڪندڙ صوابي ضلعي سان تعلق رکندڙ حوالدار عصمت علي ۽ مردان ضلعي سان تعلق رکندڙ نائيڪ آفتاب علي کي زبردست خراج عقيدت پيش ڪيو وزيراعظم شهيدن جي خاندانن سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪيو ۽ انهن جي بلند درجن ۽ سوڳوار خاندانن لاءِ صبر جي دعا ڪئي وزيراعظم چيو ته اسان جي بهادر جوانن جون عظيم قربانيون دهشتگردي جي مڪمل خاتمي جي قومي عزم کي وڌيڪ مضبوط ڪن ٿيون هن ان عزم جو اظهار ڪيو ته ملڪ مان دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين ڪارروايون جاري رهنديون وزيراعظم چيو ته دهشتگردي جي مڪمل خاتمي ۽ ملڪ جي امن ۽ استحڪام کي يقيني بڻائڻ ۾ سيڪيورٽي فورسز جون قربانيون ۽ ڪاميابيون واکاڻ جوڳيون آهن هن ان عزم کي ورجايو ته پرڏيهي سرپرستي ۾ ڦيندڙ دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين ان خلاف جنگ پوري طاقت، عزم ۽ ثابت قدمي سان جاري رهندي. وزيراعظم چيو ته عزم استحڪام جي ويزن تحت دهشتگردي جي لعنت کي پاڙ کان پٽي اڇلڻ لاءِ پوري قوم ۽ سيڪيورٽي قانون لاڳو ڪندڙ ادارا سيڪيورٽي فورسز سان گڏ بيٺا آهن

بقايا 3 "روزاني عبرت"

هلندڙ سال عالمي ڏهاڙي جو موضوع ذيابيطس جي علاج لاءِ وقت سر قدم کڻڻ چونڊيو ويو آهي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي هڪ بيان ۾ صحت جي عالمي اداري چيو آهي ته پاڪستان ۾ اٽڪل 3 ڪروڙ 45 لک ماڻهو ذيابيطس کان متاثر آهن ڊبليو ايڇ او چيو آهي ته شوگر جي مرض کان بچاءَ لاءِ فوري علاج، صحت مند طرز زندگي ۽ جلد سڃاڻپ وڌيڪ اهم آهي صحت جي عالمي اداري ذيابيطس کان بچاءَ لاءِ صحت بخش غذا جي استعمال هفتي ۾ گهٽ ۾ گهٽ 150 منٽ ورزش ۽ باقاعدگي سان طبي معائني کي به ضروري قرار ڏنو آهي پاڪستان ۾ صحت جي عالمي اداري جي نمائندي ڊاڪٽر Luo Dapeng چيو ته ادارو ذيابيطس کان بچاءَ جلد سڃاڻپ ۽ وقت سر علاج جي قدمن کي وڌيڪ موثر بڻائڻ لاءِ حڪومت سان گڏ تعاون جاري رکيل آهي

بقايا 4 "روزاني عبرت"

۽ ماحولياتي هم آهنگ واري وفاقي وزير ڊاڪٽر مصدق ملڪ چيو آهي ته پاڪستان ۾ عوامي شموليت ذريعي شمسي توانائي جو انقلاب برپا ٿي رهيو آهي جنهن جو مقصد ملڪ جي هر گهر تائين سستي، صاف ۽ پهچ جوڳي بجلي پهچائڻ آهي چنجر ڏينهن پيپلز ليڊ سولر ريوليوشن کي خطاب ڪندي وفاقي وزير چيو ته شمسي توانائي کي هٿي ڏيڻ پاڪستان جي برقي نظام کي وڌيڪ شموليتي بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو مقامي سطح تي بجلي جي پيداوار سان نه رڳو توانائي جي شعبي ۾ پائيدو ڦينداسين ۾ عام شهري به توانائي جي نظام جو فعال حصو بڻجي سگهندا ڊاڪٽر مصدق ملڪ چيو ته شمسي توانائي جي استعمال سان گهريلو صارفين جي بجلي جي بلن ۾ نمايان گهٽتائي اچڻ ۾ مدد ملندي جڏهن ته خاص ڪري ٻهراڙي جي علائقن ۾ سولر سسٽمز جي فراهمي سان عوام جي زندگين ۾ مثبت تبديلي ايندي هن چيو ته حڪومت جو مقصد سولر انقلاب جا ثمر معاشري جي سمورن طبقن تائين پهچائڻ ۽ عام ماڻهو کي توانائي جي شعبي ۾ بااختيار بڻائڻ آهي ان ڏس ۾ شمسي توانائي جي منصوبن ۾ نوجوانن ۽ عورتن جي شموليت کي ۾ يقيني بڻايو ويندو ته جيئن ڪين نوان موقعا فراهم ڪري سگهجن وفاقي وزير چيو ته پاڪستان کي صاف، سستي ۽ پائيدار توانائي طرف منتقل ڪرڻ لاءِ عوامي شموليت بنيادي اهميت رکي ٿي هن زور ڀريو ته توانائي جي انقلاب جي حقيقي ڪاميابي انهي وقت ممڪن آهي جڏهن عوام ان عمل ۾ حصيدار بڻجي

بقايا 5 "روزاني عبرت"

مراد علي شاهه شگر کان آگاهي جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي خاص پيغام ۾ چيو آهي ته شگر سڄي دنيا ۾ تيزيءَ سان پکڙجندڙ هڪ خاموش مرض آهي جنهن کان بچاءَ ۽ آگاهي لاءِ گڏيل ڪوششون وقت جي اهم ضرورت آهن هن چيو ته بروقت تشخيص اسڪريننگ ۽ احتياطي تدبيرون اختيار ڪري هن بيماريءَ جي خطرن کي گهٽ ڪري سگهجي ٿو جڏهن ته متوازن غذا، روزاني ورزش، جسماني سرگرمين کي معمول بڻائڻ ۽ ٿولهه ۽ غير صحت بخش غذائي عادتن تي ضابطو آڻي ٽائپ ٽو شگر کان بچاءَ ممڪن آهي وڏي وزير سنڌ خبردار ڪيو ته شگر نظر جي گهٽتائي گردن جي خرابي، دل جي مرضن ۽ فالج جهڙين سنگين پيچيدگين جو سبب بڻجي سگهي ٿي ان ڪري مريض باقاعدگي سان پنهنجو طبي معائنو ڪرائين ۽ ڊاڪٽرن جي هدايتن تي عمل ڪن سيد مراد علي شاهه جو چوڻ هو ته سنڌ حڪومت صحت عامه جي تحفظ ۽ عوام کي شگر سميت غير متعدي مرضن کان بچاءَ لاءِ پرعزم آهي جنهن تحت بنيادي صحت مرڪزن کان وٺي وڏين سرڪاري اسپتالن تائين معياري طبي سهولتن جي فراهمي ۽ علاج معالجي جي نظام کي بهتر بڻائڻ لاءِ مسلسل قدم کنيا پيا وڃن هن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته صحت مند سماج جي قيام لاءِ عوام ۾ شعور اجاگر ڪرڻ ناگزير آهي ۽ عالمي يوم شگر اسان کي پنهنجي صحت جو خيال رکڻ سان گڏوگڏ ٻين کي به آگاهه ڪرڻ جو پيغام ڏئي ٿو

بقايا 6 "روزاني عبرت"

ڏينهن سينيٽ سيڪريٽريٽ مان جاري بيان ۾ هن چيو ته اتر وزيرستان آپريشن ۾ فتنہ الخوارج جي 16 دهشتگردن کي مارڻ سيڪيورٽي فورسز جي پيشيوارانه مهارت ۽ عزم جو مظهر آهي سينيٽ چيئرمين حوالدار عصمت علي ۽ نائيڪ آفتاب علي جي شهادت تي خراج عقيدت پيش ڪيو سينيٽ چيئرمين چيو ته شهيدن جون قربانيون قومي تاريخ جو ناقابل فراموش باب ۽ پوري قوم لاءِ فخر جو سبب آهن پاڪستان جي امن، استحڪام ۽ خودمختياري کي نقصان پهچائڻ وارا عنصر پنهنجي ناپاڪ ارادن ۾ ڪامياب نه ٿيندا سينيٽ چيئرمين چيو ته دهشتگردي جي مڪمل خاتمي لاءِ قومي يڪجهتي ۽ ادارن وچ ۾ موثر تعاون اثر آهي. پوري قوم دهشتگردي خلاف جنگ ۾ پنهنجي سيڪيورٽي فورسز سان گڏ بيٺل آهي هن چيو ته شهيدن جون قربانيون رائيگان نه وينديون پاڪستان ۾ پائيدار امن جو قيام اسان جو گڏيل عزم آهي سينيٽ چيئرمين شهيدن جي گهراڻن سان دلي تعزيت، صبر ۽ شهيدن جي درجن جي بلندي لاءِ دعا ڪئي

بقايا 7 "روزاني عبرت"

قانوني ارڙهين ترميم ڪانيو گڏيل ١٧ سالن دوران صوبن اختيار ۽ فنڊ هيٺين سطح تائين منتقل ناهن ڪيا، تنهنڪري نون ۽ ننڍن صوبن جو قيام ناگزير ٿي چڪو آهي انتظامي ورهاست هڪ فطري عمل آهي، جنهن جي مخالفت ڪرڻ درست ناهي هن چيو ته خاندانن وڏڙ ڦين تي ٽئون گهر وٺو پوندو آهي اهڙي طرح انتظامي ضرورتن تحت نوان صوبا به ٺهڻ گهرجن جنهن سان سڄي ملڪ ۽ ترقي ٿيندي ڪراچيءَ ۾ الائيڊ هيلٿ پروفيشنلز ڪائونسل جي سنڌ ريجنل آفيس جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي مصطفيٰ ڪمال چيو ته ڪراچيءَ کي جڏهن اختيار ملندا ته هي شهر سڄي ملڪ جي ترقيءَ جو سبب بڻجندو ۽ پاڪستان کي معاشي بحران مان ڪڍڻ جي صلاحيت رکي ٿو هن چيو ته ٻاهرين ملڪن ۾ مهارت رکندڙ نرسن کي تمام گهڻيون پگهارون ملن ٿيون جڏهن ته پاڪستان ۾ ۹ لک نرسن جي کوٽ آهي ماضي ۾ نرسنگ ڪاليجن کي ڪاروبار بڻايو ويو هاڻي اسان ان ڪاروبار کي روڪيو آهي ۽ ان حوالي سان قانون ۾ تبديلي ڪئي آهي نرسنگ جي شعبي ۾ پئسا وٺي ڪم ڪرائڻ واري سلسلي کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي وفاقي وزير چيو ته الائيڊ هيلٿ سروسز سان لاڳاپيل لکين ماڻهن کي اڳ پنهنجي ڪم لاءِ اسلام آباد وڃڻو پوندو هو پر هاڻي سنڌ ۾ ريجنل آفيس قائم ڪئي وئي آهي جيڪا صوبي جو مرڪز هوندي ۽ سمورن لاڳاپيل ادارن کي هڪ ئي ڇت هيٺ سهولتون فراهم ڪندي هن چيو ته الائيڊ هيلٿ سروسز صحت جو اهم شعبو آهي ڇاڪاڻ ته مريض پنهنجو گهڻو وقت هن شعبي جي ماهرن سان گڏ گذاريندو آهي پاڪستان کي وڌندڙ آباديءَ تي ضابطو آڻڻو پوندو ملڪ ۾ ادائي ڪروڙ ٻار اسڪولن کان ٻاهر آهن جڏهن ته غذائي کوٽ پڻ هڪ وڏو مسئلو آهي

بقايا 8 "روزاني عبرت"

وزارت تان هٽائڻ جو مطالبو ڪندي چيو آهي ته ڪيس عهدي تي برقرار رکڻ جو ڪو به جواز ناهي حج ۽ عمري جي ويڪسينيشن ۾ اربين روپين جي مبينا ڪرپشن هڪ سنگين معاملو آهي جنهن جو حساب ڏيڻو پوندو سينيٽر وقار مهدي چيو ته مصطفيٰ ڪمال ٻين کي نصيحتون ڪرڻ بدران پنهنجي وزارت جي معاملن تي ڌيان ڏئي پمز اسپتال ۾ معصوم ٻارن جي فوت ٿيڻ جو جواب ڪير ڏيندو؟ حج ۽ عمري جي ويڪسينيشن ۾ مبينا ڪرپشن ۽ پمز سانحي جا معاملا وزارت صحت جي ڪارڪردگيءَ تي سنگين سوال اٿارين ٿا. هن چيو ته مصطفيٰ ڪمال پنهنجي ڪارڪردگي تي ڳالهائڻ بدران نفرت ۽ ورهاست جي سياست ڪري رهيو آهي وفاقي وزير جا بيان آئين ۽ وفاقي هم آهنگي کي نقصان پهچائي رهيا آهن ڪيس سنڌ تي تنقيد ڪرڻ جو شوق آهي پر پنهنجي وزارت جي ڪارڪردگيءَ جي ڪا به ڳڻتي ناهي سينيٽر وقار مهدي مطالبو ڪيو ته سنڌ خلاف بيان بازي بند ڪري پنهنجي وزارت جي ناڪامين جو جواب ڏنو وڃي وفاقي حڪومت کي گهرجي ته مصطفيٰ ڪمال جي نفرت انگيز بيان بازيءَ جو نوٽيس وٺي سنڌس وزارت جي حوالي سان اٿندڙ سنگين سوالن جو جواب ڏيڻ پوندا هن وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن وفاقي حڪومت پنهنجي ساک برقرار رکڻ چاهي ٿي ته مصطفيٰ ڪمال کي عهدي تان هٽائڻ ۾ وڌيڪ دير نه ڪري

بقايا 9 "روزاني عبرت"

پڳ 90 ڪلو سون ڪيڏيو پٽي ويو ۽ ان مان حاصل ٿيندڙ رقم جو وڏو حصو افغانستان منتقل ٿي رهيو هو پريس ڪانفرنس ڪندي گورنر چيو ته غيرقانوني ڪانين خلاف ڪارروائي دوران انڪشاف ٿيو آهي ته هن ڪاروبار کي 12 سياستدانن يا انهن سان لاڳاپيل ماڻهن جي پٺڀرائي حاصل هئي هنن ۾ اڳوڻي وڏي وزير سهيل آفريدي جو پاءُ نويد، تحريڪ انصاف جا شهريار آفريدي ۽ آفتاب عالم سينيٽر خرم ذيشان پيپلزپارٽي جو امجد آفريدي ۽ جي يو آءِ جو سينيٽر گوهر سيف الله شامل آهن فيصل ڪريم ڪنڊي چيو ته سون جي سمورن ليزن کي رد ڪيو ويو آهي ۽ غيرقانوني ڪانين جي جاچ لاءِ هاءِ ڪورٽ جي اڳوڻي جج جي سربراهي ۾ عدالتي ڪميشن قائم ڪئي ويندي جاچ دوران جيڪو به سياستدان يا سرڪاري آفيسر ملوث ثابت ٿيو ان خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي هن ليز هولڊرن ۽ ٺيڪيدارن کي هڪ هفتي اندر گهري مشينري لاڳاپيل علائقن مان هٽائڻ جي مهلت ڏيندي چيو ته مقرر وقت ڪانيو مشينري ضبط ڪئي ويندي. گورنر موجب غيرقانوني سون جي ڪوٽائي ۾ هزارين ٽريڪٽر ۽ ٽرالين 1730 ڳرا ڊمپر ۽ وڏي انگ ۾ مزدور استعمال ٿي رهيا هئا ڪوهاٽ ۾ غيرقانوني سون جي ڪوٽائي خلاف وڏي ڪارروائي دوران پوليس جا جوان بهادري سان وڙهيا، پر آپريشن ڪانيو وايس وينڊ پوليس تي فتنہ الخوارج حملو ڪيس جنهن ۾ هڪ ڊي ايس پي سميت 10 پوليس اهلڪار شهيد ٿي ويا، جڏهن ته جوابي ڪارروائي ۾ 11 خوارج مارجي ويا. فيصل ڪريم ڪنڊي شهيد ڊي ايس پي حيدر زمان جي نالي سان ٽاسڪ فورس قائم ڪرڻ جو اعلان ڪندي چيو ته پوليس اهلڪارن کي شهيد ڪندڙن خلاف ڪا به رعايت نه ڪئي ويندي ۽ ڪين قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو هن چيو ته گذريل 13 سالن دوران خيبرپختونخوا جا وسيلا لٽيا ويا، پر هاڻي صوبي ۾ جزا ۽ سزا جو نظام لاڳو ڪيو ويندو حڪومت جو مقصد قدرتي وسيلن کي استعمال ڪري صوبي ۾ ترقي، خوشحالي ۽ روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ آهي

بقايا 10 "روزاني عبرت"

رپورٽ موجب سيڪيورٽي فورسز بلوچستان جي علائقن ڪوليون ڪاراڳاپ ۽ نوشڪي جي مختلف علائقن ۾ انٽيليجنس بيسڊ ڪارروايون ڪيون جنهن ۾ 8 دهشتگرد مارجي ويا ۽ پاڪ فوج جو ميجر ۽ حوالدار شهيد ٿي ويا. آءِ ايس پي آر موجب 13 نومبر کان ڪوئيٽا تافتان قومي شاهراهه اين 40 تي سيڪيورٽي فورسز جو گشت جاري آهي، مارجي ويل دهشتگردن ۾ هڪ خودڪش بمبار به شامل هو ڪوليون آپريشن دوران هٿيار ۽ گولا بارود جو وڏو ذخيرو به برآمد ٿيو 14 نومبر تي فتنہ الهندوستان جي دهشتگردن گشت ڪندڙ فوجي گاڏين کي نشانو بڻايو جنهن ۾ چڪوال جو رهاڪو ميجر عمر منهاس ناصر ۽ ڪوٽلي ستيان جو رهواسي حوالدار محمد عدنان شهيد ٿي ويا ٻئي طرف خيبرپختونخوا جي ضلعي اتر وزيرستان ۾ مير علي، دته خيل ۽ ڀرپاسي جي علائقن ۾ انٽيليجنس بنياد تي ڪيل آپريشنز دوران سيڪيورٽي فورسز 16 خوارجين کي ماري ڇڏيو مارجي ويلن ۾ به افغان شهري به شامل آهن جن جو تعلق پارٽ جي سرپرستي ۾ هلندڙ فتنہ الخوارج سان آهي آءِ ايس پي آر طرفان جاري پڌرائي موجب شديد فائرنگ جي ڏي وٺ ڪانيو 12 ڪلاڪن دوران علي خيل ۾ 12 خوارج (بن افغان شهرين سميت) مارجي ويا جڏهن ته مير علي ۽ دته خيل ۾ به 2، 2 خوارجن کي ماريو ويو ان ڪارروائي سان علائقي ۾ سرگرم خوارج جي نيٽ ورڪ کي ڪاري ضرب لڳي آهي انهن چڪرين دوران وطن جي ٻن بهادر پٽن حوالدار عصمت علي (عمر 43 سال صوابي) ۽ نائيڪ آفتاب علي (عمر 32 سال مردان) بهادري سان وڙهندي شهادت ماڻي مارجي ويل پارٽ جي سرپرستي ۾ ڪم ڪندڙ خوارج جي قبضي مان هٿيار ۽ بارود هٿ آيو آهي اهي عنصر بي گناهه شهرين جي قتل سميت ڪيترين ئي دهشتگردائين ڪارروائين ۾ ملوث هئا پڌرائي ۾ چيو ويو آهي ته انهن علائقن ۾ لڪيل باقي رهيل خوارجين جي خاتمي لاءِ سينيٽائيزيشن آپريشن جاري رهندا پاڪستان جي سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن طرفان عزم استحڪام (جنهن جي منظوري نيشنل ايڪشن پلان تي وفاقي ايپيڪس ڪميٽي ڏني هئي) جي تحت دهشتگردي خلاف مهم پوري شدت سان جاري رهندي، جنهن جو مقصد ملڪ مان پرڏيهي سرپرستي ۾ هلندڙ دهشتگردن جي لعنت کي پاڙ کان پٽي اڇلڻ آهي آءِ ايس پي آر چيو ته اهڙي طرح جون قربانيون اسان جي عزم کي وڌيڪ مضبوط ڪن ٿيون

بقايا 11 "روزاني عبرت"

قيد 2 ڪشميرين جي ضمانت واري درخواست رد ڪري ڇڏي آهي ڪشمير ميڊيا سروس مطابق جسٽس رجنيش اوسوال ۽ سنجي پريهار تي ٻڌل هاءِ ڪورٽ جي ڊويزن بينچ ضمانت کان انڪار جي ٽرائل ڪورٽ جي حڪم خلاف محمد ياسين ٻٽ ۽ محمد رفيق جي اپيلن کي خارج ڪري ڇڏيو انهن ٻنهي خلاف ڪاري قانون يو اي پي اي تحت ڪيس 2023ع ۾ سرينگر جي ڪوٺي باغ ٿاڻي ۾ قائم ڪيو ويو هو انهن خلاف فرد جرم پارٽي تحقيقاتي اداري جي هڪ خصوصي عدالت ۾ التوا هيٺ آهي. ٻنهي تي پارٽ مخالف سرگرمين ۾ حصو وٺڻ جو الزام لاڳو ڪيو ويو آهي

بقايا 12 "روزاني عبرت"

آگاهي احتياطي تدابيرن ۽ وقت سر سڃاڻپ جي ضرورت تي زور ڀريندي چيو آهي ته ذيابيطس هڪ وڏو عوامي صحت جو چئلنج بڻجي چڪو آهي ان کي منهن ڏيڻ لاءِ گڏيل ڪوششون اثر آهن چنجر ڏينهن پنهنجي بيان ۾ سينيٽ چيئرمين چيو ته صحت مند طرز زندگي، متوازن غذا ۽ باقاعده جسماني سرگرمين ذيابيطس جي خطرن ۾ گهٽتائي لاءِ اهم آهن معمول جي طبي معائني ۽ وقت سر علاج سان ذيابيطس جي پيچيدگين کان بچاءَ ممڪن آهي هن چيو ته ذيابيطس جي سڃاڻپ، علاج ۽ ضروري دوائن جي سستي ۽ آسان فراهمي يقيني بڻائي وڃي ڪمزور طبقن کي معياري طبي سهولتن تائين پهچ فراهم ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي عوامي آگاهي مهمات کي وسعت ڏيڻ ۽ احتياطي طبي سهولتن ۾ سيڙپڪاري اثر آهي هن چيو ته صحت مند، مضبوط ۽ خوشحال پاڪستان لاءِ صحت عامه جي شعبي تي خاص ڌيان ڏيڻو پوندو

بقايا 13 "روزاني عبرت"

فريال لغاري چنجر ڏينهن پرڏيهي وزارت ۾ ملاقات ڪئي ملاقات ۾ نائب وزيراعظم واپار توانائي علائقائي رابطن جي شعبن ۾ تعاون کي وڌيڪ وڌائڻ جي اهميت تي اجاگر ڪيو پرڏيهي آفيس جي ترجمان طرفان جاري ڪيل بيان موجب نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير ترڪمانستان سان لاڳاپن کي پاڪستان طرفان ڏنل اهميت تي زور ڀريو ۽ پاڪستان - ترڪمانستان گڏيل بين الحڪومتي ڪميشن جي ايندڙ اجلاس کي ٻطرفي تعاون کي هٿي ڏيڻ جو هڪ اهم موقعو قرار ڏنو هن خاص ڪري واپار، توانائي ۽ علائقائي رابطن جي شعبن ۾ تعاون کي وڌيڪ اڳتي وڌائڻ جي اهميت اجاگر ڪئي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير پاڪستان ۽ ترڪمانستان سان لاڳاپن کي وڌيڪ مستحڪم بڻائڻ لاءِ سفير جي مسلسل ڪوششن کي ساراهيو

بقايا 14 "روزاني عبرت"

پاڪستان شنگهائي تعاون تنظيم (ايس سي او) تحت نئين دهلي ۾ 20 کان 22 نومبر 2026ع تائين منعقد ٿيندڙ تهذيبي ڳالهين ۾ پاڪستان جي نمائندگي لاءِ موسمياتي تبديلي ۽ ماحولياتي هم آهنگي واري وفاقي وزير ڊاڪٽر مصدق ملڪ کي نامزد ڪيو ويو آهي پرڏيهي آفيس جي ترجمان پاران جاري ڪيل بيان موجب ڳالهين ۾ ايس سي او جي ميمبر ملڪن جا نمائندا شرڪت ڪندا، جتي تهذيبي ڳالهين ۽ ثقافتي تفهيم بابت معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ويندي بيان ۾ وڌيڪ چيو ويو ته حڪومت پاڪستان گڏيل احترام جي جذبي تحت تهذيبن وچ ۾ ڳالهين کي هٿي ڏيڻ ۽ ايس سي او جي پليٽ فارم ذريعي عوامي سطح تي رابطا مضبوط بڻائڻ جي عزم تي قائم آهي

بقايا 15 "روزاني عبرت"

گڏيل عرب امارات، انڊونيشيا، فلسطين، الجزائر موريطانيا، سوڊان، ليبيا، جبوتي، صوماليا، لبنان ۽ عمان جي پرڏيهي وزيرن خان يونس ۾ ناصر ميڊيڪل ڪامپليڪس تي اسرائيلي هوائي حملي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي آهي، جنهن جي نتيجي ۾ مريضن ۽ طبي عملي جا ماڻهو فوت ۽ زخمي ٿيا هي حملو عالمي انساني حقن جي قانون جي ڀڃڪڙي آهي جيڪو طبي مرڪزن ۽ طبي عملي کي خصوصي طور تي تحفظ فراهم ڪري ٿو پرڏيهي آفيس جي ترجمان پاران جاري ڪيل بيان موجب پرڏيهي وزيرن فلسطيني شهرين تي اسرائيل جي مسلسل حملن جي به مذمت ڪئي جنهن ۾ بي گهر ماڻهن کي پناهه ڏيندڙ خيمن ۽ ٻين هنڌن کي نشانو بڻائڻ به شامل آهي اهي حملا جنگ بندي ۽ غزه ۾ امن ۽ استحڪام جي بحالي جي ڪوشش کي نقصان پهچائن ٿا ۽ صدر ٽرمپ جي جامع منصوبي سان هڪجهڙائي نٿا رکن پرڏيهي وزيرن ان ڳالهه تي گهري ڳڻتي جو اظهار ڪيو ته اسرائيل پاران انساني امداد، خيمن، قافلن ۽ موبائل گهرن سميت رهائش لاءِ ضروري سامان ۽ طبي سامان جي پهچ تي مسلسل پابنديون سياري جي آمد سان گڏ غزه ۾ انساني بحران کي وڌيڪ سنگين بڻائي رهيون آهن اڻپوريون رهائشي سهولتون ۽ پاڻي صفائي سٿرائي ۽ صحت جي خدمتن جي خراب ٿيندڙ صورتحال شهرين جي زندگين کي شديد خطرن جي ور چاڙهي رهي آهي خاص ڪري ٻارن ۽ ڪيرپاڪ ٻارن جي زندگين کي، جن کي هڪ دفعو ٻيهر شديد سردي ۽ منجهيل گرمي پد سبب موت جي خطري ۾ آهن پرڏيهي وزيرن اسرائيل تي زور ڀريو ته هو عالمي برادري ۽ امن بورڊ طرفان امداد ۾ اضافي جي اپيلن تي ڌيان ڏئي ۽ شرم الشيخ معاهدي، صدر ٽرمپ جي جامع منصوبي ۽ گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي قرارداد 2803 (2025ع) تحت پنهنجين ذميوارين کي فوري طور تي ۽ مڪمل طور تي لاڳو ڪري اسرائيل کي جنگ بندي برقرار رکڻ گهرجي شهرين ۽ طبي مرڪزن جو تحفظ يقيني بڻائڻ گهرجي ۽ انساني امداد جي محفوظ، مسلسل ۽ بنا رڪاوٽ ترسيل کي يقيني بڻائڻ گهرجي ته جيئن ضرورت مطابق امدادي سامان پهچائي سگهجي ان ۾ رهائشگاهه لاءِ ضروري سامان شروعاتي بحالي جو سامان ۽ بنيادي ڍانچي جي بحالي جو سامان به شامل آهي اسرائيل کي گڏيل قومن جي ادارن ۽ انساني همدردي جي تنظيمن کي به بنا ڪنهن رڪاوٽ جي پنهنجا فرض ادا ڪرڻ جي اجازت ڏيڻ گهرجي. ان شروعاتي مرحلي جي معاهدي تي صحيحون ٿيندي ئي عملدرآمد شروع ٿيڻو هو اسرائيل کي گهرجي ته هو وڌيڪ ڪنهن دير يا اضافي شرطن کان سواءِ ان تي عملدرآمد ڪري، جنهن ۾ سياسي ۽ سيڪيورٽي سان لاڳاپيل شرطون شامل آهن جيڪي انساني امداد جي رسائي ۾ رڪاوٽ بڻجن ٿيون فوري انساني امداد جي فراهمي کي منصوبي جي ايندڙ مرحلن ۾ اڳڀرائي سان مشروط نه ڪرڻ گهرجي پرڏيهي وزيرن آمريڪا ۽ امن بورڊ کان مطالبو ڪيو ته اهي پنهنجي پنهنجي ڪردار تحت اسرائيل کي انهن واعدن تي مڪمل عملدرآمد جو پابند بڻائڻ ۽ انساني امداد جي آمد تي لاڳو سڀني پابندين کي ختم ڪرائڻ لاءِ پنهنجون ڪوششون تيز ڪن ته جيئن معاهدن جي ساک برقرار رهي ۽ جنگ بندي کي وڌيڪ مضبوط ڪري سگهجي پرڏيهي وزيرن ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ته هو علائقائي ۽ عالمي ڀائيوارن سان گڏجي جنگ بندي کي مستحڪم ڪرڻ منصوبي جي سڀني مرحلن تي عملدرآمد ڪرڻ ۽ انساني امداد ۾ اضافي لاءِ ڪم جاري رکندا ته جيئن فلسطيني ڀائر عوام جي مشڪلاتن ۽ مصيبتن ۾ گهٽتائي آڻي سگهجي

بقايا 16 "روزاني عبرت"

چڇپائيءَ جي ميڊيا ۾ شايع ٿيندڙ اشتهارن جي منفرد نمائش منعقد ڪئي وئي نمائش ۾ پراڻي دور کان وٺي جديد دور تائين اخبارن ۾ شايع ٿيندڙ اشتهارن کي پيش ڪيو ويو جڏهن ته اخبارن ۾ اشتهارن جي تاريخ ۽ ارتقائي سفر کي پڻ اجاگر ڪيو ويو نمائش جو مقصد ڇپائيءَ جي ميڊيا ۾ اشتهارن جي تاريخي اهميت ۽ ڪردار کي اجاگر ڪرڻ آهي ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب نمائش جو افتتاح ڪيو آهي تقريب ۾ اي پي اين ايس جو صدر سينيٽر سرمد علي، روزاني عبرت گروپ جو سرواڻ قاضي اسد عابد، قاضي مصطفيٰ اسد عباسي، ڪاوش گروپ جي سرواڻ اظهر قاضي، عوامي آواز جو چيف ايڊيٽر ڊاڪٽر جبار خٽڪ جاويد مهر شمسي، اقبال تنيو عمير عثمان، ممتاز ڦليوٽو منير جيلاني، همايون گلزار، طاهر حسن، حسينا جتوئي، طاهر قريشي، اويس راضي سميت مختلف اخبارن جي ايڊيٽرن شرڪت ڪئي ان موقعي تي اي پي اين ايس جي صدر سينيٽر سرمد علي خطاب ڪندي چيو ته هن نمائش ۾ اوهان کي پراڻي دور ۽ هن جديد دور جو اشتهار ملندي جيڪي پاڪستان جي تاريخ ۾ وڏي حيثيت رکن ٿا. هن نمائش ۾ آيل مهمان جو پڻ شڪريو ادا ڪيو ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب تقريب کي خطاب ڪندي چيو آهي ته مان چاهيان ٿو ته منهنجا ٻار هي نمائش ڏسن ۽ سڀ اچن هي نمائش ڏسن هڪ دور اهڙو ۽ هو جڏهن تخليقي صلاحيتن کي وڏي اهميت ڏني ويندي هئي اسان جو ماضي ڪيترو نه شاندار رهيو آهي ڪراچي جي ميئر بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته ماضي ۾ اخبارن جي اشاعت دوران مواد جي نقل بابت حڪومت جون پابنديون نه هونديون هيون هن چيو ته ڪي ايس سي جي انتظام هيٺ فريئر هال خالد ديڻ هال ڊينسو هال ۽ ڪي ايم سي هال ۾ وقت شهرين لاءِ موجود آهن مرتضيٰ وهاب چيو ته جيڪڏهن ڪو ڪانفرنس يا ادبي تقريب منعقد ڪرڻ چاهي ٿو ته ڪي ايم سي سنڌ سهڪار لاءِ تيار آهي مرتضيٰ وهاب چيو ته 29 نومبر تي ڇا ٿيڻ وارو آهي ۽ ڇا نه ان بابت ڳالهائڻ لاءِ هي مناسب وقت ۽ هنڌ ناهي جنهن کي جيڪو ڪرڻو آهي ان کي قانون جي دائري ۾ رهي ڪرڻ ڏنو وڃي هن چيو ته جڏهن مان تمر جي ٻيلن جو دورو ڪرڻ ويس ته اتي پاڻيءَ جي معيار کي ڏسي مون کي احساس ٿيو ته تمر جا ٻيلا ڪيتري اهميت رکن ٿا ۽ ماحولياتي نظام لاءِ ڪيترو ضروري آهن اي پي اين ايس جي سيڪريٽري جنرل اطهر قاضي چيو ته مان سڀني آيل مهمانن سينيٽر سرمد علي، مئير ڪراچي مرتضيٰ وهاب ۽ سڀني جو ٿورائتو آهيان پروگرام ۾ شرڪت ڪئي

بقايا 17 "روزاني عبرت"

فورسز جي ڪامياب انٽيليجنس بنياد تي ڪارروائي دوران پارٽي سرپرستي ۾ سرگرم 16 دهشتگردن کي مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو آهي ته ٻن افغان شهرين سميت 16 دهشتگردن جو خاتمو ملڪ دشمن عنصرن جي ناپاڪ ارادن خلاف اثرائتي ڪارروائي آهي جنهن سان دهشتگردن جي نيٽ ورڪ کي ڪاپاري ڌڪ رسيو آهي وڏي وزير چيو ته وطن جي دفاع خاطر جام شهادت نوش ڪندڙ حوالدار عصمت علي ۽ نائيڪ آفتاب علي کي سلام پيش ڪريون ٿا، شهيدن جون قربانيون سڄي قوم لاءِ فخر جو سبب ۽ قومي تاريخ جو روشن باب آهن هن چيو ته هو شهيدن جي وارثن جي ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهن الله تعاليٰ شهيدن جا درجا بلند فرمائي ۽ وارثن کي صبر جميل عطا ڪري

بقايا 18 "روزاني عبرت"

نه ڏيڻ تي چيف سيڪريٽري سنڌ، ڊي جي ڪي ڊي اي ۽ ٻين عملدارن خلاف توهين عدالت جي درخواست داخل ڪئي وئي آهي مجيبي ۽ ساٿين ايڊووڪيٽ عثمان فاروقي جي معرفت سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪرائي آهي درخواستگذارن جي وڪيل ايڊووڪيٽ عثمان فاروق موجب سنڌ هاءِ ڪورٽ 9 آڪٽوبر 2026ع تي ڊي جي ڪي ڊي اي کي ٻنهي پاءِ ۽ پيٽ کي ملازمت ڏيڻ جا حڪم جاري ڪيا هئا جڏهن ته عدالت معذورن جي ڪوٽا تي ڪن هفتن اندر عملدرآمد ۽ موجود خالي جاين تي شفاف طريقي سان مقررين ڪرڻ جي هدايت پڻ ڪئي هئي عدالت ٻنهي درخواستگذارن کي معذورن جي ڪوٽا تحت مستقل ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو صائمه مجيبي کي ڊي جي اي ڪانٽريڪٽ تي مقرر هئا ۽ گذريل ٻن کان ٽن سالن کان اداري ۾ خدمتون سرانجام ڏئي رهيا هئا.

بقايا 19 "روزاني عبرت"

جيڪڏهن ڪين آزادي لاءِ رليف گهرجي ته عدالتن سان رجوع ڪن پيپلز پارٽي صوبائي خودمختياري لاءِ 30 سالن تائين جدوجهد ڪئي ۽ سنڌ جي وحدت خلاف سنڌ اسيمبليءَ مان ٺهراءُ منظور ڪرايو سنڌ جو ورهاڱو ڪڏهن به ٿيڻ نه ڏينداسين اهڙن خيالن جو اظهار هن ڪالهه حيدرآباد ۾ پيپلز سيڪريٽريٽ ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو هن وڌيڪ چيو ته 18هين آئيني ترميم مان فائدو حاصل ڪندي پنهنجي صوبي جي وحدت کي يقيني بڻايو آهي اسان ڪي سنڌ جا ٽڪرا ناهن گهرجن نه ئي سنڌ جي جاگرافيائي حدن ۾ تبديلي چاهيون ٿا ۽ نه ئي ڪئنال ڪڍڻ جي حق ۾ آهيون هن چيو ته صوبن بابت محسن نقوي 50 پيرا ۾ ڪجهه چئي ٿو ان سان ڪو فرق نٿو پوي جڏهن ڪيس 28 هين آئيني ترميم جي ئي ڄاڻ ناهي ته هو ان بابت ڪهڙي راءِ ڏئي سگهي ٿو اسان جمهوريت کي مضبوط ڏسڻ چاهيون ٿا. بلاول ڀٽو زرداري اليڪشن ڪميشن کي تڪراري بڻائڻ کان روڪڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. نثار احمد کهڙي چيو ته 30 نومبر تي ٿيندڙ جلسي ۾ پارٽي جي منشور کي اجاگر ڪيو ويندو پيپلز پارٽي پنهنجي منشور "روٽي ڪپڙا ۽ مڪان" تحت 10 لک مستحق خاندانن کي گهر ٺهرائي ڏنا آهن ۽ عورتن کي گهرن جا مالڪاڻا حق ڏنا ويا آهن غربت جي خاتمي لاءِ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام شروع ڪيو ويو هن چيو ته سمورن سياسي پارٽين کي گهرجي ته پاڻ ۾ ويڙهه ۽ اختلاف ختم ڪري 18هين آئيني ترميم واڱر متحد ٿين ۽ چونڊن جي تياري شروع ڪن ملڪ ۾ ٿيل ٻئي ريفرنڊم غير آئيني ۽ غير قانوني هئا. جڏهن آئين ۾ واضح طور تي سڀ ڪجهه لکيل آهي ته پوءِ ريفرنڊم جي ضرورت ڇو محسوس ڪئي پئي وڃي هن وڌيڪ چيو ته بلاول ڀٽو زرداري جو موقف آهي ته پارليامينٽ کي مضبوط بڻايو وڃي ته جيئن جمهوريت مستحڪم ٿي سگهي اسان هميشه جمهوريت کي اوليت ڏني آهي ۽ ان جي مضبوطي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي. پيپلز پارٽي چوٿون پيرو اسيمبلين جو مدو مڪمل ڪرڻ طرف وڌي رهي آهي هن چيو ته اسان ڪوشش ڪري رهيا آهيون ته ملڪ ۾ اهڙو چونڊ نظام آندو وڃي جنهن تي ڪنهن کي به اعتراض نه هجي 2015ع ۾ پارٽي ڪيس سنڌ جو صدر مقرر ڪيو هو اسان 2013ع کانپوءِ 2018ع ۽ پوءِ 2024ع جي چونڊن ۾ تاريخي ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن حيدرآباد اچڻ جو مقصد پارٽي جي تنظيمي جوڙجڪ ڪرڻ آهي ۽ وارڊ سطح تائين تنظيم سازي کي يقيني بڻايو ويندو هن چيو ته نوڪرين تي ڪيترن ئي سالن کان پابنديون لڳل رهيون آهن ۽ عدالتن به پابنديون لڳايون هيون هن هڪ سوال جي جواب ۾ چيو ته اسان صحافين جي مسئلن تي هميشه ڳالهه ڪئي آهي هن چيو ته حڪومت ڪنهن به سياسي پارٽي کي جلسا ڪرڻ کان نٿي روڪي، پر 29 نومبر تي ٻن سياسي پارٽين پاران هڪ ئي ڏينهن جلسو ڪرڻ جو اعلان ٽڪراءَ جو سبب بڻجي سگهي ٿو جنهن تي حڪومت ڌيان ڏيندي بهرحال جيڪڏهن محسن نقوي خاموش ٿي وڃي ته پوءِ جلسا نه ٿيندا ان موقعي تي پ پ حيدرآباد ڊويزن جي صدر سينيٽر عاجز ڌامراهه، وڏي وزير سنڌ جو صلاحڪار گيان چند ايسراڻي قومي اسيمبليءَ جو ميمبر ۽ پ پ حيدرآباد ضلعي جو صدر طارق شاهه جاموٽ، ڊپٽي ميئر حيدرآباد صغير احمد قريشي، وسيم راجپوت، اظهر سيال سميت ٻيا پارٽي اڳواڻ ۽ ڊميوار ساٿس گڏ موجود هئا

بقايا 20 "روزاني عبرت"

مارڪيٽ ۾ چنجر ڏينهن سون ۽ چانديءَ جي قيمتن ۾ گهٽتائي رڪارڊ ٿي، جنهن جي نتيجي ۾ 24 قيراط في تولو سون جي قيمت 700 روپين جي گهٽتائي ڪانپوءِ 4 لک 10 هزار 936 روپين جو ٿي ويو آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن مطابق 10 گرام 24 قيراط سون جي قيمت 600 رپيا گهٽتائي سان 3 لک 52 هزار 311 روپيا، جڏهن ته 10 گرام 22 قيراط سون جي قيمت 550 رپيا گهٽتائي ڪانپوءِ 3 لک 22 هزار 963 روپيا رڪارڊ ڪئي وئي عالمي مارڪيٽ ۾ به سون جي قيمت 7 ڊالر جي گهٽتائي ڪانپوءِ 3 هزار 884 ڊالر في اونس ٿي وئي ٻئي طرف مقامي مارڪيٽ ۾ چانديءَ جي في تولو قيمت 124 روپين جي گهٽتائي سان 5 هزار 343 روپيا، جڏهن ته 10 گرام چانديءَ جي قيمت 107 روپين جي گهٽتائي ڪانپوءِ 4 هزار 580 روپيا ٿي وئي ايسوسيئيشن مطابق عالمي مارڪيٽ ۾ چانديءَ جي قيمت به 1.24 ڊالر جي گهٽتائي ڪانپوءِ 48.65 ڊالر في اونس رڪارڊ ڪئي وئي

بقايا 21 "روزاني عبرت"

ٿي ويا پرڏيهي ميڊيا مطابق پوليس اختيارين ٻڌايو ته حادثو اتر اوڀر رياست آسام ۾ ڪازيرنگا نيشنل پارڪ پرسان هڪ شاهراهه تي پيش آيو اها شاهراهه جهنگلي حيات جي چرپر لاءِ مخصوص راهداري آهي جتي گاڏين جي رفتار محدود رکڻ جا سخت قانون لاڳو آهن مقامي ضلعي پوليس سربراهه سوپنل ڊيڪا ٻڌايو ته حادثي ۾ فوتين ۽ زخمين جو انگ 23 آهي آسام جي وزيراعليٰ حادثي تي افسوس جو اظهار ڪيو آهي

بقايا 22 "روزاني عبرت"

جي هائوسنگ اسڪيم "پنهنجو گهر اسڪيم" سبب تعميراتي سرگرمين ۾ واڌ ٿي رهي آهي جيڪا ملڪي معيشت ۽ تعميراتي صنعت لاءِ هڪ خوش آئند اڳڀرائي آهي حڪومت پاران گهرن جي تعمير لاءِ سهولتون ۽ مالي مدد فراهم ڪرڻ سان نه رڳو عام شهرين کي پنهنجي ڇت حاصل ڪرڻ جو موقعو ملندو پر تعميراتي شعبي ۽ ان سان لاڳاپيل ڪيترين ئي صنعتن ۾ پڻ ڪاروباري سرگرمين کي هٿي ملندي آباد هائوس ۾ تعميراتي شين جي ڪن ڏينهن واري اندروني نمائش جي ٻئي ڏينهن مختلف ڏيلي صنعتن جي اسٽالن جي دوري دوران ڳالهائيندي محمد حنيف گوهر چيو ته نمائش جو بنيادي مقصد بلڊرز ڊيولپرز ڊاهيندڙن ۽ تعميراتي شعبي سان لاڳاپيل ڪمپنين کي هڪ ئي پليٽ فارم تي گڏ ڪرڻ آهي، جيئن انهن وچ ۾ ڪاروباري لاڳاپا مضبوط ٿين ۽ تعميراتي شعبي ۾ گڏيل سهڪار کي هٿي ملي هن آباد جي سمورن ميمبرن، بلڊرز ڊيولپرز ۽ لاڳاپيل صنعتن سان وابسته ادارن کي اپيل ڪئي ته اهي آباد جي اندروني نمائش ۾ ڀرپور شرڪت ڪن ۽ پنهنجون شين ۽ خدمتن متعارف ڪرائڻ لاءِ هن موقعي مان ڀرپور فائدو وٺن هن چيو ته تعميراتي صنعت سان لاڳاپيل سمورن ڌرين لاءِ هي بهترين موقعو آهي ته اهي هڪ ٻئي سان سڌو سنئون ڪاروباري رابطا قائم ڪن. جديد تعميراتي شين بابت ڄاڻ حاصل ڪن ۽ پنهنجو ڪاروبار وڌائين آباد جي چيئرمين چيو ته پنهنجو گهر اسڪيم ذريعي تعميراتي شعبي ۾ تيزي ايندي سرگرمين مان ڀرپور فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته بلڊرز ۽ ڊيولپرز هن موقعي کي اثرائتي نموني استعمال ڪن حڪومت جي هائوسنگ پاليسين ۽ خانگي شعبي جي سهڪار سان ملڪ ۾ گهرن جي تعمير جو عمل تيز ڪري سگهجي ٿو جنهن سان روزگار جا نوان موقعا پڻ پيدا ٿيندا هن چيو ته تعميراتي صنعت ملڪي معيشت ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي ۽ ان سان لاڳاپيل مختلف صنعتن جي ترقي پڻ هن شعبي جي مضبوطيءَ سان جڙيل آهي آباد جي اندروني نمائش جو مقصد ۽ تعميراتي صنعت کي وڌيڪ سرگرم ڪرڻ مقامي شين کي هٿي ڏيڻ ۽ ڪاروباري سرگرمين جا نوان موقعا پيدا ڪرڻ آهي محمد حنيف گوهر اميد ظاهر ڪئي ته آباد جي اندروني نمائش ۾ بلڊرز ڊيولپرز ۽ تعميراتي شين تيار ڪندڙ ڪمپنين جي ڀرپور شرڪت سان صنعتن وچ ۾ سهڪار وڌندو ۽ پنهنجو گهر اسڪيم تحت شروع ٿيندڙ تعميراتي سرگرمين کي وڌيڪ هٿي ملندي

بقايا 23 "روزاني عبرت"

کي گولين جو نشانو بڻائي قتل ڪري ڇڏيو ۽ واردات بعد فرار ٿي ويا. واقعي جي اطلاع تي لکي غلام شاهه پوليس پهچي مقتول جو لاش تعلقه اسپتال منتقل ڪيو جتي ضروري قانوني ڪارروائي ۽ پوسٽ مارٽم بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو مقتول جو مڙهه ڳوٺ پهچڻ تي گهراڻين ۾ ڪهرام مچي ويو ۽ علائقي ۾ سوڳ جي لهر ڇانئجي وئي ٻئي طرف لکي غلام شاهه پوليس جوابدارن جي گرفتاري لاءِ واقعي واري هنڌ تان شاهدين گڏ ڪري پيرا کنيا ۽ ڏوهارين جي ڳولا شروع ڪري ڇڏي آهي آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو جڏهن ته قتل جو ڪارڻ پڻ معلوم نه ٿي سگهيو هو

بقايا 24 "روزاني عبرت"

ڪندي ڦرلٽ ۽ اسٽريٽ ڪرائم جي ڪيترين ئي وارداتن ۾ ملوث "ڪوڻي گروهه" سان تعلق رکندڙ 7 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي رينجرز ترجمان موجب گرفتار جوابدارن ۾ حسنين عرف غفور واصف، جبران، مدثر ڪبير بنگالي عبدالماجد ۽ محمد اعجاز شامل آهن جن جي قبضي مان 3 غيرقانوني پسٽول گولين سميت، 2 موٽرسائيڪلون 14 موبائل فون ۽ نقد رقم هٿ ڪئي وئي آهي ترجمان موجب گرفتار جوابدار سرجاني ٽائون، ڀرپاسي وارن علائقن ۾ هٿيارن جي زور تي شهرين کان موٽرسائيڪلون ليپ ٽاپ، موبائل فون ۽ نقد رقم ڦرڻ سميت اسٽريٽ ڪرائم ۽ غيرقانوني هٿيار رکڻ جي ڪيترين ئي وارداتن ۾ ملوث آهن گرفتار جوابدار حسنين ۽ ڪبير عادي ڏوهاري آهن جن خلاف ڪراچي جي مختلف ٿاڻن تي ڪيترائي ڪيس داخل آهن جوابدار ڦريل موٽرسائيڪلن جا پرزا کولي وڪرو ڪندا هئا، جڏهن ته جوابدار محمد اعجاز 2024ع کان نيو ڪراچي ۾ ڦر ڪيل موبائل فونن جا آءِ ايم اي آءِ نمبر تبديل ڪري انهن جي خريد ۽ وڪري جو ڪاروبار ڪري رهيو هو رينجرز ترجمان وڌيڪ ٻڌايو ته گرفتار جوابدارن جي ٻين ساٿين جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن جڏهن ته گرفتار جوابدارن کي هٿيارن، گولين ۽ هٿ آيل سامان سميت وڌيڪ قانوني ڪارروائي لاءِ پوليس حوالي ڪيو ويو آهي رينجرز عوام کي اپيل ڪئي آهي ته ڏوهن جي خاتمي لاءِ اهڙن عنصرن بابت فوري اطلاع ويجهي رينجرز چيڪ پوسٽ، هيلپ لائن 1101 يا واٽس ايپ نمبر 03479001111 تي ڪال يا ايس ايم ايس ذريعي ڏين اطلاع ڏيندڙ جو نالو راز ۾ رکيو ويندو

بقايا 25 "روزاني عبرت"

افنان الله خان گورنر هائوس ۾ ملاقات ڪئي ملاقات دوران ملڪ جي مجموعي معاشي صورتحال اقتصادي سڌارن ۽ سيڙپڪاري جي فروغ بابت مختلف معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ان موقعي تي سينيٽ جي اسٽينڊنگ ڪميٽي براءِ نجڪاري جي معاملن ۽ ان جي ملڪي معيشت تي پوندڙ اثرن تي پڻ ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي سرڪاري ادارن جي نجڪاري واري عمل ان ۾ شفافيت جي يقيني بڻائڻ ۽ معاشي استحڪام لاءِ ان جي اثرائتي ڪردار بابت پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي گڏيل ملڪي معيشت جي بهتري، سيڙپڪارن جي اعتماد وڌائڻ ۽ ڪاروباري سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ جي اهميت تي زور ڏنو ويو.

بقايا 26 "روزاني عبرت"

شاهه ڪراچي ۾ اوچتو دل جو دورو پوڻ جي نتيجي ۾ لاڏاڻو ڪري ويو آهي جنهن جي جنازي نماز مسجد يثرب فيز 4 ڊي ايڇ اي ڪراچي ۾ ادا ڪئي وئي، جنازي نماز ۾ وڏي انگ ۾ سياسي سماجي اڳواڻن سرڪاري بيوروڪريسي، مرحوم جي عزيزن مائٽن دوستن احبابن پڻ شرڪت ڪئي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سينيئر صحافتي ذوالفقار شاهه جي ڀاءُ سنڌ ٽوئرزم ڊولپمينٽ ڪارپوريشن جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر فياض علي شاهه جي جنازي نماز ۾ شرڪت ڪئي جنازي نماز ۾ چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهه، صوبائي وزيرن سيد ذوالفقار شاهه، سيد رياض شاهه شيرازي، سينيٽر وقار مهدي، اڳوڻي ايم اين اي خادم علي شاهه آرٽس ڪائونسل ڪراچي جي صدر احمد شاهه، پاڪستان براڊڪاسٽ ايسوسيئيشن جي عهديدارن صحافتي، سماجي ۽ سياسي شخصيتن سميت ٻين شرڪت ڪئي وڏي وزير جي ترجمان موجب فياض علي شاهه دل جو دورو پوڻ سبب لاڏاڻو ڪري ويو هو مرحوم فياض علي شاهه سنڌ ٽوئرزم ڊولپمينٽ ڪارپوريشن جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر طور سياحت جي شعبي جي ترقي ۽ بهتري لاءِ وڏيون خدمتون سرانجام ڏنيون وڏي وزير چيو ته سياحت جي فروغ، نون منصوبن جي شروعات ۽ تفريحي ماڳن جي بهتري لاءِ فياض علي شاهه جون خدمتون ساراهه جوڳيون آهن مرحوم هڪ محنتي ۽ قابل آفيسر هو جنهن سياحت جي واڌاري لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو وڏي وزير سيد مراد علي شاهه فياض علي شاهه جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي مرحوم جي وارثن، عزيزن ۽ سينيئر صحافتي ذوالفقار شاهه سان دلي تعزيت ڪئي هن دعا ڪئي ته الله تعاليٰ مرحوم فياض علي شاهه کي پنهنجي جوار رحمت ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي ۽ پوئين کي صبر جميل عطا ڪري پاسي سنڌ جي سياحت کاتي جو مئنيجنگ ڊائريڪٽر سيد فياض علي شاهه دل جو دورو پوڻ سبب لاڏاڻو ڪري ويو ثقافت، سياحت کاتي جي ترجمان موجب صوبائي وزير ثقافت، سياحت ۽ نوادرات سيد ذوالفقار علي شاهه سيد فياض علي شاهه جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي مرحوم جي وارثن سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪيو آهي. صوبائي وزير چيو ته سيد فياض علي شاهه سياحت کاتي جي بهتري ۽ ترقي لاءِ بهترين خدمتون سرانجام ڏنيون ترجمان موجب مرحوم ڊيزرٽ ٽرين، لاڙڪاڻو ٽرين ۽ ڪينجهر ڍنڍ سميت مختلف تفريحي ماڳن جي بهتري ۽ ترقي ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيس جڏهن ته سياحت کاتي کي مالي خساري مان ڪڍي ان جي مالي حيثيت بهتر بڻائڻ ۾ پڻ اهم ڪاميابي حاصل ڪئي سياحت جي شعبي بابت سندس مهارت، دلچسپي ۽ خدمتون ساراهه جوڳيون هيون سنڌ جي ثقافت ۽ سياحت کاتي پاران مرحوم سيد فياض علي شاهه جي خدمتن کي ڀيٽا پيش ڪندي سندس مغفرت ۽ درجات جي بلنديءَ لاءِ دعا ڪئي وئي آهي

بقايا 27 "روزاني عبرت"

جي ٽن عورتن سميت 6 ڄڻا هرچند ڪيچي ڪولهي، شريمتي ڪيشي، شريمتي ٻالو، شريمتي شمون، ٽينگري توران ۽ ٽينگر ٻرلو سخت زخمي ٿي پيا جن کي علاج لاءِ تعلقه اسپتال ڪنڊيارو آندو ويو متاثر خاندان ڪنڊرجام کان شهدادپور وڃي رهيو هو ته اهو واقعو پيش آيو پوليس ٽرڪ ڊرائيور کي حراست ۾ وٺي وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي.

بقايا 28 "روزاني عبرت"

ٽڪر جنهن جي نتيجي ۾ هڪ عورت سميت ٻه ڄڻا زخمي ٿي پيا زخمين ۾ مسمات زاهده سومرو ۽ عبدالواحد سومرو شامل آهن جيڪي احمدپور جا رهاڪو ٻڌايا ٿا جڏهن ته ڪوچ ڊرائيور فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو جڏهن ته ٻيو روڊ حادثو اي پي سيڪشن ٿاڻي جي حد سپرهائي سائنس ڪاليج وٽ پيش آيو جنهن ۾ ٽرالر ۽ موٽرسائيڪل وچ ۾ ٽڪر ٿيو جنهن جي نتيجي ۾ حاڪم علي ٻروهي ٿڌي تي فوت ٿي ويو حادثي جي اطلاع تي پوليس فوتي جو لاش سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو پوليس موجب لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو

بقايا 29 "روزاني عبرت"

اسلام آباد ۾ منعقد ٿيندڙ مذهبي معاملن واري وزارت جي ترجمان مطابق ان عالمي مقابلي جو مقصد قرآن ڪريم جي تعليمي پيغام هدايت ۽ قرآءت جي فن کي هٿي ڏيڻ سان گڏوگڏ اسلامي دنيا وچ ۾ ديني ۽ روحاني رابطن کي وڌيڪ مستحڪم ڪرڻ آهي ان عالمي مقابلي ۾ شرڪت لاءِ اسلامي تعاون تنظيم جي 57 ملڪن سميت 11 ٻين ملڪن جي مشهور قرآءت ڪندڙن کان نامزدگيون طلب ڪيون ويون آهن جن ۾ روس، بوسنيا هرزيگوينا، ڀارت، چين، ايٿوپيا، فلپائين، جرمني، تنزانيه، فرانس، ڪينيا ۽ مالديپ شامل آهن ترجمان مطابق هن وقت تائين 31 ملڪ جي مشهور قرآءت ڪندڙن جون نامزدگيون ملي چڪيون آهن جڏهن ته شرڪت ڪندڙ قارين کي ويزائون جاري ڪيون ويون آهن مصر ۽ ايران مان مشهور استاد ججز طور مقابلي ۾ شرڪت ڪندا جڏهن ته پاڪستان جي نمائندگي مشهور عالمي قاري، قاري سيد صداقت علي ڪندو مقابلي جي ڪامياب بندوبست لاءِ سمورا ضروري سفري، انتظامي ۽ لاجسٽڪ انتظام به مڪمل ڪيا ويا آهن اهو عالمي مقابلو قرآن ڪريم جي تلاوت جي اعليٰ فن کي هٿي ڏيڻ، قرآن جي علم سان وابستگي ۽ مختلف ملڪن جي قرآءت ڪندڙن وچ ۾ علمي ۽ فني متاستا جو اهم ذريعو ثابت ٿيندو اهو عالمي ميزاڪو پاڪستان جي هاڪاري سڃاڻپ کي اجاگر ڪرڻ ۽ عالمي سطح تي ديني ۽ ثقافتي رابطن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۾ به مددگار ثابت ٿيندو

بقايا 30 "روزاني عبرت"

تفصيل موجب ٿري ميرواهه جي ڳوٺ شاهه محمد لغاري ۾ زميني تڪرار تان عورت ٻانڪي چلڪري کي قتل ڪيو ويو جنهن بعد مقتوله جي وارثن پاران جوابدارن جي گرفتاري لاءِ عورت جو لاش مهراڻ نيشنل هاءِ وي تي رکي ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ وارثن جو چوڻ هو ته سنڌن عورت کي زميني تڪرار تان بي رحميءَ سان قتل ڪيو ويو آهي ۽ واقعي ۾ ملوث جوابدار اڃا تائين گرفتار نه ٿي سگهيا آهن ڌرڻو 6 ڪلاڪن تائين جاري رهيو جنهن بعد ڊي ايس پي ٿري ميرواهه پاران مقتول عورت قتل ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي يقين ڏيارڻ تي جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويندو جڏهن ته ڌرڻو ختم ڪيو ويو جڏهن ته مقتول عورت جي مڙس جي فرياد تي 16 جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو آهي

بقايا 31 "روزاني عبرت"

احمد کهڙو جي موجودگي ۾ ڪراچيءَ ۾ ٢٩ نومبر تي جلسي ۽ مارچ جو اعلان ڪرڻ ڪانيو ايم ڪيو ايم پاران ساڳئي تاريخ تي جلسي جو اعلان ڪرڻ سراسر شرارت آهي اهڙن خيالن جو اظهار هن ڪراچي پار ڪي خطاب ڪرڻ ڪانيو صحافين سان ڳالهائيندي ڪيو ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته مان وفاقي حڪومت کي چوان ٿو ته پنهنجي وفاقي وزير خالد مقبول صديقي کي هدايت ڪري ته هو مصطفيٰ ڪمال کي لغام ڏئي ۽ سنڌ جي وحدت خلاف شرارتن کان پاسو ڪري، ڪراچيءَ ۾ اوچتو جلسي جي اجازت ڏيڻ جي ڪا به ضرورت ناهي ڪنهن به صورت ۾ ڪين اجازت نه ڏني وڃي سرڪاري وسيلن سرڪاري هنڌن ۽ لائوڊ اسپيڪرن جي استعمال بابت قانون ۽ ضابطن تي عمل ڪرايو وڃي اسان سنڌ جي ورهاڱي ۽ انتظامي يونٽ ناهڻ خلاف ٢٩ نومبر تي ڪراچيءَ ۾ ٿيندڙ مارچ ۾ هر صورت ۾ پهچنداسين ايم ڪيو ايم جي گروپ بندي ۽ ڌڙٻندي بابت پڇيل سوال جي جواب ۾ ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته اها سنڌ جي ڪاميابي آهي جو اسان جي جدوجهد ڪانيو ايم ڪيو ايم ٻيهر پنهنجي پراڻي روش اختيار ڪندي شرارتون ڪرڻ شروع ڪيون آهن اسان سنڌ جي وحدت ۽ بقا لاءِ هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهيون

بقايا 32 "روزاني عبرت"

علائقي ۾ هنڊي ۽ حوالا جي غيرقانوني ڪاروبار خلاف ڪارروائي ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪري سندن جي قبضي مان 6 لک پاڪستاني روپيا، 10 هزار اماراتي درهم ۽ 16 هزار 500 سعودي ريال هٿ ڪيا ويا، جڏهن ته مختلف چيڪ بڪ ۽ 3 موبائل فون ۽ هنڊي حوالا جي غيرقانوني مالي سرگرمين بابت ڊجيٽل ثبوت تي ٻڌل هڪ ليپ ٽاپ پڻ تحويل ۾ ورتو ويو ايف آءِ اي موجب گرفتار جوابدارن کي وڌيڪ قانوني ڪارروائي لاءِ ڪمرشل بئنڪس سرڪل ڪراچي جي ٿاڻي منتقل ڪيو ويو آهي.

بقايا 33 "روزاني عبرت"

مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ 5 ڄڻا فوت ٿي ويا. ڪالهه سرجاني ٽائون جي خدا جي بستي فيز 2 ۾ ٽي ايف ايف اسڪول ويجهو هڪ گهر مان 19 ورهين جي نوجوان جو ڦاهو ڪاڌل لاش هٿ آيو آهي جيڪا اختيارين موجب نوجوان جو لاش گهر مان هٿ اچڻ بعد ايمبولينس ذريعي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي سندس سڃاڻپ محمد علي ولد حيدر علي طور ڪئي وئي سرجاني ٿاڻي جي هيڊ محرر ساجد ٻڌايو ته پوليس کي واقعي بابت اطلاع ملي آهي جڏهن ته واقعي جي مختلف رخن کان جاچ ڪئي پئي وڃي بلال ڪالوني ٿاڻي جي حد خواجا اجمير نگري جي علائقي ۾ روڊ حادثي ۾ زخمي ٿيل 42 سالن جو شخص نسيم ولد قمرو دين اسپتال ۾ علاج جي دوران فوت ٿي ويو شاهه فيصل ڪالوني نمبر 5 جي ويجهو گهر مان 35 سالن جي شخص عمير ولد محمد اسلم جو ڦندو ٻڌل لاش مليو شاهه لطيف ٿاڻي جي حد رزاق آباد پرسان پورٽ قاسم موڙ لڳ روڊ حادثي ۾ 35 سالن جو نامعلوم شخص فوت ٿي ويو آهي سائٽ سپر هاءِ وي انڊسٽريل ايريا ٿاڻي جي حد نيو ڪراچي انڊسٽريل ايريا ويجهو نور محمد ڳوٺ جي لڳ گهر مان نامعلوم شخص جو لاش مليو سائيٽ ايريا ميڊيسن ڪمپني جي ويجهو تيز ٽريلر جي ٽڪر جي نتيجي ۾ واڪهڙو حيدر علي فوت ٿي ويو آهي

بقايا 34 "روزاني عبرت"

پڳ 90 ڪلو سون ڪيڏيو پٽي ويو ۽ ان مان حاصل ٿيندڙ رقم جو وڏو حصو افغانستان منتقل ٿي رهيو هو پريس ڪانفرنس ڪندي گورنر چيو ته غيرقانوني ڪانين خلاف ڪارروائي دوران انڪشاف ٿيو آهي ته هن ڪاروبار کي 12 سياستدانن يا انهن سان لاڳاپيل ماڻهن جي پٺڀرائي حاصل هئي هنن ۾ اڳوڻي وڏي وزير سهيل آفريدي جو پاءُ نويد، تحريڪ انصاف جا شهريار آفريدي ۽ آفتاب عالم سينيٽر خرم ذيشان پيپلزپارٽي جو امجد آفريدي ۽ جي يو آءِ جو سينيٽر گوهر سيف الله شامل آهن فيصل ڪريم ڪنڊي چيو ته سون جي سمورن ليزن کي رد ڪيو ويو آهي ۽ غيرقانوني ڪانين جي جاچ لاءِ هاءِ ڪورٽ جي اڳوڻي جج جي سربراهي ۾ عدالتي ڪميشن قائم ڪئي ويندي جاچ دوران جيڪو به سياستدان يا سرڪاري آفيسر ملوث ثابت ٿيو ان خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي هن ليز هولڊرن ۽ ٺيڪيدارن کي هڪ هفتي اندر گهري مشينري لاڳاپيل علائقن مان هٽائڻ جي مهلت ڏيندي چيو ته مقرر وقت ڪانيو مشينري ضبط ڪئي ويندي. گورنر موجب غيرقانوني سون جي ڪوٽائي ۾ هزارين ٽريڪٽر ۽ ٽرالين 1730 ڳرا ڊمپر ۽ وڏي انگ ۾ مزدور استعمال ٿي رهيا هئا ڪوهاٽ ۾ غيرقانوني سون جي ڪوٽائي خلاف وڏي ڪارروائي دوران پوليس جا جوان بهادري سان وڙهيا، پر آپريشن ڪانيو وايس وينڊ پوليس تي فتنہ الخوارج حملو ڪيس جنهن ۾ هڪ ڊي ايس پي سميت 10 پوليس اهلڪار شهيد ٿي ويا، جڏهن ته جوابي ڪارروائي ۾ 11 خوارج مارجي ويا. فيصل ڪريم ڪنڊي شهيد ڊي ايس پي حيدر زمان جي نالي سان ٽاسڪ فورس قائم ڪرڻ جو اعلان ڪندي چيو ته پوليس اهلڪارن کي شهيد ڪندڙن خلاف ڪا به رعايت نه ڪئي ويندي ۽ ڪين قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو هن چيو ته گذريل 13 سالن دوران خيبرپختونخوا جا وسيلا لٽيا ويا، پر هاڻي صوبي ۾ جزا ۽ سزا جو نظام لاڳو ڪيو ويندو حڪومت جو مقصد قدرتي وسيلن کي استعمال ڪري صوبي ۾ ترقي، خوشحالي ۽ روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ آهي پڳ 90 ڪلو سون ڪيڏيو پٽي ويو ۽ ان مان حاصل ٿيندڙ رقم جو وڏو حصو افغانستان منتقل ٿي رهيو هو پريس ڪانفرنس ڪندي گورنر چيو ته غيرقانوني ڪانين خلاف ڪارروائي دوران انڪشاف ٿيو آهي ته هن ڪاروبار کي 12 سياستدانن يا انهن سان لاڳاپيل ماڻهن جي پٺڀرائي حاصل هئي هنن ۾ اڳوڻي وڏي وزير سهيل آفريدي جو پاءُ نويد، تحريڪ انصاف جا شهريار آفريدي ۽ آفتاب عالم سينيٽر خرم ذيشان پيپلزپارٽي جو امجد آفريدي ۽ جي يو آءِ جو سينيٽر گوهر سيف الله شامل آهن فيصل ڪريم ڪنڊي چيو ته سون جي سمورن ليزن کي رد ڪيو ويو آهي ۽ غيرقانوني ڪانين جي جاچ لاءِ هاءِ ڪورٽ جي اڳوڻي جج جي سربراهي ۾ عدالتي ڪميشن قائم ڪئي ويندي جاچ دوران جيڪو به سياستدان يا سرڪاري آفيسر ملوث ثابت ٿيو ان خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي هن ليز هولڊرن ۽ ٺيڪيدارن کي هڪ هفتي اندر گهري مشينري لاڳاپيل علائقن مان هٽائڻ جي مهلت ڏيندي چيو ته مقرر وقت ڪانيو مشينري ضبط ڪئي ويندي. گورنر موجب غيرقانوني سون جي ڪوٽائي ۾ هزارين ٽريڪٽر ۽ ٽرالين 1730 ڳرا ڊمپر ۽ وڏي انگ ۾ مزدور استعمال ٿي رهيا هئا ڪوهاٽ ۾ غيرقانوني سون جي ڪوٽائي خلاف وڏي ڪارروائي دوران پوليس جا جوان بهادري سان وڙهيا، پر آپريشن ڪانيو وايس وينڊ پوليس تي فتنہ الخوارج حملو ڪيس جنهن ۾ هڪ ڊي ايس پي سميت 10 پوليس اهلڪار شهيد ٿي ويا، جڏهن ته جوابي ڪارروائي ۾ 11 خوارج مارجي ويا. فيصل ڪريم ڪنڊي شهيد ڊي ايس پي حيدر زمان جي نالي سان ٽاسڪ فورس قائم ڪرڻ جو اعلان ڪندي چيو ته پوليس اهلڪارن کي شهيد ڪندڙن خلاف ڪا به رعايت نه ڪئي ويندي ۽ ڪين قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو هن چيو ته گذريل 13 سالن دوران خيبرپختونخوا جا وسيلا لٽيا ويا، پر هاڻي صوبي ۾ جزا ۽ سزا جو نظام لاڳو ڪيو ويندو حڪومت جو مقصد قدرتي وسيلن کي استعمال ڪري صوبي ۾ ترقي، خوشحالي ۽ روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ آهي

بقايا 35 "روزاني عبرت"

گڏيل عرب امارات، انڊونيشيا، فلسطين، الجزائر موريطانيا، سوڊان، ليبيا، جبوتي، صوماليا، لبنان ۽ عمان جي پرڏيهي وزيرن خان يونس ۾ ناصر ميڊيڪل ڪامپليڪس تي اسرائيلي هوائي حملي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي آهي، جنهن جي نتيجي ۾ مريضن ۽ طبي عملي جا ماڻهو فوت ۽ زخمي ٿيا هي حملو عالمي انساني حقن جي قانون جي ڀڃڪڙي آهي جيڪو طبي مرڪزن ۽ طبي عملي کي خصوصي طور تي تحفظ فراهم ڪري ٿو پرڏيهي آفيس جي ترجمان پاران جاري ڪيل بيان موجب پرڏيهي وزيرن فلسطيني شهرين تي اسرائيل جي مسلسل حملن جي به مذمت ڪئي جنهن ۾ بي گهر ماڻهن کي پناهه ڏيندڙ خيمن ۽ ٻين هنڌن کي نشانو بڻائڻ به شامل آهي اهي حملا جنگ بندي ۽ غزه ۾ امن ۽ استحڪام جي بحالي جي ڪوشش کي نقصان پهچائن ٿا ۽ صدر ٽرمپ جي جامع منصوبي سان هڪجهڙائي نٿا رکن پرڏيهي وزيرن ان ڳالهه تي گهري ڳڻتي جو اظهار ڪيو ته اسرائيل پاران انساني امداد، خيمن، قافلن ۽ موبائل گهرن سميت رهائش لاءِ ضروري سامان ۽ طبي سامان جي پهچ تي مسلسل پابنديون سياري جي آمد سان گڏ غزه ۾ انساني بحران کي وڌيڪ سنگين بڻائي رهيون آهن اڻپوريون رهائشي سهولتون ۽ پاڻي صفائي سٿرائي ۽ صحت جي خدمتن جي خراب ٿيندڙ صورتحال شهرين جي زندگين کي شديد خطرن جي ور چاڙهي رهي آهي خاص ڪري ٻارن ۽ ڪيرپاڪ ٻارن جي زندگين کي، جن کي هڪ دفعو ٻيهر شديد سردي ۽ منجهيل گرمي پد سبب موت جي خطري ۾ آهن پرڏيهي وزيرن اسرائيل تي زور ڀريو ته هو عالمي برادري ۽ امن بورڊ طرفان امداد ۾ اضافي جي اپيلن تي ڌيان ڏئي ۽ شرم الشيخ معاهدي، صدر ٽرمپ جي جامع منصوبي ۽ گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي قرارداد 2803 (2025ع) تحت پنهنجين ذميوارين کي فوري طور تي ۽ مڪمل طور تي لاڳو ڪري اسرائيل کي جنگ بندي برقرار رکڻ گهرجي شهرين ۽ طبي مرڪزن جو تحفظ يقيني بڻائڻ گهرجي ۽ انساني امداد جي محفوظ، مسلسل ۽ بنا رڪاوٽ ترسيل کي يقيني بڻائڻ گهرجي ته جيئن ضرورت مطابق امدادي سامان پهچائي سگهجي ان ۾ رهائشگاهه لاءِ ضروري سامان شروعاتي بحالي جو سامان ۽ بنيادي ڍانچي جي بحالي جو سامان به شامل آهي اسرائيل کي گڏيل قومن جي ادارن ۽ انساني همدردي جي تنظيمن کي به بنا ڪنهن رڪاوٽ جي پنهنجا فرض ادا ڪرڻ جي اجازت ڏيڻ گهرجي. ان شروعاتي مرحلي جي معاهدي تي صحيحون ٿيندي ئي عملدرآمد شروع ٿيڻو هو اسرائيل کي گهرجي ته هو وڌيڪ ڪنهن دير يا اضافي شرطن کان سواءِ ان تي عملدرآمد ڪري، جنهن ۾ سياسي ۽ سيڪيورٽي سان لاڳاپيل شرطون شامل آهن جيڪي انساني امداد جي رسائي ۾ رڪاوٽ بڻجن ٿيون فوري انساني امداد جي فراهمي کي منصوبي جي ايندڙ مرحلن ۾ اڳڀرائي سان مشروط نه ڪرڻ گهرجي پرڏيهي وزيرن آمريڪا ۽ امن بورڊ کان مطالبو ڪيو ته اهي پنهنجي پنهنجي ڪردار تحت اسرائيل کي انهن واعدن تي مڪمل عملدرآمد جو پابند بڻائڻ ۽ انساني امداد جي آمد تي لاڳو سڀني پابندين کي ختم ڪرائڻ لاءِ پنهنجون ڪوششون تيز ڪن ته جيئن معاهدن جي ساک برقرار رهي ۽ جنگ بندي کي وڌيڪ مضبوط ڪري سگهجي پرڏيهي وزيرن ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ته هو علائقائي ۽ عالمي ڀائيوارن سان گڏجي جنگ بندي کي مستحڪم ڪرڻ منصوبي جي سڀني مرحلن تي عملدرآمد ڪرڻ ۽ انساني امداد ۾ اضافي لاءِ ڪم جاري رکندا ته جيئن فلسطيني ڀائر عوام جي مشڪلاتن ۽ مصيبتن ۾ گهٽتائي آڻي سگهجي

بقايا 36 "روزاني عبرت"

جيڪڏهن ڪين آزادي لاءِ رليف گهرجي ته عدالتن سان رجوع ڪن پيپلز پارٽي صوبائي خودمختياري لاءِ 30 سالن تائين جدوجهد ڪئي ۽ سنڌ جي وحدت خلاف سنڌ اسيمبليءَ مان ٺهراءُ منظور ڪرايو سنڌ جو ورهاڱو ڪڏهن به ٿيڻ نه ڏينداسين اهڙن خيالن جو اظهار هن ڪالهه حيدرآباد ۾ پيپلز سيڪريٽريٽ ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو هن وڌيڪ چيو ته 18هين آئيني ترميم مان فائدو حاصل ڪندي پنهنجي صوبي جي وحدت کي يقيني بڻايو آهي اسان ڪي سنڌ جا ٽڪرا ناهن گهرجن نه ئي سنڌ جي جاگرافيائي حدن ۾ تبديلي چاهيون ٿا ۽ نه ئي ڪئنال ڪڍڻ جي حق ۾ آهيون هن چيو ته صوبن بابت محسن نقوي 50 پيرا ۾ ڪجهه چئي ٿو ان سان ڪو فرق نٿو پوي جڏهن ڪيس 28 هين آئيني ترميم جي ئي ڄاڻ ناهي ته هو ان بابت ڪهڙي راءِ ڏئي سگهي ٿو اسان جمهوريت کي مضبوط ڏسڻ چاهيون ٿا. بلاول ڀٽو زرداري اليڪشن ڪميشن کي تڪراري بڻائڻ کان روڪڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. نثار احمد کهڙي چيو ته 30 نومبر تي ٿيندڙ جلسي ۾ پارٽي جي منشور کي اجاگر ڪيو ويندو پيپلز پارٽي پنهنجي منشور "روٽي ڪپڙا ۽ مڪان" تحت 10 لک مستحق خاندانن کي گهر ٺهرائي ڏنا آهن ۽ عورتن کي گهرن جا مالڪاڻا حق ڏنا ويا آهن غربت جي خاتمي لاءِ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام شروع ڪيو ويو هن چيو ته سمورن سياسي پارٽين کي گهرجي ته پاڻ ۾ ويڙهه ۽ اختلاف ختم ڪري 18هين آئيني ترميم واڱر متحد ٿين ۽ چونڊن جي تياري شروع ڪن ملڪ ۾ ٿيل ٻئي ريفرنڊم غير آئيني ۽ غير قانوني هئا. جڏهن آئين ۾ واضح طور تي سڀ ڪجهه لکيل آهي ته پوءِ ريفرنڊم جي ضرورت ڇو محسوس ڪئي پئي وڃي هن وڌيڪ چيو ته بلاول ڀٽو زرداري جو موقف آهي ته پارليامينٽ کي مضبوط بڻايو وڃي ته جيئن جمهوريت مستحڪم ٿي سگهي اسان هميشه جمهوريت کي اوليت ڏني آهي ۽ ان جي مضبوطي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي. پيپلز پارٽي چوٿون پيرو اسيمبلين جو مدو مڪمل ڪرڻ طرف وڌي رهي آهي هن چيو ته اسان ڪوشش ڪري رهيا آهيون ته ملڪ ۾ اهڙو چونڊ نظام آندو وڃي جنهن تي ڪنهن کي به اعتراض نه هجي 2015ع ۾ پارٽي ڪيس سنڌ جو صدر مقرر ڪيو هو اسان 2013ع کانپوءِ 2018ع ۽ پوءِ 2024ع جي چونڊن ۾ تاريخي ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن حيدرآباد اچڻ جو مقصد پارٽي جي تنظيمي جوڙجڪ ڪرڻ آهي ۽ وارڊ سطح تائين تنظيم سازي کي يقيني بڻايو ويندو هن چيو ته نوڪرين تي ڪيترن ئي سالن کان پابنديون لڳل رهيون آهن ۽ عدالتن به پابنديون لڳايون هيون هن هڪ سوال جي جواب ۾ چيو ته اسان صحافين جي مسئلن تي هميشه ڳالهه ڪئي آهي هن چيو ته حڪومت ڪنهن به سياسي پارٽي کي جلسا ڪرڻ کان نٿي روڪي، پر 29 نومبر تي ٻن سياسي پارٽين پاران هڪ ئي ڏينهن جلسو ڪرڻ جو اعلان ٽڪراءَ جو سبب بڻجي سگهي ٿو جنهن تي حڪومت ڌيان ڏيندي بهرحال جيڪڏهن محسن نقوي خاموش ٿي وڃي ته پوءِ جلسا نه ٿيندا ان موقعي تي پ پ حيدرآباد ڊويزن جي صدر سينيٽر عاجز ڌامراهه، وڏي وزير سنڌ جو صلاحڪار گيان چند ايسراڻي قومي اسيمبليءَ جو ميمبر ۽ پ پ حيدرآباد ضلعي جو صدر طارق شاهه جاموٽ، ڊپٽي ميئر حيدرآباد صغير احمد قريشي، وسيم راجپوت، اظهر سيال سميت ٻيا پارٽي اڳواڻ ۽ ڊميوار ساٿس گڏ موجود هئا

بقايا 37 "روزاني عبرت"

رپورٽ موجب سيڪيورٽي فورسز بلوچستان جي علائقن ڪوليون ڪاراڳاپ ۽ نوشڪي جي مختلف علائقن ۾ انٽيليجنس بيسڊ ڪارروايون ڪيون جنهن ۾ 8 دهشتگرد مارجي ويا ۽ پاڪ فوج جو ميجر ۽ حوالدار شهيد ٿي ويا. آءِ ايس پي آر موجب 13 نومبر کان ڪوئيٽا تافتان قومي شاهراهه اين 40 تي سيڪيورٽي فورسز جو گشت جاري آهي، مارجي ويل دهشتگردن ۾ هڪ خودڪش بمبار به شامل هو ڪوليون آپريشن دوران هٿيار ۽ گولا بارود جو وڏو ذخيرو به برآمد ٿيو 14 نومبر تي فتنہ الهندوستان جي دهشتگردن گشت ڪندڙ فوجي گاڏين کي نشانو بڻايو جنهن ۾ چڪوال جو رهاڪو ميجر عمر منهاس ناصر ۽ ڪوٽلي ستيان جو رهواسي حوالدار محمد عدنان شهيد ٿي ويا ٻئي طرف خيبرپختونخوا جي ضلعي اتر وزيرستان ۾ مير علي، دته خيل ۽ ڀرپاسي جي علائقن ۾ انٽيليجنس بنياد تي ڪيل آپريشنز دوران سيڪيورٽي فورسز 16 خوارجين کي ماري ڇڏيو مارجي ويلن ۾ به افغان شهري به شامل آهن جن جو تعلق پارٽ جي سرپرستي ۾ هلندڙ فتنہ الخوارج سان آهي آءِ ايس پي آر طرفان جاري پڌرائي موجب شديد فائرنگ جي ڏي وٺ ڪانيو 12 ڪلاڪن دوران علي خيل ۾ 12 خوارج (بن افغان شهرين سميت) مارجي ويا جڏهن ته مير علي ۽ دته خيل ۾ به 2، 2 خوارجن کي ماريو ويو ان ڪارروائي سان علائقي ۾ سرگرم خوارج جي نيٽ ورڪ کي ڪاري ضرب لڳي آهي انهن چڪرين دوران وطن جي ٻن بهادر پٽن حوالدار عصمت علي (عمر 43 سال صوابي) ۽ نائيڪ آفتاب علي (عمر 32 سال مردان) بهادري سان وڙهندي شهادت ماڻي مارجي ويل پارٽ جي سرپرستي ۾ ڪم ڪندڙ خوارج جي قبضي مان هٿيار ۽ بارود هٿ آيو آهي اهي عنصر بي گناهه شهرين جي قتل سميت ڪيترين ئي دهشتگردائين ڪارروائين ۾ ملوث هئا پڌرائي ۾ چيو ويو آهي ته انهن علائقن ۾ لڪيل باقي رهيل خوارجين جي خاتمي لاءِ سينيٽائيزيشن آپريشن جاري رهندا پاڪستان جي سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن طرفان عزم استحڪام (جنهن جي منظوري نيشنل ايڪشن پلان تي وفاقي ايپيڪس ڪميٽي ڏني هئي) جي تحت دهشتگردي خلاف مهم پوري شدت سان جاري رهندي، جنهن جو مقصد ملڪ مان پرڏيهي سرپرستي ۾ هلندڙ دهشتگردن جي لعنت کي پاڙ کان پٽي اڇلڻ آهي آءِ ايس پي آر چيو ته اهڙي طرح جون قربانيون اسان جي عزم کي وڌيڪ مضبوط ڪن ٿيون رپورٽ موجب سيڪيورٽي فورسز بلوچستان جي علائقن ڪوليون ڪاراڳاپ ۽ نوشڪي جي مختلف علائقن ۾ انٽيليجنس بيسڊ ڪارروايون ڪيون جنهن ۾ 8 دهشتگرد مارجي ويا ۽ پاڪ فوج جو ميجر ۽ حوالدار شهيد ٿي ويا. آءِ ايس پي آر موجب 13 نومبر کان ڪوئيٽا تافتان قومي شاهراهه اين 40 تي سيڪيورٽي فورسز جو گشت جاري آهي مارجي ويل دهشتگردن ۾ هڪ خودڪش بمبار به شامل هو ڪوليون آپريشن دوران هٿيار ۽ گولا بارود جو وڏو ذخيرو به برآمد ٿيو 14 نومبر تي فتنہ الهندوستان جي دهشتگردن گشت ڪندڙ فوجي گاڏين کي نشانو بڻايو جنهن ۾ چڪوال جو رهاڪو ميجر عمر منهاس ناصر ۽ ڪوٽلي ستيان جو رهواسي حوالدار محمد عدنان شهيد ٿي ويا ٻئي طرف خيبرپختونخوا جي ضلعي اتر وزيرستان ۾ مير علي، دته خيل ۽ ڀرپاسي جي علائقن ۾ انٽيليجنس بنياد تي ڪيل آپريشنز دوران سيڪيورٽي فورسز 16 خوارجين کي ماري ڇڏيو مارجي ويلن ۾ به افغان شهري به شامل آهن جن جو تعلق پارٽ جي سرپرستي ۾ هلندڙ فتنہ الخوارج سان آهي آءِ ايس پي آر طرفان جاري پڌرائي موجب شديد فائرنگ جي ڏي وٺ ڪانيو 12 ڪلاڪن دوران علي خيل ۾ 12 خوارج (بن افغان شهرين سميت) مارجي ويا جڏهن ته مير علي ۽ دته خيل ۾ به 2، 2 خوارجن کي ماريو ويو ان ڪارروائي سان علائقي ۾ سرگرم خوارج جي نيٽ ورڪ کي ڪاري ضرب لڳي آهي انهن چڪرين دوران وطن جي ٻن بهادر پٽن حوالدار عصمت علي (عمر 43 سال صوابي) ۽ نائيڪ آفتاب علي (عمر 32 سال مردان) بهادري سان وڙهندي شهادت ماڻي مارجي ويل پارٽ جي سرپرستي ۾ ڪم ڪندڙ خوارج جي قبضي مان هٿيار ۽ بارود هٿ آيو آهي اهي عنصر بي گناهه شهرين جي قتل سميت ڪيترين ئي دهشتگردائين ڪارروائين ۾ ملوث هئا پڌرائي ۾ چيو ويو آهي ته انهن علائقن ۾ لڪيل باقي رهيل خوارجين جي خاتمي لاءِ سينيٽائيزيشن آپريشن جاري رهندا پاڪستان جي سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن طرفان عزم استحڪام (جنهن جي منظوري نيشنل ايڪشن پلان تي وفاقي ايپيڪس ڪميٽي ڏني هئي) جي تحت دهشتگردي خلاف مهم پوري شدت سان جاري رهندي، جنهن جو مقصد ملڪ مان پرڏيهي سرپرستي ۾ هلندڙ دهشتگردن جي لعنت کي پاڙ کان پٽي اڇلڻ آهي آءِ ايس پي آر چيو ته اهڙي طرح جون قربانيون اسان جي عزم کي وڌيڪ مضبوط ڪن ٿيون

بقايا 38 "روزاني عبرت"

مراد علي شاهه شگر کان آگاهي جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي خاص پيغام ۾ چيو آهي ته شگر سڄي دنيا ۾ تيزيءَ سان پکڙجندڙ هڪ خاموش مرض آهي جنهن کان بچاءَ ۽ آگاهي لاءِ گڏيل ڪوششون وقت جي اهم ضرورت آهن هن چيو ته بروقت تشخيص اسڪريننگ ۽ احتياطي تدبيرون اختيار ڪري هن بيماريءَ جي خطرن کي گهٽ ڪري سگهجي ٿو جڏهن ته متوازن غذا، روزاني ورزش، جسماني سرگرمين کي معمول بڻائڻ ۽ ٿولهه ۽ غير صحت بخش غذائي عادتن تي ضابطو آڻي ٽائپ ٽو شگر کان بچاءَ ممڪن آهي وڏي وزير سنڌ خبردار ڪيو ته شگر نظر جي گهٽتائي گردن جي خرابي، دل جي مرضن ۽ فالج جهڙين سنگين پيچيدگين جو سبب بڻجي سگهي ٿي ان ڪري مريض باقاعدگي سان پنهنجو طبي معائنو ڪرائين ۽ ڊاڪٽرن جي هدايتن تي عمل ڪن سيد مراد علي شاهه جو چوڻ هو ته سنڌ حڪومت صحت عامه جي تحفظ ۽ عوام کي شگر سميت غير متعدي مرضن کان بچاءَ لاءِ پرعزم آهي جنهن تحت بنيادي صحت مرڪزن کان وٺي وڏين سرڪاري اسپتالن تائين معياري طبي سهولتن جي فراهمي ۽ علاج معالجي جي نظام کي بهتر بڻائڻ لاءِ مسلسل قدم کنيا پيا وڃن هن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته صحت مند سماج جي قيام لاءِ عوام ۾ شعور اجاگر ڪرڻ ناگزير آهي ۽ عالمي يوم شگر اسان کي پنهنجي صحت جو خيال رکڻ سان گڏوگڏ ٻين کي به آگاهه ڪرڻ جو پيغام ڏئي ٿو مراد علي شاهه شگر کان آگاهي جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي خاص پيغام ۾ چيو آهي ته شگر سڄي دنيا ۾ تيزيءَ سان پکڙجندڙ هڪ خاموش مرض آهي جنهن کان بچاءَ ۽ آگاهي لاءِ گڏيل ڪوششون وقت جي اهم ضرورت آهن

پي ٽي آءِ لاءِ رعايتن ۽ نون صوبن جو بحث

فريد احمد



ملڪ ۾ نون صوبن جي قيام ۽ 28هين آئيني ترميم بابت بحث هڪ ڀيرو ٻيهر تيز ٿي ويو آهي. وفاقي گهرو وزير محسن نقويءَ جي ريفرنڊم ڪرائڻ واري تجويز، عمران خان سان وڪيلن جي ملاقات، سندس ٻن ڀينرن جي آزادي، سياسي مفاهمت بابت ڳالهين ۽ پنجاب ۾ مريم نواز حڪومت خلاف تنقيد، اهي واقعا ويجهي عرصي ۾ سامهون آيا آهن. انهن کي الڳ الڳ خبرون سمجهي نظرانداز ڪرڻ بدران موجوده سياسي صورتحال جي پسمنظر ۾ ڏسڻ جي ضرورت آهي. ڇا ملڪ ۾ ڪنهن نئين سياسي بندوبست لاءِ رستا هموار ڪيا پيا وڃن يا اهي رڳو سياسي دٻاءُ ۽ ڳالهين جا حربا آهن؟

محسن نقويءَ 12 نومبر تي نون صوبن جي قيام بابت عوامي راءِ معلوم ڪرڻ لاءِ ريفرنڊم ڪرائڻ جي تجويز ڏني. سندس چوڻ هو تہ جيڪڏهن عوام نوان صوبا چاهي تہ ٺاهيا وڃن ۽ جيڪڏهن مخالفت ڪري تہ اهو معاملو ختم ڪيو وڃي. ان کان اڳ خواجا آصف ملڪ ۾ 12 کن صوبا ٺاهڻ جي ڳالهہ ڪئي هئي، پر سندس تجويز هئي تہ اهي لساني، نسلي يا سياسي بنيادن بدران انتظامي ضرورتن موجب ٺاهيا وڃن. پنجاب اسيمبليءَ جي اسپيڪر ملڪ محمد احمد خان بہ ريفرنڊم جي حمايت ڪئي آهي، جڏهن تہ وزيراعظم جي صلاحڪار راڻا ثناءَالله چيو آهي تہ نون صوبن بابت آخري فيصلو پارليامينٽ کي ڪرڻو آهي ۽ ريفرنڊم لاءِ بہ پارلياماني منظوري ضروري آهي. وفاقي وزير طارق فضل چوڌريءَ بہ واضح ڪيو آهي تہ پارليامينٽ ۽ صوبائي اسيمبلين کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي.

هتي بنيادي سوال اهو آهي تہ جڏهن ملڪ ۾ چونڊيل پارليامينٽ ۽ صوبائي اسيمبليون موجود آهن تہ پوءِ اهڙي اهم آئيني معاملي تي ريفرنڊم ڪرائڻ جي ضرورت ڇو محسوس ڪئي پئي وڃي؟



پاڪستاني آئين جي آرٽيڪل 48(6) موجب، جيڪڏهن وزيراعظم ڪنهن قومي اهميت واري معاملي تي ريفرنڊم ضروري سمجهي تہ اهو معاملو پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس ۾ پيش ڪري سگهي ٿو. گڏيل اجلاس جي منظوري کان پوءِ وزيراعظم اهو معاملو ريفرنڊم لاءِ موڪلي سگهي ٿو، جنهن ۾ سوال جو جواب 'ها' يا 'نہ' ۾ ڏيڻو هوندو. آرٽيڪل (7) 48 موجب پارليامينٽ قانون ذريعي ريفرنڊم ڪرائڻ ۽ ان جي نتيجي کي گڏ ڪرڻ جو طريقو مقرر ڪري سگهي ٿي. ان حوالي سان قومي اسيمبليءَ جي ويب سائيٽ تي موجود آئين پاڪستان ۾ آرٽيڪل 48 ڏسي سگهجي ٿو، پر ريفرنڊم جو نتيجو پاڻمرادو آئين ۾ ترميم يا ڪنهن صوبي جي حدن ۾ تبديلي نٿو آڻي.

آئين جي آرٽيڪل 238 موجب آئين ۾ ترميم پارليامينٽ جي قانون ذريعي ٿي سگهي ٿي. آرٽيڪل (3) ۽ (2)، (1) 239 ۾ آئيني ترميم جي منظوريءَ جو طريقو ٻڌائين ٿا. ترميمي بل قومي اسيمبلي يا سينيٽ، ٻنهي مان ڪنهن هڪ ايوان ۾ پيش ٿي سگهي ٿو. پهرين ايوان مان ڪل ميمبرن جي گهٽ ۾ گهٽ ٻہ ٽياڱي تي اڪثريت سان منظوريءَ کان پوءِ بل ٻئي ايوان ڏانهن موڪليو ويندو. جيڪڏهن ٻيو ايوان بنا تبديليءَ جي ٻہ ٽياڱي تي اڪثريت سان منظور ڪري تہ بل صدر ڏانهن موڪلي سگهجي ٿو. جيڪڏهن ٻيو ايوان بل ۾ تبديلي ڪري تہ پهريون ايوان انهن تبديلين کي ٻہ ٽياڱي تي اڪثريت سان منظور ڪندو. سنڌ جوڊيشل اڪيڊميءَ جي آئين ۾ ترميم بابت حصي ۾ آرٽيڪل 238 ۽ 239 جون اهي شقون موجود آهن.

هن معاملي ۾ سڀ کان اهم شق آرٽيڪل 239(4) آهي، جنهن موجب جيڪڏهن ڪنهن آئيني ترميم سان ڪنهن صوبي جون حدون تبديل ٿين ٿيون تہ اها ترميم لاڳاپيل صوبي جي اسيمبليءَ جي ڪل ميمبرن جي گهٽ ۾ گهٽ ٻہ ٽياڱي تي اڪثريت سان منظور ٿيڻ کان سواءِ صدر ڏانهن منظوريءَ لاءِ موڪلي نٿي سگهجي. يعني سنڌ کي ورهائي نئون صوبو ٺاهڻ لاءِ سنڌ اسيمبليءَ جي ڪل ميمبرن مان گهٽ ۾ گهٽ ٻہ ٽياڱي تي ميمبرن جي منظوري لازمي آهي. قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ مان گهربل اڪثريت ملڻ باوجود سنڌ اسيمبليءَ جي منظوريءَ کان سواءِ سنڌ جون آئيني حدون تبديل نٿيون ڪري سگهجن.

آرٽيڪل 239 جي موجوده متن ۾ بہ اهو شرط واضح طور موجود آهي. ان مان قانوني طور اهو نتيجو نڪري ٿو تہ ريفرنڊم ۾ سنڌ جي ورهاست جي حق ۾ اڪثريت اچڻ باوجود ان نتيجي سان پاڻمرادو نئون صوبو قائم نٿو ٿي سگهي. ريفرنڊم عوامي راءِ معلوم ڪرڻ جو ذريعو آهي، پر اهو آئين جي آرٽيڪل 239 ۾ مقرر ڪيل ترميمي طريقيڪار جو متبادل ناهي. سنڌ جي موجوده حدن ۾ تبديليءَ لاءِ سنڌ اسيمبليءَ جي ٻہ ٽياڱي تي اڪثريت سان منظوري آئيني طور لازمي آهي.

سنڌ جي حوالي سان اهو سوال اڃا وڌيڪ اهم آهي تہ جيڪڏهن سڄي ملڪ ۾ ريفرنڊم ڪرايو وڃي تہ ڇا ٻين صوبن جا ووٽر بہ سنڌ جي ورهاست يا ان جي حدن ۾ تبديليءَ جو فيصلو ڪندا؟ آئين جي آرٽيڪل (6) 48 ۾ ريفرنڊم جي ووٽرن جو دائرو واضح نہ ڪيو ويو آهي. ان جو طريقو آرٽيڪل (7) 48 تحت ٺاهيل قانون ۾ طئي ٿي سگهي ٿو. پر سڄي ملڪ جي اڪثريت جي راءِ بہ سنڌ اسيمبليءَ جي آئيني منظوريءَ جي شرط کي ختم نٿي ڪري سگهي.

سنڌ اسيمبليءَ 3 سيپٽمبر تي متفق ٺهراءُ منظور ڪري صوبي جي ورهاست ۽ حدن ۾ تبديليءَ جي مخالفت ڪئي هئي. ٺهراءَ ۾ سنڌ جي وحدت کي برقرار رکڻ ۽ ڪنهن بہ ضلعي يا علائقي کي صوبي کان ڌار ڪرڻ واري رٿ جي مخالفت ڪئي وئي. سنڌ اسيمبليءَ جي سرڪاري ويب سائيٽ تي ٺهراءُ جو متن موجود آهي. سنڌ جا ماڻهو ماضيءَ ۾ ڪالاباغ ڊيم، سنڌو درياهہ مان نون ڪئنالن ۽ ٻٽي مڪاني نظام خلاف سياسي اختلافن کان مٿانهان ٿي احتجاج ڪندا رهيا آهن. ٻٽي مڪاني نظام خلاف شديد عوامي احتجاج کان پوءِ پيپلزپارٽيءَ جي حڪومت کي اهو نظام واپس وٺڻو پيو هو. اهو تجربو ٻڌائي ٿو تہ سنڌ جي وحدت جو معاملو ڪنهن پارٽيءَ جي سياسي مفاهمت يا اقتداري ضرورت کان وڏو آهي. پيپلزپارٽي سنڌ جي عوام جي راءِ جي مالڪ ناهي. جيڪڏهن اها سنڌ جي ورهاست بابت ڪنهن فيصلي ۾ شامل ٿي تہ ان کي بہ عوامي مزاحمت کي منهن ڏيڻو پئجي سگهي ٿو.

سنڌ جا ماڻهو هن بحث کي رڳو انتظامي سهولت يا نون صوبن جي قيام جو معاملو نٿا سمجهن. سندن نظر ۾ اصل سوال سنڌ جي هزارين سالن جي تاريخ تشخص، زمين، پاڻي، تيل، گئس ۽ ٻين قدرتي وسيلن تي اختيار جو بہ آهي. کين خدشو آهي تہ سنڌ جي جاگرافيائي وحدت ۾ تبديليءَ سان سندن وجود، وسيلن جي مالڪي، آمدنيءَ جي ورڇ ۽ انهن تي اختيار جو موجوده توازن بہ خطري ۾ پئجي ويندو. سنڌو درياهہ جي پاڻيءَ کان وٺي زمين ۽ معدني وسيلن تائين، سنڌ جا ماڻهو انهن کي پنهنجي اجتماعي حقن ۽ مستقبل سان ڳنڍيندڙ ٿا. ان ڪري سندن نظر ۾ سنڌ جي ورهاست جو بحث وسيلن تي اختيار جي سوال کان الڳ ناهي.

ٻئي طرف عمران خان سان ٿيندڙ سرگرميون بہ سياسي بحث جو حصو بڻيل آهن. 11 نومبر تي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي حڪم کان پوءِ سندس وڪيلن اڊيالا جيل ۾ ساڻس ملاقات ڪئي. وڪيل سردار لطيف کوسي ٻڌايو تہ ملاقات ۾ 28هين آئيني ترميم جو معاملو بہ بحث هيٺ آيو، پر هن ڳالهہ ٻولهہ جا تفصيل ٻڌائڻ کان پاسو ڪيو. ملاقات بابت خبرن موجب وڪيلن عمران خان ۽ بشريٰ بيبيءَ جي صحت ۽ قانوني معاملن تي بہ ڳالهہ ٻولهہ ڪئي. ان کان پوءِ 12 نومبر تي عمران خان جون ڀينرون عُظميٰ خان ۽ نورين نيازي 53 ڏينهن جي قيد کان پوءِ آزاد ڪيون ويون، جڏهن تہ عليمہ خان قيد ۾ رهي. ٻنهي ڀينرن جي آزاديءَ جي خبر موجب سندن نظربنديءَ جا حڪم واپس وٺڻ کان پوءِ کين آزاد ڪيو ويو. انهن واقعن کي ڪنهن ڊيل جو ثبوت قرار ڏيڻ درست نہ ٿيندو، پر سياسي حلقن ۾ ملاقات ۽ ڀينرن جي آزاديءَ بابت مختلف تشريحون ضرور ٿي رهيون آهن. محسن نقويءَ بہ عمران خان سان ڪنهن ڊيل بابت هلندڙ افواهن کي رد ڪندي چيو تہ ڪيس قانوني حقن موجب عدالتن مان رليف ملندو. هن ان بابت پنهنجو موقف بہ ظاهر ڪيو.

هتي هڪ ٻيو سياسي سوال بہ پيدا ٿئي ٿو تہ پي ٽي آءِ لاءِ رعايتن جي تاثر ۽ نون صوبن جي بحث ۾ ڪو تعلق آهي؟ ڇا حڪومت کي 28هين آئيني ترميم يا نون صوبن جي معاملي تي پي ٽي آءِ جي حمايت گهربل آهي؟ ڇا عمران خان سان رابطن ۽ سندس ڀينرن جي آزاديءَ کي ڪنهن وڏي سياسي مفاهمت جي شروعات سمجهيو وڃي؟ في الحال اهڙي ڪنهن ڳالهہ جو پڪو ثبوت موجود ناهي، پر انهن واقعن جي هڪ ئي وقت سامهون اچڻ سبب اهو بحث ضرور پيدا ٿيو آهي. عمران خان جي سياسي حيثيت ملڪي سطح تي ٿي سگهي ٿي، پر سنڌ جي وحدت بابت فيصلو ڪرڻ جو اختيار ڪيس يا ڪنهن بہ صوبي جي ووٽرن کي ڪيئن ملي سگهي ٿو؟

ان دوران صدر آصف علي زرداري ۽ محسن نقويءَ جي نوابشاهہ ۾ ملاقات بابت خبرون آيون تہ نون صوبن ۽ ريفرنڊم تي ڳالهہ ٻولهہ ٿي، پر صدر جي ترجمان ان جي ترديد ڪندي چيو تہ ملاقات ۾ رڳو قومي سلامتي ۽ علائقائي صورتحال تي ڳالهہ ٿي هئي. صدر هائوس جي وضاحت موجب صوبن بابت ڪا ڳالهہ ٻولهہ نہ ٿي. تنهنڪري ان ملاقات کي صوبن بابت ڪنهن ٺاهہ سان ڳنڍڻ مناسب نہ ٿيندو. البت محسن نقويءَ جو اهو چوڻ تہ هو ۽ بلاول ڀٽو زرداري سياسي 'ري سيٽ' بابت لڳ ڀڳ هڪ ئي راءِ رکن ٿا، بحث کي وڌيڪ اهم بڻائي ٿو. ڇو تہ نون صوبن بابت پيپلزپارٽيءَ جو موقف ۽ سنڌ ۾ ان معاملي تي عوامي ردعمل، ڪنهن بہ سياسي ٺاهہ ۾ رنڊڪ بڻجي سگهن ٿا.

پنجاب ۾ بہ حڪمران اتحاد اندر اختلاف سامهون آيا آهن. وفاقي وزير چوڌري سالڪ حسين پنجاب حڪومت تي ڪرپشن ۽ ترقياتي فنڊن جي ورهاست بابت تنقيد ڪئي. جنهن تي مريم نواز کيس 5 ارب رپين جو بدناموسيءَ جو نوٽيس موڪليو. سالڪ پنهنجي الزامن تان پوئتي هٽڻ بدران عدالت ۾ ثبوت پيش ڪرڻ جو اعلان ڪيو. سالڪ جو موقف بہ سامهون اچي چڪو آهي. خواجا آصف ان تڪرار کي مريم نواز حڪومت خلاف سياسي جاءِ ٺاهڻ ۽ متبادل بندوبست لاءِ فضا ٺاهڻ جي ڪوشش قرار ڏنو. جڏهن تہ پنجاب اسيمبليءَ جي اسپيڪر ان کي 'چانهہ جي ڪوپ ۾ طوفان' سڏيو. خواجا آصف جو بيان ۽ اسپيڪر جو تبصرو تڪرار جي سياسي نوعيت ظاهر ڪن ٿا. هن معاملي کي حڪومت ڪيرائڻ جي منظم ڪوشش چوڻ وقت کان اڳ ٿيندو، پر حڪمران اتحاد جي ڇڪتاڻ کي نظرانداز بہ نٿو ڪري سگهجي.

حڪومت ريفرنڊم جي آئيني حيثيت بابت عدالت سان رجوع ڪري ٿي تہ ان جو فيصلو اهم هوندو. سياسي معاملن ۾ عدالتي فيصلن بابت اهو تاثر موجود آهي تہ طاقتور ڌرين جو اثر هوندو آهي. جيڪڏهن هن معاملي ۾ بہ اهڙو تاثر مضبوط ٿيو تہ عدالتن جي آزاديءَ ۽ انصاف تي عوام جو اعتماد وڌيڪ متاثر ٿيندو. عدالت قانوني گنجائش طئي ڪري سگهي ٿي، پر سنڌ جي ماڻهن جي رضامنديءَ جو متبادل نٿي بڻجي سگهي. عدالتي فيصلو سنڌ جي ماڻهن جا سياسي ۽ اجتماعي خدشا ختم نٿو ڪري سگهي.

اصل سوال اهو آهي تہ نون صوبن ۽ ريفرنڊم جي بحث پٺيان ڪهڙي سياسي حڪمت عملي آهي؟ ڇا حڪومت پنهنجي سياسي مشڪلاتن مان نڪرڻ لاءِ نئين صفبندي ڪري رهي آهي، مخالف ڌر سان مفاهمت چاهي ٿي يا مختلف ڌرين تي دٻاءُ وجهي رهي آهي؟ انهن سوالن جا جواب اڃا واضح ناهن، پر سنڌ جي وحدت بابت فيصلو ڪنهن سياسي ٺاهہ يا اقتداري ضرورتن جي بنياد تي نٿو ٿي سگهي.

ايران جي سائبر طاقت ۽ جنگ جا نوان رخ

مجيب ناريجو

جديد دور جي جنگين جا طريقا بدلجي چڪا آهن. هاڻي ڪنهن ملڪ جي بجلي، پاڻي، اسپتالن، بئنڪن يا مواصلاتي نظام کي مفلوج ڪرڻ لاءِ رڳو بمباري ڪرڻ ضروري ناهي رهي، پر هزارين ڪلوميٽر پري ويهي ڪمپيوٽرن ذريعي بہ اهڙو نقصان پهچائي سگهجي ٿو، جيڪو ڪنهن فوجي حملي کان گهٽ نٿو هجي.

آمريڪا ۽ اسرائيل پاران ايران تي سڌن حملن جي شروعات ۽ هاڻي وري نون حملن لاءِ دٻاءُ وڌائڻ واري پاليسيءَ خطي ۾ هڪ خطرناڪ جنگي ماحول پيدا ڪري ڇڏيو آهي. عالمي قانونن ۽ انساني حقن جي پاسداريءَ جي دعويدار طاقتن پاران جنگي اڳرائي ڪرڻ نہ رڳو عالمي امن لاءِ خطرو آهي، پر اهو خود انساني حقن جي ڪُلي لتاڙ پڻ آهي. انهيءَ جارحيت جي ردعمل ۾ ايران بہ پنهنجي بقا ۽ دفاع لاءِ سائبر حملن، بيلسٽڪ ميزائلن ۽ بنا پائليٽ جهازن (ڊرونز) کي پنهنجي غير روايتي حڪمت عمليءَ جو مرڪزي حصو بڻايو آهي.

سائبر حملن جي هن خطرناڪ راند جي شروعات بہ خود اولهہ جي طاقتن ڪئي هئي، جڏهن 2010ع ۾ 'اسٽڪس نيٽ (Stuxnet)' نالي ڪمپيوٽر وائرس ذريعي ايران جي جوهري سهولتن ۾ لڳل سينٽريفيوجز کي تباهہ ڪيو ويو. ان کان پوءِ 2012ع ۾ سعودي عرب جي تيل ڪمپني آرامڪو تي 'شمون' وائرس ذريعي حملو ٿيو، جنهن جو الزام ايران سان لاڳاپيل گروهن تي لڳو. انهن واقعن ثابت ڪيو تہ سائبر هٿيار ڪنهن ملڪ جي صنعتي ۽ دفاعي ڍانچي کي مفلوج ڪري سگهن ٿا. اڄ ايران سان لاڳاپيل سائبر گروهن جهڙوڪ APT33، APT35، آئل رگ ۽ مڊي واٽر تي مختلف ملڪن جي سرڪاري ادارن ۽ توانائيءَ جي نظامن کي نشانو بڻائڻ جا الزام لڳندا رهن ٿا. تازو فرانس ۾ 11 ۽ 12 آڪٽوبر جي وچ واري رات لڳ ڀڳ 700 سپرمارڪيٽن جي ريفريجريشن نظامن کي سائبر حملي ذريعي بند ڪيو ويو، جنهن سبب خوراڪ خراب ٿي ۽ ڪجهہ هنڌن تي باهہ لڳي. فرانسيسي اختيارين ان جو الزام پاسدارانِ انقلاب سان لاڳاپيل 'شهيد ڪاوِه' گروهہ تي هنيو آهي. ان کان پوءِ نومبر جي شروعات ۾ فرانس جي رت ۽ پلازما محفوظ رکڻ وارن ٽن مرڪزن جي ٿڌڪاري نظام کي بہ نشانو بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، جيتوڻيڪ عملي جي بروقت ڪارروائيءَ سبب رت جا نمونا بچي ويا.

ان سان گڏ يورپ ۾ اسڪولن ۽ ريلوي اسٽيشنن کي بم ڌماڪن جون ڌمڪيون ملڻ، جهڙوڪ 11 نومبر تي اٽليءَ جي 6,300 اسڪولن کي ڌمڪيءَ وارا اي ميل اچڻ جهڙن معاملن سبب پڻ خوف ڦهليل آهي. جيتوڻيڪ جاچ دوران ڌماڪيدار مواد نہ مليو ۽ هر واقعي کي سڌو سنئون ايران سان ڳنڍڻ جا حتمي ثبوت موجود ناهن، پر اهي واقعا ظاهر ڪن ٿا تہ جنگ جڏهن شروع ٿئي ٿي تہ ان جي باهہ رڳو جنگي ميدان تائين محدود نٿي رهي.

ٻئي پاسي، سڌي فوجي دٻاءُ ۽ نون حملن جي خطري کي ڏسندي ايران پنهنجي روايتي ميزائل پاليسيءَ ۾ پڻ وڏي تبديلي آندي آهي. ڪيترن ئي سالن تائين پنهنجي ميزائلن جي حد 2,000 ڪلوميٽرن تائين محدود رکڻ کان پوءِ، 7 نومبر 2026ع تي پاسدارانِ انقلاب جي ترجمان بريگيڊيئر جنرل حسين موهيبي باضابطہ اعلان ڪيو تہ پاڻ تي پاڻ مڙهيل پابندي ختم ڪئي وئي آهي. جيتوڻيڪ ڊُور مار ميزائلن جي تياريءَ لاءِ ايران کي پنهنجي خلائي راڪيٽ پروگرام جي ٽيڪنالاجيءَ کي وڌيڪ آزمائڻو پوندو، پر هي اعلان آمريڪا ۽ اسرائيل لاءِ هڪ واضح پيغام آهي. ان سان گڏ جبلن اندر ٺاهيل زمين هيٺ سرنگهون، جن کي 'ميزائل سٽي' چيو وڃي ٿو ۽ گهٽ خرچ ۾ تيار ٿيندڙ ڊرون ايران کي اها صلاحيت ڏين ٿا تہ هو اولهہ ملڪن جي نهايت مهانگن دفاعي نظامن تي مسلسل دٻاءُ برقرار رکي سگهي.

جنگي دٻاءَ جي هن ماحول ۾ ايران جي جاگرافيائي بيهڪ پڻ هن کي عالمي معيشت جي شهہ رڳ تي ڪنٽرول ڏئي ٿي. هرمز جي لنگهہ مان روزانو لڳ ڀڳ 2 ڪروڙ بيرل تيل گذري ٿو، جيڪو سامونڊي رستن ذريعي ٿيندڙ عالمي تيل جي واپار جو چوٿون حصو آهي، جڏهن تہ سمنڊ هيٺ وڇايل مواصلاتي ڪيبلون پڻ هن علائقي مان گذرن ٿيون. جيڪڏهن نون حملن ذريعي ايران کي ڪنڊائتو ڪرڻ جي ڪوشش جاري رهي، تہ هن لنگهہ ۾ پيدا ٿيندڙ ڪنهن بہ رڪاوٽ جا اثر سڄي دنيا جي معيشت کي لوڏي سگهن ٿا. ساڳئي وقت، آمريڪا ۽ اسرائيل جي حملن سبب ايران جي جوهري سهولتن کي پهتل نقصان کان پوءِ عالمي جوهري توانائي ايجنسيءَ (IAEA) جي معائنن جو سلسلو متاثر ٿيو آهي، جنهن عالمي سطح تي غيريقينيءَ کي ويتر وڌائي ڇڏيو آهي.

ان سڄي ڇڪتاڻ جي پسمنظر ۾ 19 نومبر تي چين جي شهر شينزن ۾ آمريڪا، چين ۽ روس جي سربراهن (ڊونلڊ ٽرمپ، شي جن پنگ ۽ ولاديمير پيوٽن) جي رٿيل ملاقات تي دنيا جون نظرون ڪتل آهن. يوڪرين جي صدر وولوديمير زيلنسڪيءَ پاران هن ملاقات جي ڀيٽ 1945ع جي 'يالٽا ڪانفرنس' سان ڪرڻ ان ڳالهہ جي نشاندهي ڪري ٿو تہ وڏيون طاقتون اڄ بہ پنهنجن جيو-پوليٽيڪل مفادن لاءِ ننڍين ملڪن جي قسمت جا فيصلا بند ڪمرن ۾ ڪرڻ چاهين ٿيون.

حقيقت اها آهي تہ آمريڪا ۽ اسرائيل پاران فوجي اڳرائي ڪرڻ، پابنديون هڻڻ ۽ نون حملن لاءِ دٻاءُ وڌائڻ هجي يا ان جي جواب ۾ ايران پاران سائبر حملن ۽ ميزائلن جو استعمال - ان سموري عمل ۾ جيڪا شيءِ سڀ کان وڌيڪ پائمال ٿي رهي آهي، اها انسانيت ۽ بنيادي انساني حق آهن. جنگي جنون جي هن راند ۾ جڏهن بجلي، پاڻي، اسپتالن، خوراڪ ۽ عام شهري زندگيءَ کي داءُ تي لڳايو وڃي ٿو تہ ان جي قيمت ڪنهن حڪمران يا فوجي جنرل کي نہ، پر ٻنهي پاسن جي عام ۽ بيگناهہ انسانن کي پنهنجي رت ۽ سک جي قرباني ڏئي چڪائڻي پوي ٿي.

محبت، جاسوسي ۽ مصنوعي ذهانت جي عالمي جنگ

فيضان احمد

ڪاري چمڙيءَ جي جيڪٽ، هٿن جي مخصوص اشارن ۽ ڳالهائڻ جي بي تڪلف انداز سبب دنيا ۾ سڃاڻپ ماڻيندڙ جينسن هوانگ رڳو هڪ وڏي ٽيڪنالاجي ڪمپنيءَ جو اڳوڻو سربراهہ نہ، پر مصنوعي ذهانت جي موجوده دور جي اهم ترين شخصيتن مان هڪ آهي. سندس قائم ڪيل ڪمپني 'اينويڊيا' جون ٺاهيل چپون اڄ مصنوعي ذهانت جي صنعت لاءِ بنيادي حيثيت رکن ٿيون. پر تازو ئي سندس ذاتي زندگيءَ بابت سامهون آيل خبرن، چين لاءِ جاسوسيءَ جي شڪ ۽ ڪمپنيءَ تان استعيفيٰ سبب هوانگ ۽ اينويڊيا عالمي بحث جو موضوع بڻجي ويا آهن.

آمريڪا ۽ چين وچ ۾ ٽيڪنالاجيءَ جي سخت مقابلي واري ماحول ۾ هوانگ جي ذاتي لاڳاپن بابت خبرن هڪ طوفان برپا ڪري ڇڏيو آهي. آمريڪي اختيارين کي چيني ڪاروباري عورت ايلس هوانگ تي چين لاءِ جاسوسي ڪرڻ جو شڪ آهي، جنهن جا اينويڊيا سان ڪاروباري لاڳاپا هئا ۽ جينسن هوانگ سان بہ سندس ويجهڙائي رهي آهي. آمريڪي اختيارين کي شڪ آهي تہ اهڙن لاڳاپن وسيلي چين حساس معلومات يا پابندين هيٺ ايندڙ چپن تائين رسائي حاصل ڪئي آهي يا ڪري سگهي پيو. جيتوڻيڪ چين انهن الزامن کي رد ڪيو آهي، اينويڊيا راز چوري ٿيڻ جي ترديد ڪئي آهي ۽ جاسوسيءَ جي الزام جي ڪنهن آزاد اداري طرفان تصديق بہ اڃا سامهون نہ آئي آهي، پر معاملي ان وقت سنگين رخ اختيار ڪيو، جڏهن آمريڪي اخبارن جينسن

ڪيون. هوانگ پنهنجي زال لوري ملز ۽ ٻارن کان معافي وٺندي اعتراف ڪيو تہ هو زال سان بي وفائي ڪري چڪو آهي. اينويڊيا جي بورڊ پاران آزاد جاچ شروع ٿيڻ کان پوءِ، 12 نومبر تي ڪمپنيءَ اعلان ڪيو تہ هوانگ صدر، چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر ۽ بورڊ جي ميمبر واري عهدي تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي آهي. في الحال چيف فنانشل آفيسر ڪوليٽ ڪريس کي ڪمپنيءَ جو وقتي سربراهہ مقرر ڪيو ويو آهي، جڏهن تہ مستقل سربراهہ جي چونڊ لاءِ ڳولا جاري آهي.

زوال جو هي داستان ان ڪري بہ وڌيڪ حيران ڪندڙ آهي جو جينسن هوانگ جي ڪاميابيءَ جو سفر ڪنهن فلمي ڪهاڻيءَ کان گهٽ نہ هو. 1963ع ۾ تائيوان ۾ ڄاول هوانگ ننڍپڻ ۾ آمريڪا منتقل ٿيو ۽ 15 ورهين جي عمر ۾ 'ڊينيءَ' نالي ريسٽورنٽ ۾ ٿانوَ ڌوئڻ سان پنهنجي عملي زندگي شروع ڪئي. اوريگن اسٽيٽ ۽ اسٽينفورڊ يونيورسٽيءَ مان اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ، 1993ع ۾ 30 ورهين جي عمر ۾ هن پنهنجي ٻن ساٿين ڪرس ملاچوسڪي ۽ ڪرٽس پريم سان گڏ ساڳئي ڊينيءَ ريسٽورنٽ ۾ ويهي 'اينويڊيا' قائم ڪرڻ جو منصوبو جوڙيو.

شروعاتي ناڪامين ۽ ڏيوالي جي خطري کان پوءِ، 1999ع ۾ اينويڊيا گرافڪس پروسيسنگ يونٽ (GPU) متعارف ڪرايو، جنهن جديد مصنوعي ذهانت جي ترقيءَ لاءِ نوان رستا کوليا. اڄ اهي چپون ڊيٽا سينٽرن، روبوٽن، خودڪار گاڏين ۽ طبي تحقيق لاءِ لازمي بڻجي چڪيون آهن. آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ بہ مصنوعي ذهانت کي 'سپر انٽيليجنس' جي دور سان ڳنڍيندي ان کي آمريڪا ۽ چين وچ ۾ برتريءَ جي جنگ قرار ڏئي چڪو آهي.

هوانگ وارو معاملو رڳو هڪ ڪمپنيءَ جي سربراهہ جي ذاتي زندگيءَ تائين محدود ناهي رهيو پر ان سان پوري عالمي ٽيڪنالاجي انڊسٽريءَ ۾ سلامتيءَ بابت خطري جي گهنٽي وڄي وئي آهي. رائٽرز موجب هاڻي اينويڊيا،

'اوپن اي آءِ' ۽ 'اينٽروپڪ' جهڙيون ڪمپنيون جاسوسيءَ ۽ ڳجهي معلومات جي چوريءَ کان بچڻ لاءِ اڳوڻن انٽيليجنس عملدارن کي 2 لک کان 5 لک ڊالر تائين سالياني معاوضي تي ڀرتي ڪري رهيون آهن. اوپن اي آءِ 2024ع ۾ آمريڪي نيشنل سيڪيورٽي ايجنسيءَ جي اڳوڻي سربراهہ پال نڪاسوني کي پنهنجي بورڊ ۾ شامل ڪيو، جڏهن تہ اينٽروپڪ جي سلامتيءَ واري ڪائونسل ۾ بہ اڳوڻا جاسوس شامل آهن. انهن ماهرن جو مکيہ ڪم صرف سائبر حملن کي روڪڻ ناهي، پر اهو ڏسڻ بہ آهي تہ ڪٿي پرڏيهي طاقتون ڪمپنين جي اهم عهديدارن کي ذاتي ڪمزورين، دٻاءُ يا بليڪ ميلنگ ذريعي قابو ڪري قومي سلامتيءَ جا راز تہ نٿيون چورائين.

مصنوعي ذهانت جي عالمي مقابلي ۾ هاڻي رڳو بهترين ٽيڪنالاجي ٺاهڻ ڪافي ناهي، پر ان ٽيڪنالاجيءَ ۽ ان سان لاڳاپيل ماڻهن جي حفاظت بہ اوترو ئي اهم ٿي وئي آهي. هوانگ

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هيءَ اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو ٻلپوار پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

آچر 15 نومبر 2026ع

سنڌ ۾ بنيادي سهولتون مهيا ڪرڻ لاءِ عالمي بئنڪ پاران قرض جي منظوري

صاف پاڻي ڪنهن به معاشري جي بنيادي ضرورت ۽ انساني زندگيءَ جو اهم حق آهي پر افسوس جو سنڌ جي ٻهراڙيءَ وارن علائقن ۾ اڄ به لکين ماڻهو پيئڻ جي صاف پاڻي ۽ مناسب نيڪال جي سهولتن کان محروم بڻيل آهن. اهڙي صورتحال ۾ عالمي بئنڪ پاران پاڪستان لاءِ 30 ڪروڙ ڊالر قرض جي منظوري، خاص طور تي سنڌ جي ٻهراڙيءَ وارن علائقن لاءِ هڪ اهم اڳڀرائي آهي. رقم کي جيڪڏهن شفافيت، منصوبابندي ۽ ايمانداريءَ سان استعمال ڪيو وڃي ته اها سنڌ جي لکين ماڻهن جي زندگيءَ ۾ مثبت تبديلي آڻي سگهي ٿي.

منصوبي تحت سنڌ جي ڳوٺاڻن علائقن ۾ شمسي توانائيءَ سان هلندڙ واٽر سپلائي سسٽم قائم ڪيا ويندا، جڏهن ته جديد نيڪال ۽ صفائيءَ جو نظام پڻ متعارف ڪرايو ويندو. سنڌ جي 80 سيڪڙو ٻهراڙيءَ جي آباديءَ کي پاڻي ۽ صفائيءَ جون سهولتون فراهم ڪرڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي. سنڌ ۾ پنجن سالن کان گهٽ عمر وارن اڌ کان وڌيڪ ٻارن جو جسماني نشوونما جي کوٽ جو شڪار هجڻ انتهائي ڳڻتيءَ جوڳي صورتحال آهي. ٻارن ۾ غذائي کوٽ جا ڪيترائي سبب ٿي سگهن ٿا، جن ۾ غربت، غير متوازن خوراڪ، بيماريون ۽ آلوده پاڻي پڻ شامل آهن. جڏهن ٻار گندو پاڻي پيئڻ سبب مختلف بيمارين ۾ مبتلا ٿين ٿا ته سندن جسم خوراڪ مان گهربل غذائيت حاصل ڪرڻ کان به محروم رهي ٿو. تنهن ڪري صاف پاڻي ۽ صفائيءَ جون سهولتون فراهم ڪرڻ دراصل ٻارن جي صحت، تعليم ۽ روشن مستقبل تي سيڙپڪاري ڪرڻ جي برابر آهي.

هن منصوبي جو هڪ اهم پهلو شمسي توانائيءَ جو استعمال آهي. سنڌ ۾ سج جي روشنيءَ جي گهڻائيءَ سبب سولر سسٽم پاڻيءَ جي فراهميءَ لاءِ هڪ بهتر ۽ پائيدار ذريعو ثابت ٿي سگهن ٿا. ان سان بجليءَ جي خرچن ۾ گهٽتائي ايندي ۽ بجليءَ جي لوڊشيڊنگ باوجود پاڻيءَ جي فراهمي جاري رکي سگهبي. پر ان لاءِ ضروري آهي ته لڳايل نظامن جي مرمت، سار سنڀال ۽ مستقل نگرانيءَ جو پڻ مناسب بندوبست ڪيو وڃي. انهيءَ ڪري هن منصوبي جي ڪاميابيءَ لاءِ ضروري آهي ته هر ضلعي ۽ تعلقي ۾ منصوبي جي عملدرآمد جو واضح نظام جوڙيو وڃي. پاڻيءَ جي معيار جي باقاعده جاچ ڪئي وڃي. منصوبن جي خرچن جا تفصيل عوام آڏو رکيا وڃن ۽ مقامي ماڻهن کي به نگرانيءَ جي عمل ۾ شامل ڪيو وڃي. خاص طور تي عورتن ۽ ڳوٺاڻن جي راءِ کي اهميت ڏني وڃي، ڇاڪاڻ ته پاڻيءَ جي کوٽ جا سڀ کان وڌيڪ اثر روزمره جي زندگيءَ ۾ انهن تي ئي پون ٿا.

حڪومت کي اهو پڻ يقيني بڻائڻ گهرجي ته منصوبي جو فائدو صرف وڏن ڳوٺن يا سياسي اثر رسوخ رکندڙ علائقن تائين محدود نه رهي پر پٺتي پيل ۽ ڏورانهن وسندين کي به برابر اهميت ڏني وڃي. صاف پاڻي ڪنهن سياسي سفارش يا ذاتي اثر جو محتاج نه پر عوام جو بنيادي حق آهي. اسان سمجهون ٿا ته عالمي بئنڪ پاران منظور ڪيل 30 ڪروڙ ڊالرن جو اهو منصوبو سنڌ جي ٻهراڙيءَ لاءِ اميد جي هڪ نئين روشني آهي، پر ان اميد کي حقيقت ۾ بدلائڻ لاءِ حڪومتي سنجيدگي، شفافيت، جوابدهي ۽ عوامي نگراني لازمي آهي. سنڌ جي ماڻهن کي رڳو منصوبن جا اعلان نه پر سندن گهرن تائين صاف پاڻي، ڳوٺن ۾ صفائي ۽ ٻارن لاءِ صحتمند ماحول گهرجي، ڇو ته ترقيءَ جو اصل معيار وڏا قرض ۽ اربين ڊالرن جا انگ اکر نه پر هڪ غريب ڳوٺاڻي جي گهر ۾ پيئڻ جو صاف پاڻيءَ جو موجود هجڻ، سندس ٻارن جو صحتمند هجڻ ۽ سندس زندگيءَ ۾ بهتري آهي.

'ڪلاس روم کان ڪائنات تائين': سنڌ جي ٻارن جي تخليقي اڏام

منظور ڪوسو

دنيا جي ترقي يافته ملڪن ۾ تعليم کي فقط ڪتابن، ڪلاسن ۽ امتحانن تائين محدود نه رکيو ويو آهي پر شاگردن جي تخليقي صلاحيتن، سائنسي سوچ، عملي تجربن ۽ مسئلن کي حل ڪرڻ جي مهارتن کي به تعليم جو بنيادي حصو بڻايو ويو آهي ۽ انهن مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ مختلف ملڪن آمريڪا ۽ يورپ سميت ترڪيه ۽ ڀارت ۾ پڻ اسڪولن جي سطح تي سائنسي ميلا ۽ مقابلا منعقد ڪيا وڃن ٿا، جتي شاگرد پنهنجي ذهانت ۽ صلاحيتن جو عملي مظاهرو ڪندا آهن. انهن سرگرمين جو هڪ اهم پاسو اِهو به آهي ته شاگردن کي روزمره جي زندگي ۾ بيڪار سمجهي اڇلايل شين مان ڪارآمد ۽ تخليقي شيون ناهڻ جي ترغيب ڏني وڃي ٿي. ڪاغذ، پلاسٽڪ، ڪاٺ، ڌاتو، پراڻن اليڪٽرانڪ اوزارن ۽ ٻين استعمال ٿيل شين کي ڪم آڻي شاگرد مختلف سائنسي ماڊل، روبوٽ، ماحولياتي منصوبا، آرٽ ۽ ڪلچر سان لاڳاپيل پراجيڪٽس تيار ڪن ٿا. هن قسم جي سرگرمي رڳو هڪ نمائش نه پر عملي تعليم، ماحولياتي تحفظ ۽ تخليقي سوچ جي هڪ سٺي تربيت پڻ آهي. انٽرنيٽ دنيا کي هڪ گلوبل وليج بڻائي ڇڏيو آهي. اڄ دنيا جي ڪنهن به ملڪ جي تعليمي ادارن، شاگردن جي نصابي ۽ غير نصابي سرگرمين، پڙهڻ پڙهائڻ ۽ سکڻ جي طريقن، سائنسي تجربن، نصاب ۽ لائبريرين بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ ڪو ڏکيو ڪم نه رهيو آهي. دنيا اسان جي سامهون هڪ کليل ڪتاب جيان موجود آهي. سکڻ ۽ سيکارڻ جا موقعا اڳ کان وڌيڪ وسيع ٿي چڪا آهن. سوال اِهو آهي ته اسان جا ٻار انهن موقعن مان ڪو فائدو حاصل ڪري رهيا آهن يا نه. اسان جي ٻارن ۾ تخليقي صلاحيتون، ذهانت ۽ نوان خيال موجود آهن. ضرورت هن ڳالهه جي آهي ته کين صحيح رهنمائي ملي، قابل ۽ محنتي استاد سندن صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ جا موقعا فراهم ڪن ۽ تعليم کاتو اهڙن سرگرمين لاءِ ضروري سهولتون فراهم ڪري. جيڪڏهن آمريڪا ۽ يورپ جا شاگرد سائنسي ميلن ۾ بيڪار شين کي ڪارآمد بڻائي انهن مان روبوٽ، ماحولياتي ماڊل ۽ ٻيا سائنسي ماڊل ناهي نمائش لاءِ پيش ڪري سگهن ٿا ته سنڌ جو ٻار به اهڙي ڪم ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو. فرق صرف موقعن، سهولتن ۽ صحيح رُخ ۾ رهنمائي جو آهي. سنڌ ۾ به گذريل چئن سالن کان هاءِ اسڪولن جي سطح تي سائنسي ميلن ۽ مقابلن جو اهتمام ڪيو پيو وڃي، جنهن کي سنڌ تعليم کاتي STREAM جو نالو ڏنو آهي. انهن سائنسي ميلن ۾ مڊل توڙي سيڪنڊري سطح جا شاگرد سائنس ٽيڪنالاجي، ريڊنگ رائيٽنگ، انجنيئرنگ، آرٽ، رياضي سميت لاڳاپيل شعبن ۾ پنهنجا ماڊل ۽ تخليقي منصوبا تيار ڪري نمائش لاءِ پيش ڪن ٿا. شڪارپور جي تاريخي نيو ايرا هاءِ اسڪول (1932ع) جيڪو 1962ع کان قاضي حبيب الله جي نالي سان سڏجي پيو ۽ هاڻي هائر سيڪنڊري اسڪول آهي، جتي انٽر تائين تعليم ڏني وڃي ٿي، هتي شاگردن پاران STREAM مقابلن لاءِ پيش ڪيل ماڊل ڏسي منهنجو ايمان اڃان به پختو ٿي ويو ته جيڪڏهن سنڌ جي ٻار کي موقعو ۽ رهنمائي فراهم ڪئي وڃي ته هُو گهڻو ڪجهه ڪري سگهي ٿو. شاگردن هڪ موبائل ايپ تيار ڪئي (Mera ustad)، هيءَ ايپ آف لائن ڪم ڪندي، نصاب متعلق شاگردن کي سنڌي، اردو توڙي انگلش ۾ سوالن جا جواب ڏيندي ۽ شاگرد هتي ڪوئيز گيم پڻ کيڏي سگهندا. شاگردن جي هڪ گروپ (cyber smart quest) جي نالي سان ايپ تيار ڪئي، جنهن ذريعي جعلي/فراڊ پيغامن ۽ تصويرن جي نشاندهي ٿي سگهندي. شاگردن (Digital library Management system) نالي ماڊل تيار ڪيو، جنهن ۾ هڪ ئي وقت سيني ڪلاسن جي ڪتابن جو رڪارڊ منظم نموني محفوظ ڪيو وڃي ٿو. مڊل ۽ هاءِ اسڪول سطح جي ٻارن جو هيءُ ڪم نهايت ئي جس لائق آهي. سنڌ ۾ اهڙا ٻيا به ڪافي مثال آهن. انهن مقابلن جي هڪ اهم خوبي اِها به آهي ته اهي فقط هڪ اسڪول يا اداري تائين محدود نه آهن پر اسڪول جي سطح کان شروع ٿي ضلعي، ڊويزن ۽ آخر ۾ سنڌ سطح تائين پهچن ٿا. اهڙي طرح شاگردن ۾ نه فقط مقابلي جو رجحان پيدا ٿئي ٿو پر پنهنجن تخليقي صلاحيتن کي نروار ڪرڻ جو موقعو به ملي ٿو. هن سال STREAM Education جي سلسلي ۾ شاگردن کي هڪ وسيع ۽ دلچسپ موضوع ڏنو ويو آهي، 'ڪلاس روم کان ڪائنات تائين' هي موضوع پنهنجي اندر وسيع علمي ۽ سائنسي معنائون رکي ٿو. ڪلاس روم ۾ سکيل علم کي عملي تجربن، سائنسي تحقيق، ٽيڪنالاجي ۽ ڪائنات جي اسرارن سان ڳنڍڻ ئي جديد تعليم جو اصل مقصد آهي. ان موضوع ذريعي شاگردن کي پنهنجي سوچ جي حدن کي وسيع ڪرڻ، سوال اٿارڻ، نوان خيال پيش ڪرڻ ۽ علم کي عملي زندگيءَ ۾ استعمال ڪرڻ جو موقعو ملي ٿو.

ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته STREAM جهڙين سرگرمين کي رڳو سالياني تقريب يا انعامن جي مقابلي تائين محدود نه رکيو وڃي پر انهن کي اسڪولن جي تعليمي نظام جو مستقل حصو بڻايو وڃي. تعليم کاتي کي گهرجي ته ضلعي سطح تي اهڙن ميلن لاءِ بجيٽ مختص ڪري، اسڪولن کي ضروري سامان ۽ فني سهولتون فراهم ڪري. اسڪولن ۾ سائنس ڪلبون قائم ڪيون وڃن، شاگردن لاءِ ليبارٽريز ۽ تخليقي ورڪشاپس ناهيون وڃن، استادن کي به جديد سائنسي طريقن بابت تربيت فراهم ڪئي وڃي، حقيقت

خالي ٿيندڙ ڄار ۽ وڌندڙ غذائي بحران

ماريا اسماعيل

'اڳي اسان جي گهر ۾ روزانو مڇي پچندي هئي پر هاڻي هفتي ۾ رڳو هڪ ڀيرو مڇي پچائڻ ممڪن ٿيندو آهي جيڪا مڇي ملي ٿي اها به وڪڻڻي پوي ٿي ته جيئن گهر جا ٻيا خرچ پورا ڪري سگهجن' ابراهيم حيدريءَ جي رهواسڻ سڪينه بيبيءَ جا اهي لفظ ڪراچيءَ جي ساحلي وسندين ۾ بدلجندڙ زندگيءَ ۽ گهرن اندر پيدا ٿيندڙ غذائي بحران جي اهڙي تصوير پيش ڪن ٿا، جنهن جو سڌو سنئون تعلق سمنڊ، مڇيءَ جي ذخيرن ۽ مهاڻن جي خاندانن جي گهٽجندڙ آمدنيءَ سان آهي

سڪينه بيبيءَ لاءِ مڇي ڪڏهن به رڳو خوراڪ ناهي رهي پر اها سندس خاندان جي روزگار ۽ غذائي ضرورتن پوري ڪرڻ جو اهم ذريعو پڻ رهي آهي اڳي جڏهن سمنڊ ۾ مڇي وڏي مقدار ۾ ملندي هئي ته گهر جا مرد شڪار تان واپس ايندا هئا ۽ عورتون گهر ۾ تازي مڇي پچائينديون هيون پر هاڻي مڇيءَ جي شڪار ۾ گهٽتائي ماهيگيريءَ جي وڌندڙ خرچن ۽ گهريلو ضرورتن سندس گهر جي چلهه جو معمول ئي تبديل ڪري ڇڏيو آهي

سڪينه بيبي ٻڌائي ٿي ته اڳي سندن گهر ۾ روزانو مڇي پچندي هئي پر هاڻي هفتي ۾ مشڪل سان هڪ ڀيرو مڇي پچائي سگهجي ٿي جيڪا مڇي هٿ اچي ٿي سا گهر ۾ پچائڻ بدران وڪڻڻ وڌيڪ ضروري ٿي پوي ٿي جيئن اٽو، تيل، ٻارن جون دوائون ۽ ٻيون بنيادي ضرورتون پوريون ڪري سگهجن سڪينه بيبيءَ موجب ساحلي وسندين ۾ زندگيءَ جون بنيادي سهولتون به مستقل طور دستياب ناهن سندس چوڻ آهي ته 'اسان جو حال به ڪراچيءَ جهڙو ئي آهي گئس بجلي ۽ پاڻي ڪڏهن ملي ٿو ته ڪڏهن نه ڪيترائي پيرا ماني پچائڻ لاءِ ڪاٺيون به ٻارڻيون پون ٿيون' سندس چوڻ موجب ابراهيم حيدريءَ ۾ پاڻي ٻن کان ٽن ڏينهن جي وقفي سان لائينن ۾ اچي ٿو پر کين پاڻي پڻ لاءِ ميلن تائين پري وڃڻو ٿو پوي.

ٻئي طرف ريڙهي ڳوٺ جي رهواسڻ گل بانوءَ جو چوڻ آهي ته معاشي مشڪلاتن باوجود هوءَ گهر ۾ مڇي ضرور پچائيندي آهي جيڪڏهن گهر ۾ مڇي موجود نه هجي ته بازار مان خريد ڪري ايندي آهي سندس چوڻ موجب ريڙهي ڳوٺ ۾ پاڻي روزانو لائينن ذريعي فراهم ڪيو وڃي ٿو ۽ کين به پاڻي حاصل ڪرڻ لاءِ پري وڃڻو ٿو پوي. سڪينه بيبي ۽ گل بانوءَ جون ڪهاڻيون ظاهري طور تي مختلف آهن پر ٻئي هڪ ئي حقيقت ظاهر ڪن ٿيون ته ساحلي علائقن ۾ مڇي رڳو روزگار نه پر گهرن جي خوراڪ جو به بنيادي حصو آهي جڏهن سمنڊ مان مڇي گهٽجي ٿي ته ان جو اثر رڳو مهاڻن جي آمدنيءَ تي نه پر گهرن جي خوراڪ، عورتن جي غذائيت ۽ ٻارن جي صحت تائين پهچي ٿو.

مڇيءَ جي کوٽ گهرن جي خوراڪي ترجيحن کي تبديل ڪري ڇڏيو: مهاڻن جي خاندانن ۾ مڇي نسلن کان خوراڪ ۽ روزگار ٻنهي جو ذريعو رهي آهي گهر جا مرد سمنڊ ۾ شڪار لاءِ ويندا هئا، جڏهن ته عورتون مڇي صاف ڪرڻ، سڪائڻ، مڇيءَ کي لوڻ هڻڻ، جهينگن کي صاف ڪرڻ ۽ وڪرو ڪرڻ سميت مختلف مرحلن ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪنديون هيون پر جڏهن سمنڊ ۾ مڇيءَ جو شڪار گهٽجڻ لڳو ۽ ماهيگيريءَ جا خرچ وڌندا ويا ته گهر لاءِ رکيل مڇي به وڪرو ٿيڻ لڳي اهڙيءَ طرح جيڪا خوراڪ ڪڏهن انهن خاندانن جي روزاني زندگيءَ جو حصو هئي سا هاڻي آمدني حاصل ڪرڻ جو ذريعو بڻجي رهي آهي.

گهر جي آمدني گهٽ ٿيڻ سان گڏ خوراڪ جون ترجيحون به تبديل ٿي رهيون آهن دال، گوشت، انڊا، کير ۽ ڀاڄيون باقاعدگيءَ سان خريد ڪرڻ ڪيترن ئي خاندانن لاءِ ڏکيو ٿيندو پيو وڃي اهڙي صورتحال ۾ عورتون اڪثر پنهنجي خوراڪ کي نظرانداز ڪري، پهرين ٻارن کي ماني کارائين ٿيون ۽ پاڻ سڀ کان آخر ۾ کائين ٿيون. ساحلي وسندين جي عورتن لاءِ اها رڳو خوراڪ جي کوٽ ناهي پر هڪ اهڙو مسلسل دٻاءُ آهي جيڪو سندن جسماني صحت کي متاثر ڪري سگهي ٿو اڌوري ۽ غيرمتوازن خوراڪ سبب آئرن جي کوٽ، رت جي گهٽتائي ڪمزوري ۽ ٻين غذائي مسئلن جو خطرو وڌي وڃي ٿو خاص طور تي ڳورهاري عورتن ۽ ٻار ڄڻڻ واري عمر جي عورتن لاءِ ان جا نتيجا وڌيڪ سنگين ٿي سگهن ٿا.

ساحلي عورتن جو روزگار به سمنڊ سان گڏ گهٽ ٿيڻ لڳو: فشرمين ڪوآپريٽو سوسائٽيءَ جي چيئرپرسن فاطمه مجيد موجب ماهيگيريءَ جي شعبي ۾ ايندڙ تبديلين ۽ مڇيءَ جي پيداوار ۾ گهٽتائي عورتن جي روايتي روزگار کي سخت متاثر ڪيو آهي سندس چوڻ آهي ته ماضيءَ ۾ ساحلي علائقن جون عورتون ڄار ناهينديون هيون، مڇي سڪائينديون هيون، جهينگا صاف ڪنديون هيون ۽ ڪڏهن ڪڏهن مردن سان گڏ ٻيڙين ۾ سمنڊ ڏانهن به وينديون هيون پيٽن تي مڇي سڪائڻ ۽ ٻيڙين جي عملي لاءِ کاڌي پيتي جو انتظام ڪرڻ ۾ به عورتن جو اهم ڪردار هوندو هو. ابراهيم حيدريءَ ۾ اڄ به ڪجهه عورتون ۽ ڇوڪريون وڏا ڄار ناهين ٿيون، جن کي مقامي ٻوليءَ ۾ 'راش' يا 'ڪلڙو' چيو وڃي ٿو ڪيترن ئي ڪلاڪن جي مسلسل محنت باوجود کين لڳ ڀڳ 5 سئو رپيا اجورو ملي ٿو جيڪو موجوده مهانگائيءَ ۾ سندن بنيادي ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ ڪافي ناهي

فاطمه خاتون ان تبديليءَ جو هڪ مثال آهي هن تقريباً 35 سال اڳ جهينگا ڇلڻ وارن (صاف ڪرڻ) مرڪزن ۾ ڪم شروع ڪيو هو ان کان اڳ هوءَ ٻيڙين ۾ سمنڊ ڏانهن ويندي هئي مڇي پڪڙڻ ۾ مدد ڪندي هئي ۽ عملي لاءِ کاڌو به تيار ڪندي هئي پر سخت محنت ۽ گهٽ اجوري سبب هن اهو ڪم ڇڏي گهر ڀرسان پڪوڙن جو ننڍڙو ڪاروبار شروع ڪري ڇڏيو هاڻي هوءَ روزانو شام جو ڇهين وڳي کان رات جو 11هين وڳي تائين پڪوڙا وڪرو ڪندي آهي سندس چوڻ موجب ان ڪم مان ايتري آمدني ٿي وڃي ٿي جو خاندان جون بنيادي ضرورتون پوريون ڪري سگهي ٿي علائقي جون ٻيون عورتون به ڪارخانن ۾ ڏهاڙي، گهريلو ملازمت ۽ ننڍن ڪاروبارن ذريعي روزگار حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيون آهن فاطمه مجيد موجب عورتن جي روايتي ڪم جا موقعا گهٽجڻ سبب سندن معاشي خودمختياري به متاثر ٿي آهي مڇيءَ جي پيداوار ۾ گهٽتائيءَ جو هڪ وڏو نقصان اهو آهي ته هن شعبي سان لاڳاپيل عورتن لاءِ آمدنيءَ جا اهي ذريعا محدود ٿيندا پيا وڃن جيڪي ڪڏهن سندن روزاني زندگيءَ جو اهم حصو هئا.

گل بانو مشڪلاتن باوجود همت نه هاري: ريڙهي ڳوٺ جي رهواسڻ گل بانوءَ جي ڪهاڻي به ساحلي عورتن جي معاشي جدوجهد ۽ خودمختياريءَ جي عڪاسي ڪري ٿي سندس شادي هڪ مهاڻي سان ٿي هئي پر بعد ۾ مڙس جي منشيات جي وڪري ۾ ملوث هجڻ سبب هن ڪانئس عليحدگي اختيار ڪري ورتي مڙس کان ڌار ٿيڻ بعد هوءَ پنهنجي مائٽن وٽ واپس آئي پر ڪنهن جي محتاج ٿيڻ بدران مختلف ڪم شروع ڪري ڇڏيا.

ڪڏهن کاڌو تيار ڪري وڪرو ڪيائين، ڪڏهن پڪوڙا ناهيا ته ڪڏهن ٻيون شيون وڪڻڻ جو ڪاروبار ڪيائين گل بانوءَ موجب سندس ٽي ٻار هئا، جن مان ٻه پٽ ننڍپڻ ۾ ئي فوت ٿي ويا، جڏهن ته سندس 12 ورهين جي ڌيءَ پنجين ڪلاس ۾ پڙهي رهي آهي ڪجهه عرصو اڳ هڪ غيرسرڪاري تنظيم سندس مدد ڪئي جنهن کان پوءِ هن پنهنجي گهر جي ٻورچيخاني کي ننڍڙي دڪان ۾ تبديل ڪيو جتي هوءَ سلائي ۽ ڀرت جو ڪم ڪري سگهي ٿي گل بانوءَ جو چوڻ آهي ته هوءَ مشڪلاتن باوجود پنهنجي ڌيءَ جي تعليم ۽ گهر جا خرچ پورا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي سندس چوڻ آهي ته معاشي حالتون ڪيتريون به هجن ٻارن جي خوراڪ ۽ تعليم کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي گل بانوءَ جي جدوجهد اهو به ظاهر ڪري ٿي ته ساحلي علائقن جون عورتون رڳو ماحولياتي تبديلي ۽ روزگار جي بحران کي منهن نه ڏئي رهيون آهن پر کين خانداني مسئلن ۽ سماجي مشڪلاتن سان گڏ پنهنجي زندگي به اڳتي وڌائڻي پوي ٿي

عورتن ۾ رت جي کوٽ، ماءُ ۽ ٻار ٻنهي لاءِ خطرو: عورتن جي بيمارين جي ماهر ڊاڪٽر طوبيٰ موجب سنڌ ۾ عورتن ۾ آئرن جي کوٽ، رت جي گهٽتائي ۽ غذائي کوٽ عام ماڻهن جي صحت جا اهم مسئلا بڻجي چڪا آهن غربت ۽ غيرمتوازن خوراڪ ڪانسواءِ عورتن پاران پنهنجي خوراڪ کي اهميت نه ڏيڻ، ننڍڙي عمر ۾ شادي ۽ حمل بار بار ڳورهاري ٿيڻ ٻارن جي پيدائش ۾ مناسب وقفو نه هجڻ ۽ ماهواريءَ دوران وڌيڪ رت وهڻ به رت جي گهٽتائيءَ جا اهم سبب آهن سندس چوڻ موجب ڳورهارين عورتن ۾ رت جي شديد کوٽ حمل ۽ ويم دوران پيچيدگين جو خطرو وڌائي سگهي ٿي اهڙين عورتن کي ويم دوران وڌيڪ رت وهڻ جي صورت ۾ سنگين مسئلن کي منهن ڏيڻو پئجي سگهي ٿو ۽ ڪڏهن ڪڏهن رت چاڙهڻ جي ضرورت به پوي ٿي ڊاڪٽر طوبيٰ جو چوڻ آهي ته ماءُ ۾ غذائي کوٽ ٻار جي واڌ ويجهه کي به متاثر ڪري ٿي جنهن سبب گهٽ وزن وارو ٻار ڄمڻ وقت کان اڳ پيدائش ۽ جسماني توڙي ذهني نشوونما متاثر ٿيڻ جو خطرو وڌي وڃي ٿو.

هن موجب حڪومت پاران بينظير نشوونما پروگرام، ليڊي هيلٿ ورڪرز پروگرام ۽ ٻيا غذائي پروگرام جاري آهن پر انهن جي اثرائتي نگراني ۽ ساحلي علائقن تائين پهچ بهتر بڻائڻ جي ضرورت آهي هوءَ تجويز ڏئي ٿي ته هر ڳورهاري عورت جي وقت سر رجسٽريشن هيموگلوبن جي جاچ، ضرورت موجب آئرن ۽ فولڪ ايسڊ جي فراهمي ۽ غذائي مشاورت کي يقيني بڻايو وڃي ان سان گڏ ننڍڙي عمر جي ڇوڪرين جي غذائيت ۽ رت جي کوٽ جي اسڪريننگ پڻ ضروري آهي ته جيئن صحت جي مسئلن جي شروعاتي مرحلي ۾ سڃاڻپ ڪري سگهجي

تحقيقي مطالعي ۾ ساحلي ڳورهارين عورتن جي ڳڻتي جوڳي صورتحال: ابراهيم حيدري ۽ ريڙهي ڳوٺ جي ڳورهارين عورتن بابت هڪ تحقيقي مطالعو به هن مسئلي جي مقامي صورتحال واضح ڪري ٿو 2021ع کان مارچ 2022ع دوران ٻنهي علائقن جي ٻن بنيادي صحت مرڪزن ۾ رت جي کوٽ جو شڪار 1 سئو 14 ڳورهارين عورتن کي هن مطالعي ۾ شامل ڪيو ويو، تحقيق موجب انهن عورتن مان 18.4 سيڪڙو شديد، جڏهن ته وڌيڪ 18.4 سيڪڙو وچولي درجي جي غذائي کوٽ جو شڪار هيون اهڙيءَ طرح مطالعي ۾ شامل مجموعي طور 36.8 سيڪڙو عورتن ۾ غذائي کوٽ موجود هئي ساڳئي تحقيق ۾ 88.6 سيڪڙو عورتن ۾ وچولي درجي جي جڏهن ته 10.5 سيڪڙو عورتن ۾ رت جي شديد کوٽ رڪارڊ ڪئي وئي اهي نتيجا ظاهر ڪن ٿا ته ساحلي علائقن ۾ ڳورهارين عورتن کي غذائي کوٽ ۽ رت جي گهٽتائي جهڙن مسئلن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو جيتوڻيڪ اهو مطالعو 2021ع ۽ 2022ع جي انگن اکرن تي ٻڌل آهي پر اهو انهن علائقن ۾ عورتن جي غذائي صحت بابت اهم مقامي ثبوت فراهم ڪري ٿو دستياب انگن اکرن موجب سنڌ جي ساحلي ضلعن ۾ ٻار ڄڻڻ واري عمر جون لڳ ڀڳ 48 کان 50 سيڪڙو عورتون رت جي کوٽ جو شڪار آهن اها صورتحال ظاهر ڪري ٿي ته عورتن جي غذائيت کي رڳو انفرادي صحت جو مسئلو سمجهڻ بدران غربت، خوراڪ جي دستيابي روزگار ۽ ماحولياتي تبديلين جي تناظر ۾ ڏسڻ جي ضرورت آهي **(هلندڙ)**

ڪتابن کان دُوري ۽ اسڪرين جو وڌندڙ استعمال

عزيزالله نونداڻي

انساني تهذيب جي ارتقا هميشه علم مطالعي ۽ فڪري جستجوءَ سان سلهاڙيل رهي آهي قديم دور جي مٽيءَ جي تختين پٿرن جي لکتن ۽ پيپرس جي ورقن کان وٺي ڇپائيءَ جي انقلاب تائين ڪتاب انسان جو سڀ کان سچو ساٿي رازدار ۽ شعور جي روشنيءَ جو ذريعو رهيو آهي تاريخ شاهد آهي ته جن قومن ڪتابن سان پنهنجو ناتو جوڙيو، انهن ئي علم سائنس معاشيات ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ميدانن ۾ دنيا جي امامت ڪئي ڪتابن ئي انسان کي جهالت جي اونداهين مان ڪڍي فڪري بلندين تائين پهچايو آهي پر اڄ اسان 21هين صديءَ جي هڪ اهڙي تيز رفتار ڊجيٽل موڙ تي بيٺل آهيون، جتي موبائيل فون، ٽيبليٽ ۽ ڪمپيوٽر جي چمڪندڙ اسڪرين اسان جي نوجوان نسل جي هٿن مان ڪتاب کسي ورتو آهي جيڪو اسان جي فڪري، علمي سماجي ۽ معاشي مستقبل لاءِ هڪ انتهائي فڪرمنديءَ جو لمحو آهي

اهو صرف مطالعي جي عادت تبديل ٿيڻ يا تفريح جي ذريعن ۾ تبديليءَ جو معمولي معاملو ناهي پر اهو اسان جي نوجوانن جي ذهني نشونما، تخليقي صلاحيتن اخلاقي قدرن ۽ قومي ترقيءَ سان سڌو سنئون ڳنڍيل سنگين مسئلو آهي اڄ جو نوجوان چاهي اهو يونيورسٽين ۽ ڪاليجن ۾ پڙهندڙ شاگرد هجي يا ڳوٺن ۽ شهرن ۾ رهندڙ عام نوجوان، هُو پنهنجي روزاني زندگيءَ جا قيمتي ڪلاڪ سوشل ميڊيا، مختصر وڊيوز، ريلز ۽ آن لائين گيمز تي وڃائي رهيو آهي علمي ڊجيٽل رپورٽن ۽ هڪ اندازي مطابق اڄ جو نوجوان سراسري طور روزانو 6 کان 8 ڪلاڪ مختلف اسڪرينن اڳيان گذاري ٿو جڏهن ته نصابي توڙي غير نصابي ڪتابن جي مطالعي لاءِ وٽس روزانو چند منٽ به ناهن بچيا.

لائبريريون، جيڪي ڪنهن زماني ۾ علم جي پياسن محققن ۽ شاگردن سان ڀريل هونديون هيون، اڄ اهي ويران نظر اچن ٿيون شهرن ۽ ڳوٺن ۾ قائم پبلڪ لائبريرين جا دروازا ته کليل آهن پر اتي وڃي ڪتاب پڙهندڙن جو انگ آڱرين تي ڳڻڻ جيترو رهجي ويو آهي ٻئي طرف اسڪرين جي هن بي پناهه استعمال نوجوانن جي سوچڻ سمجهڻ ۽ تجزيو ڪرڻ جي صلاحيت کي بُري طرح متاثر ڪيو آهي ڪتاب جو مطالعو انسان کي صبر گهرائيءَ سان سوچڻ دليل ڏيڻ ۽ پيچيده مسئلن جو حل ڳولڻ سيکاري ٿو ان جي ابتڙ سوشل ميڊيا جون 30 سيڪنڊن واريون تيز رفتار وڊيوز ۽ ڪجهه سطحي واري معلومات نوجوانن ۾ بي صبري، توجهه جي کوٽ، جلدبازي ۽ ذهني انتشار کي جنم ڏئي رهي آهي

معاشي ۽ تعليمي ماهرن مطابق مطالعي کان پري ٿيڻ جا اسان جي نوجوانن جي عملي زندگيءَ پيشيوراڻي صلاحيتن ۽ ملڪي معاشي ترقيءَ تي پڻ انتهائي ناڪاري اثر پئجي رهيا آهن جڏهن يونيورسٽين ۽ ڪاليجن جا شاگرد پنهنجي موضوع تي گهرو مطالعو ڪرڻ بدران رڳو انٽرنيٽ تان تيار ٿيل مختصر نوٽس، خلاصن يا هٿرادو ذهانت جي تيار ڪيل مواد تي ڀاڙين ٿا ته انهن ۾ تحقيق، مشاهدي جي قوت ۽ تخليقي صلاحيت ختم ٿي وڃي ٿي اهوئي سبب آهي جو اعليٰ تعليمي ڊگريون حاصل ڪرڻ باوجود اڄ جو نوجوان عملي مارڪيٽ جي سخت مقابلن انٽرويوز ۽ جديد معاشي چئلينجن کي منهن ڏيڻ ۾ سخت ڏکيائي محسوس ڪري ٿو ڪنهن به قوم جي معاشي ترقي ان جي دانشور ۽ تخليقي افرادي قوت تي ٻڌل هوندي آهي جيڪا رڳو گهري مطالعي مان ئي پيدا ٿيندي آهي

ڪتابن کان دُوريءَ اسان جي نوجوانن کي پنهنجي شاندار تاريخ قديم ثقافت، مادري ٻوليءَ ۽ ڪلاسيڪل ادب کان پڻ پري ڪري ڇڏيو آهي سنڌ جهڙي زرخيز خطي جنهن شاهه عبداللطيف ڀٽائي سچل سرمست ۽ شيخ اياز جهڙا عظيم مفڪر ۽ شاعر پيدا ڪيا، جو نوجوان پنهنجي ٻوليءَ جي صحيح لکت ۽ ادبي ورثي کان ناواقف ٿيندو پيو وڃي سوشل ميڊيا جي غير معياري ٻوليءَ نوجوانن جي اظهار جي سگهه ۽ تحريري صلاحيت کي ڪمزور ڪري ڇڏيو آهي جيڪو هڪ زنده قوم لاءِ وڏو الميو آهي

ان سان گڏوگڏ اسڪرين جي وڌندڙ استعمال نوجوانن جي جسماني ۽ ذهني صحت لاءِ پڻ سنگين خطرا پيدا ڪري ڇڏيا آهن. رات جو دير تائين موبائيل فون استعمال ڪرڻ سبب ننڊ جي کوٽ، نظر جي ڪمزوري، مٿي جو سور، سستي، ذهني دٻاءُ ۽ سماجي اڪيلائپ جهڙا مسئلا تيزيءَ سان وڌي رهيا آهن. اسڪرين جي عادت نوجوانن کي راندين جي ميدانن کان پڻ پري ڪري ڇڏيو آهي، جنهن سان سندن جسماني قوت مدافعت متاثر ٿي رهي آهي. اڄ گهرن ۾ هڪ ئي ڇت هيٺ گڏ ويهڻ جي باوجود هر فرد پنهنجي موبائيل فون جي اسڪرين جي دنيا ۾ گم نظر اچي ٿو جنهن سان خانداني رابطا، وڏن جو احترام ۽ سماجي همدردي پڻ ڪمزور ٿي رهي آهي. پر انهيءَ صورتحال جو حل ٽيڪنالاجيءَ جي مخالفت ڪرڻ يا جديد دور کان منهن موڙڻ هرگز ناهي، ڇاڪاڻ ته اسڪرين، انٽرنيٽ ۽ ڊجيٽل اوزار به علم حاصل ڪرڻ جا جديد ۽ تيز ترين ذريعا آهن. اصل ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته اسان اسڪرين جي غير ضروري ۽ تفريحي استعمال کي گهٽائي ڪتابن سان پنهنجو ٽٽل ناتو ٻيهر جوڙيون ۽ ٽيڪنالاجيءَ کي پنهنجو غلام بڻايون، نه ڪي پاڻ ان جا غلام بڻجون. سڀ کان پهرين والدين ۽ استادن کي گهرجي ته اهي ٻارن ۽ نوجوانن ۾ ننڍپڻ کان ئي مطالعي جو شوق پيدا ڪن. گهرن ۾ ننڍيون لائبريريون قائم ڪيون وڃن، شادين ۽ سالگره موقعن تي نوجوانن کي تحفي ۾ ڪتاب ڏيڻ جي روايت کي هٿي ڏني وڃي ته جيئن گهرن ۾ علمي ماحول پيدا ٿئي.

تعليمي ادارن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جي ذميواري پڻ تمام وڏي آهي ملڪ جي سمورن تعليمي ادارن ۾ شاگردن لاءِ لائبريريءَ جو استعمال لازمي قرار ڏنو وڃي ۽ نصاب ۾ تحقيقي مطالعي کي اوليت ڏني وڃي تعليمي ادارن ۽ ضلعي سطح تي ڪتابي ميلن ادبي نشستن تقريري مقابلن ۽ مطالعاتي حلقن جو باقاعده انعقاد ڪيو وڃي ته جيئن نوجوانن ۾ علمي بحث مباحثي ۽ ڪتاب پڙهڻ جو شوق وڌي. حڪومت کي پڻ گهرجي ته اها پبلڪ لائبريرين کي جديد سهولتن سان آراسته ڪري ۽ ڪتابن جي ڇپائيءَ تي ٽيڪس ختم ڪري ته جيئن سستا ۽ معياري ڪتاب عام نوجوان جي پهچ ۾ اچي سگهن

ساڳئي وقت اسان جي نوجوانن کي پاڻ به پنهنجي قيمتي وقت جي قدر ڪرڻي پوندي. نوجواني انسان جي زندگيءَ جو سڀ کان وڌيڪ توانو ۽ تعميري دور هوندو آهي. جنهن کي سوشل ميڊيا جي بي مقصد اسڪرولنگ ۾ ضايع ڪرڻ پنهنجي مستقبل سان دشمني ڪرڻ جي برابر آهي. نوجوانن کي گهرجي ته اهي روزانو گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪلاڪ ڪتاب جي مطالعي لاءِ مقرر ڪن ۽ پنهنجي ڊجيٽل اسڪرين کي به رڳو تفريح بدران تحقيقي مضمون پڙهڻ اي بُڪس، آن لائين ڪورسز ۽ جديد معاشي مهارتون سکڻ لاءِ استعمال ڪن. نتيجي طور اسان اهو چئي سگهون ٿا ته ڪتاب ڪنهن به قوم جي فڪري بقا، تهذيبي سڃاڻپ ۽ معاشي ترقيءَ جي ضمانت هوندا آهن. جيڪي قومون ڪتابن سان دوستي رکن ٿيون، اهي ئي علم ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ميدان ۾ دنيا جي امامت ڪن ٿيون. اسڪرين جي چمڪ عارضي پر ڪتاب جي روشني دائمي آهي جيڪا انسان جي روح ۽ ذهن کي منور ڪري ٿي. جيڪڏهن اسان اڄ پنهنجي نوجوان نسل کي ٻيهر ڪتابن سان جوڙي ورتو ته اسان نه رڳو هڪ باشعور، تخليقي ۽ صحتمند معاشرو تيار ڪري سگهون ٿا پر ملڪ جي علمي سماجي ۽ معاشي مستقبل کي پڻ روشن ڪري سگهون ٿا.

اڄوڪو ڏينهن ـــ 15 نومبر

رامداس شامداس درياڻي

رامداس شامداس درياڻي هندستاني فلمن جو مشهور هدايتڪار ۽ پروڊيوسر هو. هن کي عام طور تي رام درياڻيءَ جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو. هن جو جنم 15 نومبر 1915ع تي حيدرآباد سنڌ ۾ ٿيو ۽ پهريائين حيدرآباد ۾ ۽ پوءِ ڪراچيءَ ۾ تعليم حاصل ڪيائين تعليم جي تڪميل کان پوءِ 1933ع ڌاري هن ايسٽرن آرٽس نالي هڪ ڪمپنيءَ ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. هڪ فلم ڊائريڪٽر طور سندس پهرين فلم 'خونِ ناحق' هئي جيڪا 1935ع ۾ رليز ٿي هئي 1936ع ۾ هن درياڻي فلمس نالي سان پنهنجي هڪ ڪمپني ناهي انهيءَ ڪمپنيءَ طرفان هن ڪيترين ئي فلمون ناهيون. سندس مشهور فلمن ۾ زمان (1938ع)، پياس (1941ع)، دوسري شادي (1947ع)، ترانا (1951ع) ۽ ٻيون ڪيترين ئي فلمون شامل آهن هڪ ڊائريڪٽر طور هن جي آخري فلم 'چاند ميري آجا' 1960ع ۾ رليز ٿي هن 7 سيپٽمبر 1963ع تي لاڏاڻو ڪيو.



ارجن هنگوراڻي

هندستاني فلمن جي هن ناليواري هدايتڪار، اداڪار ۽ پروڊيوسر جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1926ع ۾ ٿيو. هن ڌرميندر ۽ ساڌنا شوداساڻيءَ جهڙن وڏن اداڪارن کي فلم انڊسٽريءَ ۾ متعارف ڪرايو. هن ئي هندستان ۾ ٺهندڙ پهرين سنڌي فلم اباڻا ناهي هئي. هن جي مشهور فلمن ۾ 'ڪب، ڪيون اور ڪهان'، 'ڪرشما قدرت ڪا'، 'کيل کلاڙي ڪا'، 'ڪهاني قسمت ڪي' ۽ ٻيون فلمون شامل آهن. ارجن هنگوراڻيءَ 5 مئي 2018ع تي پرلوڪ پڌاريو.



انجانا هزاري

هن نامور سنڌي تعليمدان ۽ ڪامياب ڪاروباري شخصيت جو جنم 15 نومبر 1932ع تي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو سندس والد پريهداس سخاوتراءِ تولاڻي لاڙڪاڻي ضلعي جو مشهور زميندار ۽ [illegible]



۾ ٿيو ابتدائي تعليم ڏڙي مان حاصل ڪيائين ۽ سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪري پرائمري اسڪول ۾ استاد مقرر ٿيو سڄي عمر ٻارن کي پڙهائڻ سان گڏ هن حڪمت جي ميدان ۾ به وڏو نالو پيدا ڪيو. سندس شفاخاني تان ڪيترن ئي مريضن کي صحتيابي ملي غلام عباس شاهه کي ڪتابن پڙهڻ ۽ گڏ ڪرڻ جو به گهڻو شوق هو. سندس ڪتب خاني ۾ هزارين ناياب ڪتاب موجود هئا. هو هڪ پختو شاعر پڻ هو سنڌيءَ ۽ فارسيءَ ۾ شعر لکندو هو شاعريءَ ۾ 'عباس' ۽ 'ثاني' تخلص استعمال ڪندو هو. سندس ڪلام جو هڪ نمونو يوسف سنڌيءَ جي ڪتاب 'پسي تنهنجي تجلي' ۾ پڙهي سگهجي ٿو. لاڙ جي هن انمول انسان 22 جون 1978ع تي هن فاني دنيا مان هميشه لاءِ موڪلايو.



پير آفتاب حسين شاهه جيلاني

اڄ نامور سياستدان پير آفتاب حسين شاهه جي سالگره جو ڏينهن آهي. سندس ولادت 15 نومبر 1946ع تي ميرپورخاص ۾ ٿي پهرئين ڪلاس کان اٺين ڪلاس تائين سينٽ مائيڪل مڊل اسڪول ميرپورخاص ۾ پڙهيو ۽ مئٽرڪ جو امتحان ساڳئي شهر جي گورنمينٽ هاءِ اسڪول مان پاس ڪيائين. ان بعد هن سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊو ڄام مان بي ايس سي ۽ ايم ايس سي جون سندون حاصل ڪيون. شاگرديءَ واري زماني ۾ پاڻ ڪرڪيٽ جو مشهور رانديگر هو. هن سنڌ جي ڪرڪيٽ ٽيم جو ڪيپٽن رهيو ۽ 1971ع کان 1977ع تائين سنڌ جي ڪرڪيٽ ٽيم جو نائب صدر رهيو. کيس سياست سان به گهڻو چاهه رهيو آهي ۽ سندس شمار پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي انتهائي وفادار ۽ ايماندار اڳواڻن ۾ ٿئي ٿو. شاهه صاحب 1977ع وارين عام چونڊن ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. ان بعد ڪيترائي ڀيرا سنڌ اسيمبليءَ يا قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊجندو رهيو آهي. هو 2024ع وارين عام چونڊن ۾ به سوڀ ماڻي قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو.

ڊاڪٽر آزاد قاضي

ڊاڪٽر آزاد قاضي مشهور تعليمي ماهر ۽ ساهتڪار آهي هن جي [illegible]

مختيار اڻز

آواز اٿاريندڙ سياستدان ۽ پلوڙ ليکڪ طور پنهنجي ساک قائم ڪئي آهي اڄ سندس سالگره جو ڏينهن آهي هن جو جنم 15 نومبر 1968ع تي حيدرآباد ۾ ٿيو. سندس والد رسول بخش پليجو سنڌ جو سڄاڻ، مشهور سياستدان ۽ قانوندان هو، جڏهن ته والده جيجي زرينه بلوچ سنڌياڻي تحريڪ جي سرواڻ ۽ مشهور قومي گلوڪاره هئي. اياز لطيف مهراڻ يونيورسٽي ڄامشوري مان سول انجنيئرنگ ۾ گريجوئيشن ڪئي. هن ايل ايل بي ۽ ايل ايل ايم جون سندون حاصل ڪيون. انهن سندن سان گڏ هن ڪئنيڊا جي يونيورسٽي آف برٽش ڪولمبيا مان ليڊرشپ فار انوائرنميٽ ۽ ڊولپمينٽ ۾ بئچلر ڊگري حاصل ڪئي. پاڻ 'قومي عوامي تحريڪ' جو سرواڻ آهي. سنڌ ڊيموڪريٽڪ الائنس (جي ڊي اي) جو سيڪريٽري جنرل پڻ رهيو آهي. هن سنڌ سان ٿيندڙ زيادتين خلاف هميشه آواز اٿاريو آهي. هن کُلم کُلا ڪالاباغ ڊيم جي مخالفت ڪئي آهي. سنڌ ۾ ڌارين جي آبادڪاري، پاڻيءَ جي غير منصفاڻي ورهاست، ڪراچيءَ ۾ لساني تنظيمن جي دهشتگردي، غيرقانوني طور تي نوان صوبا ٺهڻ ۽ اهڙن ٻين عملن خلاف هميشه آواز اٿاريندو رهيو آهي. هو هڪ بهترين ڪالم نگار ۽ ليکڪ پڻ آهي ۽ مختلف اخبارن لاءِ سياسي، سماجي ۽ ماحولياتي موضوعن تي ڪالم لکندو رهيو آهي. هن ڪيترائي ڪتاب پڻ لکيا آهن، جن ۾ 'تي مسافر تي شهر'، 'سارون، سپنا، آزادي'، 'دنيا پنهنجي ديس پرايا'، 'ٻاک جي ساک'، 'قانون سڀني لاءِ'، 'قانون ۽ انصاف' ۽ 'روڪ جي روڪي سگهين' شامل آهن. پليجي صاحب کي جنم ڏينهن تي مبارڪباد پيش ڪجي ٿي.



انيتا شاهه لکياري

انيتا شاهه لکياري سنڌ جي مشهور سماج سڌارڪ، ڪالم نگار، ليکڪا، پروڊيوسر ۽ انتظامي سربراهه هئي. هن جو جنم 15 نومبر 1974ع ۾ حيدرآباد ۾ ٿيو. هن جي وڏن جو تعلق ڄامشوري ضلعي جي تاريخي ماڳ خدا آباد سان آهي. هن حمايت الاسلام هاءِ اسڪول حيدرآباد مان مئٽرڪ ۽ ندرت گرلز ڪاليج حيدرآباد مان ٻارهين ڪلاس جو امتحان پاس ڪيو. سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم اي (سوشالاجي)، ايم بي اي (مارڪيٽنگ) ۽ ايل ايل بي جون سندون حاصل ڪيائين. ان کان سواءِ اسڪاٽليند جي اسٽريٿڪلائيڊ يونيورسٽيءَ جي سينٽر آف جينڊر اسٽڊيز ۾ وزيٽنگ اسڪالر طور ڪم ڪيائين ۽ آمريڪا جي فل برائيٽ اسڪالرشپ تي ميري لينڊ يونيورسٽيءَ جي ڪاليج پارڪ ۾ هيوبرٽ همفري فيلو پڻ رهي. هن آمريڪا

ڊپٽي ڊسٽرڪٽ آفيسر ۽ ٻين اهم عهدن تي رهي خدمتون سرانجام ڏنائين. هن هڪ نجي ٽيليويزن چئنل تي ڪجهه ٽاڪ شوز جي ميزباني پڻ ڪئي. سنڌي ادبي کيتر ۾ هن هڪ ليکڪا، شاعره ۽ ناول نگار طور پنهنجي سڃاڻپ پيدا ڪئي. هن سنڌي ۽ انگريزي اخبارن ۾ مختلف سماجي، سياسي ۽ ٻين موضوعن تي شاندار ڪالم لکيا. هن سنڌ ۾ ڪاروڪاريءَ جي مسئلي تي هڪ مونوگرام به لکيو. هن 7 جنوري 2024ع تي وفات ڪئي.

شيخ نظر محمد بسمل

اڄ سنڌ جي مشهور شاعر، افسانه نگار ۽ صحافيءَ شيخ نظرمحمد بسمل جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. سنڌيانا انسائيڪلوپيڊيا مطابق هو 23 مارچ 1934ع تي پير جو ڳوٺ ضلعي خيرپور ميرس ۾ ڄائو. ٻئي پاسي حسيب ناياب منگيءَ پنهنجي هڪ مضمون ۾ (روزاني ڪاوش، 22 مارچ 2022ع) هن جي جنم جي تاريخ 26 جنوري 1933ع لکي آهي. سنڌي فائنل تائين تعليم حاصل ڪيائين. ان بعد روزگار ساڻگي پهريائين جيڪب آباد ۾ ۽ پوءِ شڪارپور ۾ رهائش اختيار ڪيائين. هن 1956ع ۾ شڪارپور مان 'خانه بدوش' نالي هڪ پندرهن روزه اخبار جاري ڪئي جيڪا سال ڪن کان پوءِ بند ٿي وئي. هن ڪجهه افسانه به لکيا پر ادبي دنيا ۾ سندس اصل سڃاڻپ شاعري آهي. شاعريءَ ۾ بسمل سندس تخلص هو. هن جي شاعريءَ جا چار ڪتاب ڇپجي پڌرا ٿيا، جن ۾ 'پرينءَ جا گيت'، 'نذرانه بسمل'، 'آزاد آهون' ۽ 'هڪ دل هزار دانهون' شامل آهن. هن 15 نومبر 2000ع تي هن دنيا مان موڪلايو.

محمد اشرف لانگاهه

محمد اشرف لانگاهه موري جو مشهور سگهڙ ۽ لوڪ ادب جو ڄاڻو هو. هو 6 جولاءِ 1967ع تي وليءِ محمد لانگاهه جي گهر پيدا ٿيو. هن 1978ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو. وڌيڪ تعليم حاصل نه ڪري سگهيو. هن جو وڏو ڀاءُ علي نواز لانگاهه به هڪ سريلو سگهڙ آهي انهيءَ جي تربيت ۽ صحبت محمد اشرف کي به سگهڙ بڻائي ڇڏيو. هن سگهڙائپ جي وڌيڪ تربيت هالي بخش سيٺار کان حاصل ڪئي. هن جي شاعريءَ ۾ حمد، نعتون، سينگار ۽ ڏور بيت وغيره شامل آهن. هن پاڪستان ٽيليويزن ۽ ڪجهه نجي ٽيليويزن چئنلن جي لوڪ ادب جي پروگرامن ۾ به ڪئين ڀيرا شرڪت ڪئي. تاريخ 15 نومبر 2009ع تي هو فجر نماز پڙهي گهر موٽي رهيو هو ته رستي ۾ ڪجهه ڦورن ڪانئس موبائيل ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي مزاحمت تي کيس شهيد ڪري ڇڏيائون.

الطاف سومرو

الطاف سومرو ريڊيو ۽ ٽيليويزن جو مشهور اداڪار هو. هن اڄوڪي ڏينهن تي 1953ع ۾ حيدرآباد ۾ اکيون کوليون. ميرپورخاص ۽ حيدرآباد ۾ تعليم حاصل ڪيائين. اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايل ايل بي ۽ ايم اي (پوليٽيڪل سائنس) جون سندون حاصل ڪيائين. هن پنهنجي فني زندگيءَ جي شروعات 1970ع



CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج IX حيدرآباد
گارڊين سوٽ 438 نمبر سال 2026

مسمات نمرا زال منور علي ڌيءُ ساجد علي لغاري رهندڙ ڳوٺ مير خان لغاري تعلقو سڪرنڊ ..اپليڪينٽ ..بخلاف .. سمير علي ولد اعجاز علي سومرو رهندڙ محلو غريب آباد نزد امام بارگاهه نوابشاهه (2) جنرل پبلڪ ايٽ لارج.. ايوننٽس (1) Mirah بتول (2) Irha فاطمہ.. مائنر

مٿين ايوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين اپليڪينٽ توهان جي خلاف گارڊين درخواست زير قلم 7.25 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 21-11-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج IX حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾جناب فرسٽ سينئر سول جج ٽنڊو الهيار
ايف سي سوٽ 165 نمبر سال 2026

شريمتي Shaveeda ڌيءُ ميو زال پريو هندو بالغ ڪچي ڪرلهي رهندڙ فقيرخان محمد اليو تعلقو جمبڙ ضلعو ٽنڊو الهيار ..پلينٽف ...بخلاف .. (1) اسٽنٽ مينيجر نادرا ٽنڊو الهيار (2) ڊي جي نادرا اسلام آباد (3) جنرل پبلڪ ايٽ لارج...ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪلريشن اينڊ مينڊيٽري انجڪشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 16-11-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غيرحاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سينئر سول جج ٽنڊو الهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾جناب سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم I ڏگهڙي
(روبرو جناب ارشد علي سمون)
فيملي سوٽ 87 نمبر سال 2026

شريمتي حيمي ڌيءُ ولو زال گينو هندو بالغ رهندڙ مير علي احمد ٽالپر نزد ريو تعلقو ڏگهڙي ضلعو ميرپورخاص ..پلينٽف ..بخلاف Deno ولد پورو هندو بالغ رهندڙ Araro پرڳڻو تعلقو سامارو ضلعو عمرڪوٽ...ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف جوڊيشل سيپريشن اينڊ رڪوري داوري آرٽيڪلز ۽ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 16-11-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم I ڏگهڙي

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول جج اينڊ جي ايم MIMC-I ميرپورخاص
فيملي سوٽ 122 نمبر سال 2026

مسمات فوزيه ڌيءُ مختيار علي زال ذوالفقار علي رهندڙ خاصخيلي پاڙو ميرپورخاص ..پلينٽف ...بخلاف.. ذوالفقار علي ولد امير بخش رهندڙ ڳوٺ بچل جوڻيجو تعلقو ڳولاڙچي ضلعو بدين......ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ رڪوري داوري آرٽيڪلز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 17-11-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غيرحاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول جج اينڊ جي ايم MIMC-I ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج II هالا
(روبرو جناب علي حسن مري)
فيملي سوٽ 159 نمبر سال 2026

مسمات نسرين ڌيءُ حاجي بچل ذات سولنگي رهندڙ پٽي محلو تعلقو هالا نيو ضلعو مٽياري ..پلينٽف ...بخلاف.. شڪيل احمد ولد محمد عرس ذات ڏاير رهندڙ پٽي محلو نصرپور تعلقو ۽ ضلعو ٽنڊو الهيار ......ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ رڪوري داور امائونٽ ۽ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 16-11-2026تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غيرحاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج II هالا

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول جج اينڊ جي ايم II دوڙ
(روبرو جناب عنايت علي ميمڻ)
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات شازيه ڌيءُ نصير احمد پنهور رهندڙ گلشن رحيم ستي نزد رئيس مل بانڊي تعلقو دوڙ ..پلينٽف ..بخلاف.. مجيب الله ولد زاهد حسين پنهور رهندڙ ڳوٺ ڪبڙ پنهور پي او قليچي ضلعو دادو سيل نمبر 03202450977......ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 17-11-2026تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول جج اينڊ جي ايم II دوڙ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سيڪنڊ سينئر سول جج شهيد بينظير آباد
ايف سي سوٽ نمبر 148 سال 2026

محمد علي ولد غلام محمد ذات ڪوڪر رهندڙ ڳوٺ Rohro خان ڪوڪر تعلقو سعيد آباد ضلعو مٽياري سيل نمبر 03058182657 ..پلينٽف ..بخلاف.. (1) ڊي سي شهيد بينظير آباد (2) اي سي نوابشاهه (3) مختيارڪار ريوينيو تعلقو نوابشاهه (4) سب رجسٽرار نوابشاهه (5) ايس ايڇ او بي ايس سيڪشن نوابشاهه (6) HBFC معرفت برانچ مينيجر نوابشاهه (7) منور علي ولد ڪمال خان سولنگي رهندڙ تاج ڪالوني نوابشاهه (8) باغ علي ولد محمد دين جت معرفت قانوني وارث رهندڙ جمشيد ڪالوني نوابشاهه ضلع شهيد بينظير آباد سيڪنڊ ايڊريس مورو تعلقو مورو ضلعو نوشهروفيروز...ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪلريشن ، اسپيسفڪ پرفارمنس آف ڪانٽريڪٽ مينڊيٽري انجڪشن پرمننٽ انجڪشن ۽ Consequential Reliefs زير قلم VII رول 1 سي پي سي تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 28-11-2026تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سينئر سول جج شهيد بينظير آباد

عام اطلاع

هرعام وخاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته نالي جمع عرف محمد جمن ولد محمد حسن جوکيو سروي نمبر 911/1 ايراضي 04-00 ايڪڙ ديهه Halath ٽپو هاليجي تعلقو ضلعو ٺٽو جي ري ڪنسٽرڪشن رڪارڊ آف رائيٽس حاصل ڪرڻ لاءِ دستاويزي ثبوت پيش ڪيا آهن ان بابت اگر ڪنهن کي ڪو قانوني اعتراض هجي ته هن اشتهار شايع ٿيڻ جي 15 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض جمع ڪرائي ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ کانپوءِ ڪو به اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ درخواست تي عمل آندو ويندو

ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو

عام اطلاع

هرعام و خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته نالي عبدالرشيد ولد محمد ڪاتيار سروي نمبر 286 ايراضي 04-00 ايڪڙ شيئر ايريا 2.00 ايڪڙ ديهه رهاڙو جاڳير ٽپو بوهارا تعلقو ميرپورساڪرو ضلعو ٺٽو جي ري ڪنسٽرڪشن رڪارڊ آف رائيٽس حاصل ڪرڻ لاءِ دستاويزي ثبوت پيش ڪيا آهن ان بابت اگر ڪنهن کي ڪو قانوني اعتراض هجي ته هن اشتهار شايع ٿيڻ جي 15 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض جمع ڪرائي ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ کانپوءِ ڪو به اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ درخواست تي عمل آندو ويندو

ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو

عام اطلاع

هرعام وخاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته نالي محمد عيسيٰ ولد بخش علي جوکيو سروي نمبر 101.146.147.183.322.45.43.44.46.102.99.100 98.38.42 ايراضي 28-04 ايڪڙ ديهه هلڪي ٽپو Jhariyoon تعلقو ميرپورساڪرو ضلعو ٺٽو جي ري ڪنسٽرڪشن رڪارڊ آف رائيٽس حاصل ڪرڻ لاءِ دستاويزي ثبوت پيش ڪيا آهن ان بابت اگر ڪنهن کي ڪو قانوني اعتراض هجي ته هن اشتهار شايع ٿيڻ جي 15 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض جمع ڪرائي ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ کانپوءِ ڪو به اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ درخواست تي عمل آندو ويندو

ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو

بقايا 1 روزاني عبرت

ڏاليور ,سابق صوبائي وزير سيد علي بخش عرف پپو شاهه ، ايم پي اي ادي ياسمين شاهه ، مير منظور احمد ڏاليور جي اڳواڻي ۾ ٿي ويو جنهن جي اڳواڻي بنهي ڌرين جون ڳالهيون ٻڌڻ بعد ڪاتيار ۽ عمراڻي برادري کي ياڪر پارائي ڪين ڪير ڪنب ڪندي ، جيهڙي ۾ گوليون لڳڻ ڪري زخمي ٿيل وڏيري غلام رسول ڪاتيار جي نوجوان پٽ جي علاج تي ايندڙ خرچ جا عمراڻي برادري تي 25لک ڏنڊ طور رکيا ويا آهين جيڪي عمراڻي برادري ادا ڪندي ۽ ٻنهي ڌرين ڪيسن تان هٿ کڻنديون اهڙي فيصلي سبب ٽنڊوباگو شهر ۽ پرپاسي وارن علائقن ۾ خوشي واري لهر ڇانيل آهي. فيصلي ۾ پيپلزپارٽي جي تعلقا صدر مير محمد بخش ڏاليور حاجي سائين بخش جمالي، مير منير احسن ڏاليور اسسٽنٽ ڪمشنر ٽنڊوباگو ثناء الله صدن عمراڻي برادري جي سردار عبدالواحد عمراڻي، حاجي ولي محمد عمراڻي، وڏيرو غلام رسول ڪاتيان سميت ڪاتيار برادري عمراڻي برادري جي ماڻهن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي، اهڙي فيصلي جي تصديق صوبائي وزير سيد علي بخش عرف پپو شاهه پڻ ڪئي آهي.

بقايا 2 روزاني عبرت

ميمڻ ڪالوني جي رهواسي شهري نديم آرائين جي موٽر سائيڪل چوري ڪري هڪ شڪي جوابدار فرار ٿي رهيو هو ته ٻاهه پاس وٽ موجود شهرين گيس گهيري ۾ آڻي سوگهو ڪري ورتو جنهن بعد شهرين پڪڙيل شڪي جوابدار کي ڏگهڙي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو هوڏانهن متاثر شهري نديم آرائين واقعي جي رپورٽ داخل ڪرائڻ لاءِ ڏگهڙي ٿاڻي تي پهچي ويو آهي جڏهن ته پوليس واقعي بابت وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي.

بقايا 3 روزاني عبرت

لاڳين ٿاڻي جي حد جعفر آباد مان واقع اڻڄاتل چور اسرار دشتي جي گهر ۾ داخل ٿي 5 لک روپيا روڪ رقم ۽ هڪ موبائيل فون کڻي فرار ٿي ويا. اطلاع تي حد جي پوليس پهچي جاچ شروع ڪري ڏني ان موقعي تي گهر ڌڻي اسرار دشتي صحافين کي ٻڌايو ته گهر خالي هو فيملي بازار ويل جنهن دوران اڻڄاتل چور گهر ۾ داخل ٿي 5 لک روپيا روڪ رقم ۽ هڪ موبائيل فون کڻي فرار ٿي ويا. هن گهر ڪندي چيو ته ايس ايس پي واقعي جو نوٽيس وٺي چوري ٿيل رقم ۽ موبائيل فون واپس ڪرائي ڏئي.

بقايا 4 روزاني عبرت

بيهاري انبس هاءِ وي تي ڌرڻي لاءِ سوين ماڻهون گڏ ٿي ويا جنهن تي رائلٽي ٽئڪس اوڳاڙيندڙن ۽ پوليس ڪيمپ تي پهچي قيادت سان ڳالهيون ڪري رائلٽي ٽئڪس ۾ 30 سيڪڙو رعايت ڏئي وڌيڪ رعايت لاءِ 15 ڏينهن جي مهلت ورتي جنهن تي ٽرانسپورٽر عارضي طور ڌرڻو ملتوي ڪرڻ جو اعلان ڪيو ان موقعي تي سيد منير حيدر شاهه ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته رائلٽي انتظاميا رويو تبديل نه ڪيو ته ٺيڪيدارن جي گهرن جو گهيراءُ ڪيو ويندواحتجاج ۾ جي يو آءِ جسٽم بشير خان قريشي سميت مختلف سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن پڻ شرڪت ڪئي

بقايا 5 روزاني عبرت

جو اهتمام ڪيو ويو جنهن جو افتتاح بدين پريس ڪلب جي صدر شوڪت ميمڻ ۽ ايوانِ صحافت جي صدر حاجي خالد محمود گهمڻ ڪيو ڪتابي ميلي ۾ مختلف موضوعن تي مشتمل هزارين ڪتاب نمائش ۽ وڪري لاءِ رکيا ويا، جتي شاگردن، استادن ادبي حلقن ۽ شهرين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي ڪتابي ميلي ۾ شاگردن ۽ استادن جو غير معمولي جوش ۽ جذبو ڏسڻ ۾ آيو شهرين پنهنجي دلچسپيءَ موجب مختلف موضوعن جا ڪتاب خريد ڪيا، جڏهن ته شاگردن به ڪتابن جي چونڊ ڪري خريداريءَ ۾ ڀرپور دلچسپي ورتي وڏي انگ ۾ ڪتابن جي خريداري ان تاثر کي غلط ثابت ڪيو ته جديد دور ۾ ڪتاب پڙهندڙن ۽ خريدارن جو انگ گهٽجي رهيو آهي هن ميلي ثابت ڪيو ته جيڪڏهن معياري ڪتاب مناسب انداز ۾ پڙهندڙن تائين پهچايا وڃن ته اڄ به سماج ۾ ڪتابن سان محبت ڪندڙ ماڻهن جو وڏو انگ موجود آهي ان موقعي تي تنظيم اساتذه پاڪستان ضلعي بدين جي سيڪريٽري عبداللطيف ڪوسي ٻڌايو ته تنظيم پاران تعليمي ادارن ۾ مطالعي کي هٿي وٺرائڻ ۽ شاگردن ۾ ڪتاب پڙهڻ جو شوق پيدا ڪرڻ لاءِ اهڙين علمي سرگرمين جي ضرورت محسوس ڪئي پئي وڃي انهيءَ مقصد تحت مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور سان رابطو ڪيو ويو جنهن جي نتيجي ۾ اڪيڊمي پاران بدين شهر جي مختلف اسڪولن ڪاليجن بدين پريس ڪلب ۽ ايوان صحافت اڳيان ڪتابي ميلن جو اهتمام ڪيو ويو ڪتابي ميلي ۾ ڪاليج جي استادن شمس الدين سومري، غلام رسول احمداڻي محمد علي ٻليدي، اياز لطيف سومري سميت ٻين استادن شرڪت ڪئي ۽ هن علمي ۽ ادبي سرگرمي کي ساراهيندي ان کي شاگردن جي تعليمي ۽ فڪري تربيت لاءِ هڪ مثبت قدم قرار ڏنو ان موقعي تي استادن ۽ منتظمين ان عزم جو اظهار ڪيو ته سماج ۾ مطالعي جي عادت کي هٿي وٺرائڻ نوجوان نسل کي ڪتاب ۽ علم سان ڳنڍڻ ۽ تعليمي ادارن ۾ مثبت علمي ۽ ادبي سرگرمين جي انعقاد لاءِ اهڙين تقريبن جو سلسلو جاري رکيو ويندو مقررين جو چوڻ هو ته ڪتاب علم شعور ۽ ڄاڻ حاصل ڪرڻ جو اهم ذريعو آهي جڏهن ته زنده قومون هميشه ڪتاب سان پنهنجو رشتو مضبوط رکنديون آهن نئين نسل ۾ ڪتاب پڙهڻ جو شوق پيدا ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي

بقايا 6 روزاني عبرت

اهلڪارن کي ڪٺائي سول اسپتال منتقل ڪيو جتي ڊاڪٽرن پاران زخمي اهلڪارن کي طبي امداد ڏني وئي، جڏهن ته پوليس اهلڪار بابل پنگر جي طبيعت گهڻي جوڳي هجڻ ڪري کيس لاڙڪاڻو منتقل ڪيو ويو هوڏانهن ايمبولينس ڊرائيور موقعي تان فرار ٿي ويو آخري اطلاعن تائين حد جي ٿاڻي تي واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو

بقايا 7 روزاني عبرت

معروف نوحه خوان زوار سيد شير محمد شاهه لڪياري سيلا شهباز علي شاهه انجمن حيدري استاد سڪندر جوڻيجو سجادير ماتمي سنگت ۽ ٻين مقامي نوحه خوان نوحه خوان تنظيمن نوحا پڙهيا جڏهن ته وڏي انگ ۾ نوجوانن قلندري ماتمي سنگت عزادارن پاران سينه زني ڪري عقيدت ۽ احترام جو اظهار ڪيو ويو ماتمي جلوس دوران گهنٽا گهر چوڪ تي زنجير زني پڻ ڪئي وئي جلوس پنهنجي روايتي مقرر ڪيل روٽ تان ٿيندو واپس حيدري امام بارگاهه پهچي اختتام پذير ٿيو ان موقعي تي ڊي ايس پي ميهڙ وحيد بيگ جي اڳواڻي ۾ سڪيورٽي جا انتظام سخت ڪيا ويا ماتمي قافلي جي داخلي ۽ خارجي رستن سان عارضي چيڪنگ پوائنٽون قائم ڪيون ويون عزاداري قافلي جي پڄاڻي تي وطن عزيز عالم اسلام ۾ امن امان خير برڪت ۽ اتحاد لاءِ خصوصي دعائون پڻ گهريون ويون

بقايا 8 روزاني عبرت

ضابطو آڻڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيس جنهن ممڪن طور تي هڪ وڏي حادثي کي روڪيو تفصيل موجب، جڏهن جانوجي ڪان رهڙڪي ڏانهن ايندڙ مسافر ويگن سڪر-ملتان انٽرچينج جي ويجهو هڪ پيٽرول پمپ تي پهتي ته اوچتو ويگن ۾ باهه لڳي وئي ۽ باهه جا شعلا بلند ٿيڻ سان اتي موجود ماڻهن ۾ خوف پکڙجي ويو جڏهن ته ويگن ۾ موجود مسافر فوري طور تي گاڏي مان ٻاهر نڪري پنهنجيون جانيون بچايون واقعي جي اطلاع ملندي ئي پيٽرول پمپ جي عملي غير معمولي چستي ۽ هوشياري جو مظاهرو ڪندي فوري طور تي ويگن ۾ لڳل ايل پي جي گئس سلنڊر کي هٽائي ڇڏيو ۽ بچاءَ جا ڪم شروع ڪري ڇڏيا عملي جي بروقت ڪوشش جي نتيجي ۾ ويگن ۾ لڳل باهه تي ضابطو آندو ويو جڏهن ته باهه لڳڻ سبب مسافر ويگن کي جزوي طور تي نقصان پهتو اهو واقعو پنهي پوليس اسٽيشن جي حد ۾ سڪر-ملتان انٽرچينج جي ويجهو واقع هڪ پيٽرول پمپ تي پيش آيو خوشقسمتيءَ سان واقعي ۾ ڪو به زخمي نه ٿيو ۽ سڀئي مسافر محفوظ رهيا. شهرين پيٽرول پمپ جي عملي جي بروقت ڪارروائي ۽ هوشياري جي تعريف ڪئي ۽ چيو ته جيڪڏهن ايل پي جي سلنڊر کي فوري طور تي نه هٽايو وڃي ها ته باهه وڌيڪ تيز ٿي سگهي ها ۽ هڪ وڏو الميو پيش اچي سگهي ها.

بقايا 9 روزاني عبرت

فرد يا برادري کي ذاتي قبضي يا استعمال جو حق حاصل نه آهي سينيئر صحافي عجيب علي لاکو وڌيڪ چيو ته قبرستان جي زمين عوام جي گڏيل ملڪيت ۽ هڪ مقدس جاءِ آهي، جتي فوت ٿيل ماڻهن جي تدفين ڪئي ويندي آهي اهڙي زمين تي مبينا قبضو ڪرڻ سان نه رڳو عوام جي حقن کي نقصان پهچي ٿو پر قبرستان جي اصل مقصد کي به متاثر ٿيڻ جو خدشو آهي هن لاڳاپيل ضلعي انتظاميا، روينيو کاتي ۽ ٻين اختيارين کان مطالبو ڪيو ته ڳوٺ لاکا جي قبرستان واري زمين جي مڪمل جاچ ڪرائي وڃي سرڪاري رڪارڊ جي روشنيءَ ۾ زمين جي حيثيت واضح ڪئي وڃي ۽ جيڪڏهن قبضو ثابت ٿئي ته قانون موجب ڪارروائي ڪري قبرستان جي زمين کي قبضي کان آجو ڪرايو وڃي.هن چيو ته قبرستانن جي زمينن جو تحفظ ڪرڻ انتظاميا جي ذميواري آهي تنهن ڪري هن معاملي جو فوري نوٽيس وٺي عوام جي خدشن جو ازالو ڪيو وڃي

بقايا 10 روزاني عبرت

شاهه کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ حيدرآباد اسپتال روانو ڪيو ويو ٽنڊو محمد خان پوليس پاران جوابدار اهلڪار وحيد شاهه کي پسٽل سميت موقعي تي گرفتار ڪري لاڪپ ڪيو ويو.ٻي طرف ذريعن موجب ڪجهه ڏينهن اڳ صائم شاهه جي اغوا جو ڪيس ٻي سيڪشن ٿاڻي تي داخل ٿيو هو جنهن بعد ٻي سيڪشن ايس ايڇ او منظور شورو ڪيس بازياب ڪرائي وومين ٿاڻي منتقل ڪيو هو جڏهن ته پوليس اهلڪار وحيد شاهه ۽ سندس زال صائم شاهه ۾ اختلاف هلندڙ هئا جنهن سبب واقعو پيش آيوپوليس قانون موجب ڪارروائي شروع ڪري ڇڏي آهي.

بقايا 11 روزاني عبرت

ڪلٽي پئي جنهن سبب 17 مٿي مسافر زخمي ٿي پيا هئا جن کي حيدرآباد ۽ مٽياري جي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي زخمين ۾ ٻار عورتون به شامل هيون

بقايا 12 روزاني عبرت

ڪري پاڻي پيئڻ جي قابل نه رهيو جڏهن ته ڳوٺ ۾ صاف پاڻيءَ جي فراهميءَ جو مستقل بندوبست نه ٿيڻ سبب رهواسي روزانو 2 کان 3 ڪلوميٽر پري پنڌ ڪري پاڻي ڀرڻ تي مجبور آهن هڪ طرف سنڌ حڪومت پاران ٻوڏ متاثر خاندانن لاءِ 10 لک گهرن جي تعمير مڪمل ٿيڻ جي خوشيءَ ۾ تقريبون منعقد ڪري ان کي وڏي ڪاميابي طور پيش ڪيو پيو وڃي، ته ٻئي طرف انهن ئي ٻوڏ متاثر علائقن جي ڪيترن ئي رهواسين کي اڃا تائين پيئڻ جي صاف پاڻيءَ جهڙي بنيادي سهولت به ميسر نه ٿي سگهي آهي.ان سلسلي ۾ ڳوٺ بهاول جت جي ڇهين ڪلاس جي شاگرديائي لاريب فاطمہ جت پڻ نمايان طور سامهون آئي آهي جنهن سنڌ حڪومت جي سنڌ پيپلز هائوسنگ فار فلڊ ايفيڪٽيز (SPHF)پاران ٻوڏ متاثر خاندانن لاءِ 10 لک گهرن جي تعمير مڪمل ٿيڻ جي جشن واري تقريب ۾ ايس آر ايس او (SRSO) لاڙڪاڻي جي نمائندگي ڪئي، جتي سندس پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان ملاقات پڻ ٿي هڪ ننڍڙي ڳوٺ سان تعلق رکندڙ شاگرديائيءَ جي اهڙي اهم تقريب ۾ شرڪت ۽ نمائندگي هڪ نمايان ڳالهه آهي، پر ساڳئي وقت اها صورتحال ڪيترائي سوال به اٿاري ٿي ته جڏهن ٻوڏ متاثرن جي بحاليءَ لاءِ وڏا منصوبا مڪمل ٿيڻ جون خوشيون ملهايون پيون وڃن ته پوءِ بهاول جت جهڙن ڳوٺن جا رهواسي اڄ به صاف پاڻيءَ لاءِ پريشان ڇو آهن؟ڳوٺاڻن موجب 2022ع جي ٻوڏ کان اڳ هو پنهنجي ڳوٺ ۾ موجود جر جو پاڻي استعمال ڪندا هئا، پر ٻوڏ اچڻ ڪانپوءِ زمين هيٺان پاڻي خراب ٿيڻ سبب اهو پيئڻ جي لائق نه رهيو ان ڪانپوءِ ڳوٺاڻن کي پيئڻ جي پاڻيءَ لاءِ ٻين علائقن ڏانهن وڃڻو پوي ٿو روزانو 2 کان 3 ڪلوميٽر پنڌ ڪري پاڻي ڀرڻ سبب خاص طور عورتن، ٻارن ۽ بزرگن کي سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو جڏهن ته غريب خاندانن لاءِ پاڻيءَ جي حاصلات هڪ اضافي پريشاني بڻيل آهي. پيئڻ جو صاف پاڻي هر انسان جي بنيادي ضرورت آهي، پر بهاول جت جا رهواسي ڪيترن ئي سالن کان ان سهولت جي انتظار ۾ آهن وڌيڪ حيرت جوڳي ڳالهه اها آهي ته 4 فيبروري 2026ع تي عالمي بئنڪ جي صدر اجي بانگا سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ۽ ٻين اعليٰ اختيارين سان گڏ پاڻ بهاول جت ڳوٺ جو دورو ڪري چڪا آهن جتي 2022ع جي ٻوڏ ڪانپوءِ متاثر خاندانن جي بحالي ۽ تعميراتي ڪمن جو جائزو ورتو ويو هو دوري دوران ٻڌايو ويو هو ته ڳوٺ ۾ ٻوڏ متاثرن جا 145 گهر بهتر تعمير ڪرايا ويا آهن جڏهن ته 83 سيڪڙو گهرن جي مالڪيءَ جا حق عورتن کي ڏنا ويا آهن ان اهم دوري بحاليءَ جي ڪمن باوجود جيڪڏهن ڳوٺاڻا اڄ به پيئڻ جي صاف پاڻيءَ لاءِ 2 کان 3 ڪلوميٽر پري وڃڻ تي مجبور آهن ته پوءِ سوال اهو پيدا ٿئي ٿو ته ڇا ٻوڏ متاثرن جي بحالي وارن منصوبن ۾ صاف پاڻيءَ جي فراهميءَ کي مناسب اهميت ڏني وئي هئي؟ جيڪڏهن ڏني وئي هئي ته پوءِ ان تي عملي ڪم ڇو نظر نٿو اچي؟ هڪ طرف 10 لک گهرن جي تعمير مڪمل ٿيڻ جو جشن ملهايو پيو وڃي، ٻئي طرف بهاول جت جي رهواسين کي پنهنجي ئي ڳوٺ ۾ پيئڻ جو پاڻي ميسر ناهي ڇا گهرن جي تعمير سان گڏ انهن ۾ رهندڙ خاندانن لاءِ صاف پاڻي، نيڪال ۽ صحت جون بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ به بحاليءَ جي منصوبن جو حصو نه هجڻ گهرجي؟ ڳوٺ بهاول جت جي رهواسين ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻو اسسٽنٽ ڪمشنر ڏوڪري، پبلڪ هيلٿ کاتي ۽ سنڌ پيپلز هائوسنگ فار فلڊ ايفيڪٽيز پروگرام جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته ڳوٺ جي پاڻيءَ واري سنگين مسئلي جو فوري نوٽيس وٺي جر جي پاڻيءَ جا ليبارٽري ٽيسٽ ڪرايا وڃن ۽ پيئڻ جي صاف پاڻيءَ جي فراهميءَ لاءِ مستقل بنيادن تي منصوبو شروع ڪيو وڃي، جيئن عورتن، ٻارن ۽ ٻين ڳوٺاڻن کي روزانو 2 کان 3 ڪلوميٽر پنڌ ڪري پاڻي ڀرڻ واري تڪليف مان ڇوٽڪارو ملي سگهي

بقايا 13 روزاني عبرت

جي نون منصوبن کي فوري طور بند ڪرڻ، موسمياتي انصاف فراهم ڪرڻ ۽ متبادل توانائيءَ ڏانهن منصفاڻي منتقلي جو مطالبو ڪيو ويو ريلي ۾ شرڪت ڪندڙن چيو ته ترڪيءَ جي شهر انتاليا ۾ جاري گڏيل قومن جي موسمياتي ڪانفرنس COP31 جي موقعي تي دنيا جي اڳواڻن کي فوسل فيولز جي استعمال ۾ واڌ روڪڻ، ماحولياتي تباهي ختم ڪرڻ ۽ موسمياتي تبديليءَ کان متاثر برادرين جي نقصانن جو ازالو ڪرڻ لاءِ عملي قدم کڻڻ گهرجن هنن چيو ته موسمياتي تبديلي سبب سامونڊي سطح ۾ واڌ، سامونڊي پٽيءَ جي ڪٽائي، کارو پاڻي زمينن ۾ داخل ٿيڻ ۽ ماحولياتي تباهيءَ سبب مهاڻن جو روزگار زمينون ۽ روايتي زندگي خطري ۾ آهي حڪومت ۽ عالمي ادارا متاثر مهاڻن جي حقن ۽ روزگار جي تحفظ لاءِ قدم کڻن ريلي کي پاڪستان فشر فوڪ فورم ضلعي بدين جي صدر ايم سومار ملاح، محمد اسلم ملاح نائب صدر عبدالخالق ملاح علي محمد ملاح سوشل ورڪر اتحاد بدين جي صدر مولوي عبدالواحد سمون جنرل سيڪريٽري غلام حيدر بڪاري، سماجي اڳواڻ روشن قاضي شاهه سلطان لاڙي سجاد تحريڪ جي اڳواڻ زين شاهه پاڪستان فشر فوڪ فورم جي سينيئر نائب صدر ساجن شيخ علڻ ملاح، فشر ڊيلر ايسوسيئيشن جي اڳواڻ محمد حسن ملاح يونٽ الهڏنو ملاح جي جنرل سيڪريٽري نياز محمد ملاح ۽ ٻين خطاب ڪيو. مظاهرين مطالبو ڪيو ته فوسل فيولز جو خاتمو ڪري 100 سيڪڙو قابل تجديد توانائيءَ ڏانهن منتقلي موسمياتي متاثرن لاءِ مالي سهڪار ۽ ماحولياتي نظام جي بحاليءَ کي يقيني بڻايو وڃي

بقايا 14 روزاني عبرت

مانٽ ۽ ايجوڪيشن آفيسرن وزٽ ڪيو گورنمينٽ پرائمري اسڪول الله ڏنو ڪالوني ٻيل ڪالوني، ميگهواڙ ڪالوني گرلس اسڪول گرلس هاءِ اسڪول سائوٽ سٽي اسڪول المهراڻ جاءِ اسڪول نارٿ ڪالوني پرائمري اسڪول ۽ انهن اسڪولن جي استادن شرڪت ڪئي ۽ استادن ۽ شاگردن جي محنت کي ساراهيو آفيسرن ۾ ارجن سوڳهڙ صديق دل مڪيش پرهوت ڪملا، شسيلا سائين بيرجي عاشق علي بجيس برڪت علي بجير ۽ ٻين ڪيترن سول سوسائٽي جي نمائندن شرڪت ڪري شاگردن ۽ استادن جي محنت کي ساراهيو آخر ۾ هيڊ ماسٽر ڪيلاش لوڌا سيني جو شڪريو مڃيو ان کان سواءِ گرلس هاءِ اسڪول اولهه لوهاڻا محلا ۾ پڻ ساڳئي پروقار تقريب ٿي جنهن ۾ پڻ شاگرديائين ڀرپور حصو ورتو ۽ خوب داد حاصل ڪيو.

بقايا 15 روزاني عبرت

مفت ميڊيڪل ڪيمپ لڳائي وئي جنهن ۾ مختلف بيمارين جي ماهر ڊاڪٽرن جي ٽيمن پاران مريضن جو طبي معائنو ڪيو ويو ۽ کين مفت دوائون فراهم ڪيون ويون ان موقعي تي پاڪستان زنده باد بيسڪ آرگنائيزيشن جي باني ۽ ڊائريڪٽر اينٽي ڪرپشن اسٽيبلشمينٽ سنڌ مير نادر علي ابڙو ميڊيڪل ڪيمپ جو دورو ڪري انتظامن جو جائزو ورتو ۽ مريضن سان ڳالهائيندي چيو ته وڏن شهرن ۾ صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ وڏيون اسپتالون ۽ طبي مرڪز موجود آهن جتي ماڻهو آسانيءَ سان علاج ڪرائي سگهن ٿا، پر ننڍن شهرن ڳوٺن ۽ ڏورانهن علائقن ۾ رهندڙ ماڻهن کي معياري طبي سهولتن تائين رسائي حاصل ڪرڻ ۾ ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پوي ٿو هن چيو ته اهڙين حالتن ۾ مفت ميڊيڪل ڪيمپن جو انعقاد انتهائي اهميت رکي ٿو ڇاڪاڻ ته انهن ذريعي ماهر ڊاڪٽرن جون ٽيمون مريضن جي گهرن جي ويجهو پهچي سندن طبي معائنو ڪن ٿيون ۽ کين علاج سان گڏ ضروري دوائون پڻ مفت فراهم ڪيون وڃن ٿيون ان مقصد تحت اڄ ٽنڊوباگو جي شهرين جي سهولت لاءِ پاڪستان زنده باد بيسڪ آرگنائيزيشن جي سهڪار سان ماهر ڊاڪٽرن جون ٽيمون هتي موجود آهن جيڪي هر مريض جو معائنو ڪري رهيون آهن مير نادر علي ابڙو وڌيڪ چيو ته ميڊيڪل ڪيمپ ۾ معذور ماڻهن کي ويل چيئر ۽ واڪر پڻ فراهم ڪيا پيا وڃن جڏهن ته مريضن لاءِ مفت دوائن جو وافر مقدار موجود آهي ته جيئن ڪنهن به مستحق مريض کي علاج ۽ دوائن جي سهولت کان محروم نه رهڻو پوي هن چيو ته صحت جون سهولتون هر انسان جي بنيادي ضرورت آهن ۽ خاص طور تي ڏورانهن علائقن جي غريب ۽ مستحق ماڻهن لاءِ اهڙيون مفت طبي ڪئمپون وڏي اهميت رکن ٿيون ڇاڪاڻ ته انهن سان نه رڳو علاج جون سهولتون سندن ويجهو پهچن ٿيون پر بيمارين جي بروقت سڃاڻپ ۽ علاج ۾ پڻ مدد ملي ٿي ميڊيڪل ڪيمپ ۾ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر وسيم خواجه ڊسٽرڪٽ انفارميشن آفيسر سرفراز سمون، پاڪستان زنده باد بيسڪ آرگنائيزيشن حيدرآباد ڊويزن جو صدر الطاف حسين بابي سوشل ميڊيا ونگ حيدرآباد ڊويزن جو صدر قمرالدين ڪانڌڙو سوشل ميڊيا ونگ بدين جو نعيم عباسي، ميڊيڪل ونگ جو صدر ڊاڪٽر حيدر خواجه، ماهر نفسيات ڊاڪٽر عابده تاج ابڙو ڊاڪٽر حسينا عباسي، ڊاڪٽر نديم عباسي، ڊاڪٽر مهرالنساء ڊاڪٽر نسرين، ڊاڪٽر رخسار سميت بيا ڊاڪٽر پڻ موجود هئا.

بقايا 16 روزاني عبرت

سال انتهائي خوش اسلوبي، ايمانداري ۽ بهترين انداز سان مڪمل ڪري رٽائرڊ ٿي ويا. ان موقعي تي گورنمينٽ هاءِ اسڪول ملي جي سمورو اسٽاف پاران اسڪول ۾ سندن آمد تي هڪ پروقار ۽ شاندار آجياڻي تقريب منعقد ڪئي وئي. سمورو اسٽاف پاران گلن ۽ تاڙين جي گونج سان سندن شاندار استقبال ڪيو ويو استادن طرفان گلن جا هار اجرڪ ۽ بيا تحفا پيش ڪري سندن مانُ مڃيو ويو جڏهن ته اسڪول جي اسڪائوٽس پاران ڪين گارڊ آف آنر پڻ پيش ڪيو ويو تقريب کي خطاب ڪندي هيڊ ماسٽر هدايت الله ٻجاڻي، جيئيش راٺي، صدر گسٽا ٺڪريارڪس جيٺه پرڪاش نيتواڻي، مهيش ڪمار راٺي مفتي محمد اسحاق درس، پيشمر ڪوٺاري ۽ ٻين استادن چيو ته سائين مهيش ڪمار شرما هڪ گهڻ رخي شخصيت جا مالڪ انتهائي سادا سباجهڙا، ڪلمڪ ۽ پنهنجي فرض سان سچا انسان آهن هنن چيو ته سائين پنهنجي 60 سالن جي سروس دوران انتهائي ايمانداري، سچائي، محنت ۽ لگن سان پنهنجا فرض سرانجام ڏنا هنن پنهنجي ڪم کي عبادت سمجهي هميشه اداري جي مالڪي ڪئي ۽ ڪڏهن به پنهنجي ذميوارين ۾ ڪا ڪوتاهي نه ڪئي سندن پيشه ورانه صلاحيتون مثالي ڪردار ۽ تعليمي خدمتون هميشه ياد رکيون وينديون سندن رٽائرمينٽ سان پيدا ٿيل خال پرڻ انتهائي ڏکيو هوندو ان موقعي تي استادن سندن شاندار خدمتن کي ڀيٽا پيش ڪندي ڪين لوئيون اجرڪون ۽ گلن جا هار تحفي طور پيش ڪيا ۽ سندن مستقبل لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو بعد ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ملي جي روايت کي برقرار رکندي سمورو اسٽاف پاران هڪ ريلي جي صورت ۾ سائين مهيش ڪمار شرما کي موقعي تي ڍهلن دمامن ۽ روايتي رقص سان ڪين شاندار نموني رخصت ڪيو ويو گهر پهچڻ تي سندن گهر ڀاتين پاران آيل سمورن استادن جو شاندار استقبال ڪيو ويو جڏهن ته عورتن روايتي انداز ۾ سائين جي آرتي اتاري سندن آڌرڀاءُ ڪيو گهر ڀاتين پاران آيل مهمانن جي لذيذ روايتي کاڌن سان خاطر تواضع ڪئي وئي استادن سائين سان گڏ گذاريل خوبصورت لمحن کي تصويرن ۽ وڊيوز ذريعي محفوظ ڪيو ۽ ڪين محبتن دعائن ۽ نيڪ تمنائن سان الوداع ڪيو آخر ۾ سمورو اسٽاف پاران دعا ڪئي وئي ته الله پاڪ سائين مهيش ڪمار ڪرشن لال شرما کي وڏي ڄمار صحت، سلامتي عزت ۽ خوشين سان ڀرپور زندگي عطا فرمائي هو جتي به هجن خوش ۽ خرم چاڪ چڱا ڀلا ۽ آباد رهن ۽ رٽائرمينٽ ڪانپوءِ واري زندگي خير ۽ عافيت سان گذارين سائين مهيش ڪمار شرما جون 60 سالن تي مشتمل بي مثال تعليمي خدمتون هميشه ياد رکيون وينديون

بقايا 17 روزاني عبرت

جو شوق، رکندڙ شوقينن حصو ورتو جنهن ۾ پوزيشن کڻندڙ شوقينن کي نقد انعام ۽ ٽرافي ڏنا ويا پهرئين نمبر تي بابو لاسي جو گڏهه گبراهٽ ۽ ٻيو نمبر اصغر بروهي جو گڏهه ٻبري جڏهن ته ٽيئن نمبر تي رحيم شيخ جو ڳاڙهو گڏهه ميدان ماري ويا جڏهن ته تقريب جو مهمان خاص ميونسپل ڪميٽي جو چيئرمين ادا محمد ميمڻ هو ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ اسپورٽس آفيسر علي اظهر بروهي ۽ ميونسپل ڪميٽي جو چيئرمين ادا محمد ميمڻ مقابلو ڪندڙ شوقينن کي ڪيش انعام ۽ ٽرافيون ڏنا

بقايا 18 روزاني عبرت

پورهيت عاطف عرف بابل پٽ لڪمير ميراڻي ۽ نثار پٽ قاسم ميراڻي موقعي تي ئي چيهاڙجي فوت ٿي ويا، جڏهن ته 8 ڄڻا زخمي ٿي پيا حادثي جي اطلاع تي ريسڪيو ٽيم ڊويزن سکر جو انچارج واحد بخش مهر ٽيم سميت واقعي واري هنڌ پهچي امدادي ڪارروائي ڪندي فوتين ۽ زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو جتي زخمين کي طبي امداد فراهم ڪئي وئي حادثي ۾ فوت ٿيل ٻنهي پورهيتن جا لاش اسپتال منتقل ڪيا ويا، جڏهن ته زخمين ۾ لال حسين، نزاڪت، صداقت، شفقت ۽ ٻيا شامل آهن حادثي جي خبر پوڻ تي فوتين جي وارثن ۾ ڪهرام مچي ويو جڏهن ته پورهيتن جي فوت ٿيڻ تي علائقي ۾ سوڳ جي فضا ڇانئجي وئي شروعاتي طور حادثو مزدا ۽ لوڊر رڪشا وچ ۾ ٽڪر سبب پيش آيو جڏهن ته واقعي بابت وڌيڪ تفصيل سامهون اچڻ باقي آهن

بقايا 19 روزاني عبرت

محمد بخش ڪنبر منظور علي ڪنبر غلام شبير ڪنبر ايڊووڪيٽ طفيل احمد ڪنبر سڪندر علي ڪنبر ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي الزام لڳايو ته گمبٽ تعلقي جي ڳوٺ وڏا لاکا ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر سوڀوديرو جي چوڻ تي ڪنبر برادري جي اٽڪل 200 گهرن کي ڊاهڻ لاءِ ڪوششون تيز ڪيون ويون آهن جنهن عمل جي جيتري مذمت ڪجي اها گهٽ آهي هنن چيو ته ڪنبر برادري پرامن برادري آهي پر ان جي باوجود اسسٽنٽ ڪمشنر گمبٽ طرفان ڪنبر برادري سان زيادتيون ڪيون پيون وڃن جيڪو عمل ڪنهن به صورت ۾ برداشت ناهي هنن وس وارن کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي اسسٽنٽ ڪمشنر گمبٽ کي هٽائي ڪنبر برادري جي گهرن کي امڪاني طور ڊاهڻ وارو فيصلو واپس وٺي ڪنبر برادري ۾ ڇانيل پريشاني ختم ڪئي وڃي ٻي صورت احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 20 روزاني عبرت

چيو ته اسان جي واپاري ڀاءُ 42 سالا علي خان لنڊ ۽ امجد جتوئي حيدرآباد هوٽل دان نسيم نگر ۽ قاسم آباد پوليس کي بنا جواز گرفتار ڪري گم ڪري ڇڏيو 2 ڏينهن بعد امجد جتوئي کي حيدرآباد پوليس آزاد ڪري اسان جي واپاري ڀاءُ علي خان لنڊ کي حيدرآباد پوليس لاپتا ڪري ڇڏيو آهي جنهن سبب اسان سخت پريشان آهيون اگر اسان جو ڀاءُ ڪنهن ڏوهه ۾ ملوث آهي ته سندس کي عدالت ۾ پيش ڪيو وڃي، گذريل 8 ڏينهن کان اسان جو واپاري ڀاءُ گم آهي ، سندس ڪار BJ 3519 پڻ گم آهي ، حيدرآباد پوليس کان پڇا ڪئي جنهن واپاري علي خان لنڊ جي گرفتاري کان انڪاري آهي ، ڀاءُ جي اغوا ۽ گمشدگي خلاف هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست جمع ڪرائي آهي جنهن جي 18 تاريخ رکيل آهي ، ڀاءُ جي گمشدگي سبب گهر ۾ ڪهرام متل آهي اسان جو ڀاءُ واپاري آهي جيڪو پنهنجي حق حلال جي روزي ڪندو آهي ، پريس ڪانفرنس ڪندڙ آءِ جي سنڌ ، ڊي آءِ جي حيدرآباد ، ايس ايس پي دادو ۽ حيدرآباد ايس ايس پي کان مطالبو ڪيو ته فوري طور بنا جواز گرفتار ڪيل ڀاءُ واپاري علي خان لنڊ کي آزاد ڪري انصاف ڪيو وڃي ، ٻي صورت احتجاج تحريڪ شروع ڪئي ويندي

بقايا 21 روزاني عبرت

مقابلو ڪرڻو پوندو پاڪستاني قوم آزاد قوم آهي هن ملڪ تي حڪمراني جو حق 25 ڪروڙ عوام جو آهي، ڪنهن هڪ فرد جو نه اهڙن خيالن جو اظهار هن ڏگهڙي پرسان ٽنڊو جان محمد شهر ۾ مدرسي نورالاسلام حماديه جي ساليانِي جلسي دستار فضيلت ۽ حفاظ ڪرام جي دستاربنديءَ واري تقريب کي خطاب ڪندي ڪيوحافظ حمدالله پنهنجي خطاب ۾ وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن اڄ پاڪستان هڪ رياست طور قائم آهي ته ان جو بنياد 25 ڪروڙ عوام آهي، رڳو اسٽيبلشمنٽ جي ڪري نه ملڪ کي ڪنهن هڪ شخصيت جي بنياد تي رياست قرار ڏيڻ جي ڪا به آئيني حيثيت ناهي فرعون حضرت موسيٰ عليه السلام کي دهشتگرد قرار ڏنو هو ۽ اڄ جا فرعوني حڪمران عالمن ۽ مولوي کي دهشتگرد چون ٿا هن چيو ته مولانا فضل الرحمان واضح موقف اختيار ڪيو آهي ته ملڪ جي مفاد بابت هر اهم فيصلو پارليامينٽ ۾ ٿيڻ گهرجي پارليامينٽ کان معاملو ڪير به ناهي هي قوم رڍن ۽ ٻڪرين جو ڌڻ ناهي جنهن کي ڪنهن هڪ شخص جي مرضي تابع ڪيو وڃي حڪمران ڪن ڪولي ٻڌي ڇڏين ته هن ملڪ جا اصل حاڪم 25 ڪروڙ عوام آهن ۽ قوم ڪنهن جي به غلامي قبول نه ڪندي هن وڌيڪ چيو ته رياست کي ماءُ جهڙي حيثيت ڏني وڃي ٿي ۽ عالم دين روزِ اول کان ئي رياست کي ماءُ سمجهندا رهيا آهن پر سوال اهو آهي ته 1971ع ۾ ان ماءُ جي وجود تي ڇري ڪنهن هلائي ۽ پاڪستان کي ٻن حصن ۾ ورهائي بنگلاديش ڪنهن بڻايو اڄ ان سوال جو جواب ملڻ گهرجي ته ملڪ کي ٻن حصن ۾ ورهائڻ جا ذميوار ڪير هئا پاڪستان کي هڪ قوم ۽ متحد رياست طور برقرار رکيو وڃي حافظ حمدالله چيو ته اسان جو واضح موقف آهي ته جنهن جماعت کي عوام جي اڪثريت حاصل هجي حڪومت ڪرڻ جو حق به ان کي ملڻ گهرجي هن الزام لڳايو ته مولانا فضل الرحمان ۽ سندس خاندان کي خيبر پختو نخواهه ۾ ايمرجنسي ۽ گورنر راڄ جي مخالفت ڪرڻ تي انتقامي ڪارروايون ۽ ڪردارڪشي جو نشانو بڻايو پيو وڃي جلسي کي ٻين عالمن سڳورن ۽ سياسي اڳواڻن پڻ خطاب ڪيو جڏهن ته تقريب کان اڳ مدرسي نورالاسلام حماديه جي 17 حافظن جي دستاربندي ڪئي وئي جلسي ۾ ماڻهن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي

بقايا 22 روزاني عبرت

ڪندڙ رائيڊرن عبدالرزاق اوڪڙو،علي مستوئي، رضوان جاڳيراڻي، ڪريم الله عنايت الله شاهه، دلي دوست جاڳيراڻي، رياض حسين اعواڻ ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته لاڙڪاڻو شهيدن جي شهر سان مشهور آهي پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته هاڻي لاڙڪاڻو ڏوهارين جو ڳڙهه بڻجي چڪو آهي هنن چيو ته اسان روز ڪمائي روز کائڻ وارا نوجوان موٽرسائيڪلن تي کاڌي پيتي جون شيون هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ پهچائي گهٽ اجرت ۾ به روزگار ڪري رهيا آهيون پر ان جي باوجود ڏوهارين اسان جي خلاف رڻ باري ڏنو آهي هنن چيو ته لاڙڪاڻي شهر جي مارڪيٽ، سول لائين، حيدري، علي گوهر آباد، وليد سميت ٻين مختلف ٿاڻن جي حد مان گذريل هڪ مهيني جي عرصي دوران ڦر مزاحمت تي ٻن رائيڊرن رميز ۽ نويد سومرو کي گوليون هڻي زخمي ڪيو ويو ان کان علاوه عبدالرزاق سومرو، ظهير ابڙو، جاويد علي عباسي، حسنين بروهي سميت ٻين ڪيترن ئي رائيڊرن کان مختلف وقتن تي 10 کان وڌيڪ موبائيل فونون 80 هزار روپين کان روڪ رقم ۽ ٻيو قيمتي سامان ڦرلٽ ڪري کين تشدد جو نشانو بڻايو ويو آهي اهڙن واقعن جي اين سيز حد جي ٿاڻن تي داخل ڪري ڪاپي پيرا ايس ايس پي آفيس جا چڪر ڪاٽي چڪا آهيون پر هن وقت تائين ڪو به تدارڪ نه ڪيو ويو آهي هنن لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي کي اپيل ڪئي ته لاڙڪاڻي ۾ وڌندڙ بدامني جو خاتمو آڻي مختلف وقتن تي ڦر ٿيل موبائيل فونون روڪ رقم ۽ ٻيو سامان واپس ڪرائي تحفظ فراهم ڪيو وڃي ٻي صورت احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 23 روزاني عبرت

نه ٿيو آهي، هنن چيو ته اسان جي ڳوٺ جي اسڪول ۾ ڪي سئو کان مٿي ٻار داخل آهن تن کي لائين وسيلي پاڻي فراهم ڪيو ويندو هو سو به بند ٿيڻ جي ڪري ٻار سخت پريشاني ۾ مبتلا آهن ۽ اسڪول ۾ پاڻي نه ملڻ جي صورت ۾ ڪافي ٻارن اسڪول وڃڻ به ڇڏي ڏنو آهي. ڳوٺاڻن اعليٰ اختيارين کان پرزور مطالبو ڪيو آهي ته آر او پلانٽ جي خراب مشينري جي مرمت ڪرائي اسان کي جلد مٺو پاڻي فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 24 روزاني عبرت

ڪري پاڻي پيئڻ جي قابل نه رهيو جڏهن ته ڳوٺ ۾ صاف پاڻيءَ جي فراهميءَ جو مستقل بندوبست نه ٿيڻ سبب رهواسي روزانو 2 کان 3 ڪلوميٽر پري پنڌ ڪري پاڻي ڀرڻ تي مجبور آهن هڪ طرف سنڌ حڪومت پاران ٻوڏ متاثر خاندانن لاءِ 10 لک گهرن جي تعمير مڪمل ٿيڻ جي خوشيءَ ۾ تقريبون منعقد ڪري ان کي وڏي ڪاميابي طور پيش ڪيو پيو وڃي، ته ٻئي طرف انهن ئي ٻوڏ متاثر علائقن جي ڪيترن ئي رهواسين کي اڃا تائين پيئڻ جي صاف پاڻيءَ جهڙي بنيادي سهولت به ميسر نه ٿي سگهي آهي.ان سلسلي ۾ ڳوٺ بهاول جت جي ڇهين ڪلاس جي شاگرديائي لاريب فاطمہ جت پڻ نمايان طور سامهون آئي آهي جنهن سنڌ حڪومت جي سنڌ پيپلز هائوسنگ فار فلڊ ايفيڪٽيز (SPHF)پاران ٻوڏ متاثر خاندانن لاءِ 10 لک گهرن جي تعمير مڪمل ٿيڻ جي جشن واري تقريب ۾ ايس آر ايس او (SRSO) لاڙڪاڻي جي نمائندگي ڪئي، جتي سندس پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان ملاقات پڻ ٿي هڪ ننڍڙي ڳوٺ سان تعلق رکندڙ شاگرديائيءَ جي اهڙي اهم تقريب ۾ شرڪت ۽ نمائندگي هڪ نمايان ڳالهه آهي، پر ساڳئي وقت اها صورتحال ڪيترائي سوال به اٿاري ٿي ته جڏهن ٻوڏ متاثرن جي بحاليءَ لاءِ وڏا منصوبا مڪمل ٿيڻ جون خوشيون ملهايون پيون وڃن ته پوءِ بهاول جت جهڙن ڳوٺن جا رهواسي اڄ به صاف پاڻيءَ لاءِ پريشان ڇو آهن؟ڳوٺاڻن موجب 2022ع جي ٻوڏ کان اڳ هو پنهنجي ڳوٺ ۾ موجود جر جو پاڻي استعمال ڪندا هئا، پر ٻوڏ اچڻ ڪانپوءِ زمين هيٺان پاڻي خراب ٿيڻ سبب اهو پيئڻ جي لائق نه رهيو ان ڪانپوءِ ڳوٺاڻن کي پيئڻ جي پاڻيءَ لاءِ ٻين علائقن ڏانهن وڃڻو پوي ٿو روزانو 2 کان 3 ڪلوميٽر پنڌ ڪري پاڻي ڀرڻ سبب خاص طور عورتن، ٻارن ۽ بزرگن کي سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو جڏهن ته غريب خاندانن لاءِ پاڻيءَ جي حاصلات هڪ اضافي پريشاني بڻيل آهي. پيئڻ جو صاف پاڻي هر انسان جي بنيادي ضرورت آهي، پر بهاول جت جا رهواسي ڪيترن ئي سالن کان ان سهولت جي انتظار ۾ آهن وڌيڪ حيرت جوڳي ڳالهه اها آهي ته 4 فيبروري 2026ع تي عالمي بئنڪ جي صدر اجي بانگا سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ۽ ٻين اعليٰ اختيارين سان گڏ پاڻ بهاول جت ڳوٺ جو دورو ڪري چڪا آهن جتي 2022ع جي ٻوڏ ڪانپوءِ متاثر خاندانن جي بحالي ۽ تعميراتي ڪمن جو جائزو ورتو ويو هو دوري دوران ٻڌايو ويو هو ته ڳوٺ ۾ ٻوڏ متاثرن جا 145 گهر بهتر تعمير ڪرايا ويا آهن جڏهن ته 83 سيڪڙو گهرن جي مالڪيءَ جا حق عورتن کي ڏنا ويا آهن ان اهم دوري بحاليءَ جي ڪمن باوجود جيڪڏهن ڳوٺاڻا اڄ به پيئڻ جي صاف پاڻيءَ لاءِ 2 کان 3 ڪلوميٽر پري وڃڻ تي مجبور آهن ته پوءِ سوال اهو پيدا ٿئي ٿو ته ڇا ٻوڏ متاثرن جي بحالي وارن منصوبن ۾ صاف پاڻيءَ جي فراهميءَ کي مناسب اهميت ڏني وئي هئي؟ جيڪڏهن ڏني وئي هئي ته پوءِ ان تي عملي ڪم ڇو نظر نٿو اچي؟ هڪ طرف 10 لک گهرن جي تعمير مڪمل ٿيڻ جو جشن ملهايو پيو وڃي، ٻئي طرف بهاول جت جي رهواسين کي پنهنجي ئي ڳوٺ ۾ پيئڻ جو پاڻي ميسر ناهي ڇا گهرن جي تعمير سان گڏ انهن ۾ رهندڙ خاندانن لاءِ صاف پاڻي، نيڪال ۽ صحت جون بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ به بحاليءَ جي منصوبن جو حصو نه هجڻ گهرجي؟ ڳوٺ بهاول جت جي رهواسين ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻو اسسٽنٽ ڪمشنر ڏوڪري، پبلڪ هيلٿ کاتي ۽ سنڌ پيپلز هائوسنگ فار فلڊ ايفيڪٽيز پروگرام جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته ڳوٺ جي پاڻيءَ واري سنگين مسئلي جو فوري نوٽيس وٺي جر جي پاڻيءَ جا ليبارٽري ٽيسٽ ڪرايا وڃن ۽ پيئڻ جي صاف پاڻيءَ جي فراهميءَ لاءِ مستقل بنيادن تي منصوبو شروع ڪيو وڃي، جيئن عورتن، ٻارن ۽ ٻين ڳوٺاڻن کي روزانو 2 کان 3 ڪلوميٽر پنڌ ڪري پاڻي ڀرڻ واري تڪليف مان ڇوٽڪارو ملي سگهي

بقايا 25 روزاني عبرت

مفت ميڊيڪل ڪيمپ لڳائي وئي جنهن ۾ مختلف بيمارين جي ماهر ڊاڪٽرن جي ٽيمن پاران مريضن جو طبي معائنو ڪيو ويو ۽ کين مفت دوائون فراهم ڪيون ويون ان موقعي تي پاڪستان زنده باد بيسڪ آرگنائيزيشن جي باني ۽ ڊائريڪٽر اينٽي ڪرپشن اسٽيبلشمينٽ سنڌ مير نادر علي ابڙو ميڊيڪل ڪيمپ جو دورو ڪري انتظامن جو جائزو ورتو ۽ مريضن سان ڳالهائيندي چيو ته وڏن شهرن ۾ صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ وڏيون اسپتالون ۽ طبي مرڪز موجود آهن جتي ماڻهو آسانيءَ سان علاج ڪرائي سگهن ٿا، پر ننڍن شهرن ڳوٺن ۽ ڏورانهن علائقن ۾ رهندڙ ماڻهن کي معياري طبي سهولتن تائين رسائي حاصل ڪرڻ ۾ ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پوي ٿو هن چيو ته اهڙين حالتن ۾ مفت ميڊيڪل ڪيمپن جو انعقاد انتهائي اهميت رکي ٿو ڇاڪاڻ ته انهن ذريعي ماهر ڊاڪٽرن جون ٽيمون مريضن جي گهرن جي ويجهو پهچي سندن طبي معائنو ڪن ٿيون ۽ کين علاج سان گڏ ضروري دوائون پڻ مفت فراهم ڪيون وڃن ٿيون ان مقصد تحت اڄ ٽنڊوباگو جي شهرين جي سهولت لاءِ پاڪستان زنده باد بيسڪ آرگنائيزيشن جي سهڪار سان ماهر ڊاڪٽرن جون ٽيمون هتي موجود آهن جيڪي هر مريض جو معائنو ڪري رهيون آهن مير نادر علي ابڙو وڌيڪ چيو ته ميڊيڪل ڪيمپ ۾ معذور ماڻهن کي ويل چيئر ۽ واڪر پڻ فراهم ڪيا پيا وڃن جڏهن ته مريضن لاءِ مفت دوائن جو وافر مقدار موجود آهي ته جيئن ڪنهن به مستحق مريض کي علاج ۽ دوائن جي سهولت کان محروم نه رهڻو پوي هن چيو ته صحت جون سهولتون هر انسان جي بنيادي ضرورت آهن ۽ خاص طور تي ڏورانهن علائقن جي غريب ۽ مستحق ماڻهن لاءِ اهڙيون مفت طبي ڪئمپون وڏي اهميت رکن ٿيون ڇاڪاڻ ته انهن سان نه رڳو علاج جون سهولتون سندن ويجهو پهچن ٿيون پر بيمارين جي بروقت سڃاڻپ ۽ علاج ۾ پڻ مدد ملي ٿي ميڊيڪل ڪيمپ ۾ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر وسيم خواجه ڊسٽرڪٽ انفارميشن آفيسر سرفراز سمون، پاڪستان زنده باد بيسڪ آرگنائيزيشن حيدرآباد ڊويزن جو صدر الطاف حسين بابي سوشل ميڊيا ونگ حيدرآباد ڊويزن جو صدر قمرالدين ڪانڌڙو سوشل ميڊيا ونگ بدين جو نعيم عباسي، ميڊيڪل ونگ جو صدر ڊاڪٽر حيدر خواجه، ماهر نفسيات ڊاڪٽر عابده تاج ابڙو ڊاڪٽر حسينا عباسي، ڊاڪٽر نديم عباسي، ڊاڪٽر مهرالنساء ڊاڪٽر نسرين، ڊاڪٽر رخسار سميت بيا ڊاڪٽر پڻ موجود هئا.

بقايا 26 روزاني عبرت

ضابطو آڻڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيس جنهن ممڪن طور تي هڪ وڏي حادثي کي روڪيو تفصيل موجب، جڏهن جانوجي ڪان رهڙڪي ڏانهن ايندڙ مسافر ويگن سڪر-ملتان انٽرچينج جي ويجهو هڪ پيٽرول پمپ تي پهتي ته اوچتو ويگن ۾ باهه لڳي وئي ۽ باهه جا شعلا بلند ٿيڻ سان اتي موجود ماڻهن ۾ خوف پکڙجي ويو جڏهن ته ويگن ۾ موجود مسافر فوري طور تي گاڏي مان ٻاهر نڪري پنهنجيون جانيون بچايون واقعي جي اطلاع ملندي ئي پيٽرول پمپ جي عملي غير معمولي چستي ۽ هوشياري جو مظاهرو ڪندي فوري طور تي ويگن ۾ لڳل ايل پي جي گئس سلنڊر کي هٽائي ڇڏيو ۽ بچاءَ جا ڪم شروع ڪري ڇڏيا عملي جي بروقت ڪوشش جي نتيجي ۾ ويگن ۾ لڳل باهه تي ضابطو آندو ويو جڏهن ته باهه لڳڻ سبب مسافر ويگن کي جزوي طور تي نقصان پهتو اهو واقعو پنهي پوليس اسٽيشن جي حد ۾ سڪر-ملتان انٽرچينج جي ويجهو واقع هڪ پيٽرول پمپ تي پيش آيو خوشقسمتيءَ سان واقعي ۾ ڪو به زخمي نه ٿيو ۽ سڀئي مسافر محفوظ رهيا. شهرين پيٽرول پمپ جي عملي جي بروقت ڪارروائي ۽ هوشياري جي تعريف ڪئي ۽ چيو ته جيڪڏهن ايل پي جي سلنڊر کي فوري طور تي نه هٽايو وڃي ها ته باهه وڌيڪ تيز ٿي سگهي ها ۽ هڪ وڏو الميو پيش اچي سگهي ها.

بقايا 27 روزاني عبرت

ڏاليور ,سابق صوبائي وزير سيد علي بخش عرف پپو شاهه ، ايم پي اي ادي ياسمين شاهه ، مير منظور احمد ڏاليور جي اڳواڻي ۾ ٿي ويو جنهن جي اڳواڻي بنهي ڌرين جون ڳالهيون ٻڌڻ بعد ڪاتيار ۽ عمراڻي برادري کي ياڪر پارائي ڪين ڪير ڪنب ڪندي ، جيهڙي ۾ گوليون لڳڻ ڪري زخمي ٿيل وڏيري غلام رسول ڪاتيار جي نوجوان پٽ جي علاج تي ايندڙ خرچ جا عمراڻي برادري تي 25لک ڏنڊ طور رکيا ويا آهين جيڪي عمراڻي برادري ادا ڪندي ۽ ٻنهي ڌرين ڪيسن تان هٿ کڻنديون اهڙي فيصلي سبب ٽنڊوباگو شهر ۽ پرپاسي وارن علائقن ۾ خوشي واري لهر ڇانيل آهي. فيصلي ۾ پيپلزپارٽي جي تعلقا صدر مير محمد بخش ڏاليور حاجي سائين بخش جمالي، مير منير احسن ڏاليور اسسٽنٽ ڪمشنر ٽنڊوباگو ثناء الله صدن عمراڻي برادري جي سردار عبدالواحد عمراڻي، حاجي ولي محمد عمراڻي، وڏيرو غلام رسول ڪاتيان سميت ڪاتيار برادري عمراڻي برادري جي ماڻهن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي، اهڙي فيصلي جي تصديق صوبائي وزير سيد علي بخش عرف پپو شاهه پڻ ڪئي آهي.

بقايا 28 روزاني عبرت

فرد يا برادري کي ذاتي قبضي يا استعمال جو حق حاصل نه آهي سينيئر صحافي عجيب علي لاکو وڌيڪ چيو ته قبرستان جي زمين عوام جي گڏيل ملڪيت ۽ هڪ مقدس جاءِ آهي، جتي فوت ٿيل ماڻهن جي تدفين ڪئي ويندي آهي اهڙي زمين تي مبينا قبضو ڪرڻ سان نه رڳو عوام جي حقن کي نقصان پهچي ٿو پر قبرستان جي اصل مقصد کي به متاثر ٿيڻ جو خدشو آهي هن لاڳاپيل ضلعي انتظاميا، روينيو کاتي ۽ ٻين اختيارين کان مطالبو ڪيو ته ڳوٺ لاکا جي قبرستان واري زمين جي مڪمل جاچ ڪرائي وڃي سرڪاري رڪارڊ جي روشنيءَ ۾ زمين جي حيثيت واضح ڪئي وڃي ۽ جيڪڏهن قبضو ثابت ٿئي ته قانون موجب ڪارروائي ڪري قبرستان جي زمين کي قبضي کان آجو ڪرايو وڃي.هن چيو ته قبرستانن جي زمينن جو تحفظ ڪرڻ انتظاميا جي ذميواري آهي تنهن ڪري هن معاملي جو فوري نوٽيس وٺي عوام جي خدشن جو ازالو ڪيو وڃي

بقايا 29 روزاني عبرت

ڪندڙ رائيڊرن عبدالرزاق اوڪڙو،علي مستوئي، رضوان جاڳيراڻي، ڪريم الله عنايت الله شاهه، دلي دوست جاڳيراڻي، رياض حسين اعواڻ ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته لاڙڪاڻو شهيدن جي شهر سان مشهور آهي پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته هاڻي لاڙڪاڻو ڏوهارين جو ڳڙهه بڻجي چڪو آهي هنن چيو ته اسان روز ڪمائي روز کائڻ وارا نوجوان موٽرسائيڪلن تي کاڌي پيتي جون شيون هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ پهچائي گهٽ اجرت ۾ به روزگار ڪري رهيا آهيون پر ان جي باوجود ڏوهارين اسان جي خلاف رڻ باري ڏنو آهي هنن چيو ته لاڙڪاڻي شهر جي مارڪيٽ، سول لائين، حيدري، علي گوهر آباد، وليد سميت ٻين مختلف ٿاڻن جي حد مان گذريل هڪ مهيني جي عرصي دوران ڦر مزاحمت تي ٻن رائيڊرن رميز ۽ نويد سومرو کي گوليون هڻي زخمي ڪيو ويو ان کان علاوه عبدالرزاق سومرو، ظهير ابڙو، جاويد علي عباسي، حسنين بروهي سميت ٻين ڪيترن ئي رائيڊرن کان مختلف وقتن تي 10 کان وڌيڪ موبائيل فونون 80 هزار روپين کان روڪ رقم ۽ ٻيو قيمتي سامان ڦرلٽ ڪري کين تشدد جو نشانو بڻايو ويو آهي.

MERIT-QUALITY-EXCELLENCE MERIT-QUALITY-EXCELLENCE MERIT-QUALITY-EXCELLENCE

Sukkur IBA University
www.iba-suk.edu.pk

NOTICE INVITING TENDER (THROUGH EPADS)

Tender Proc/EPADS/0129

Sukkur IBA University Invites E-bids for the scheme titled **"Hiring of the Firm for Cloud Services"** through E-PAK Acquisition & Disposal System (EPADS) from Cloud Service Providers (CSPs) having datacenter presence in Sindh province, on the active taxpayers list (ATL) of FBR/SRB (whichever is applicable), for the below mentioned work on **single stage, two envelope procedure.**

S.#	NAME OF WORK
01	HIRING OF THE FIRM FOR CLOUD SERVICES

Tender Schedule - Date and Time

	From	To	Submission	Opening
01	November 16, 2026	December 01, 2026	01-12-2026 03:00 PM Through EPADS	01-12-2026 03:30 PM Through EPADS

Bidding documents can be obtained and shall be submitted through EPADS as per above schedule.

Bidders are requested to give their Best and Final Price as "No Negotiations" is permitted.

Bidding documents containing detailed terms and conditions can be downloaded from following websites & submitted electronically through EPADS. www.iba-suk.edu.pk, https://portalsindh.eprocure.gov.pk

Bid Security @ 2% of estimated Cost in shape of pay order, deposit at call, demand draft or bank guarantee should be in favor of **Sukkur IBA University.**

Procuring agency reserves the right to accept or reject any or all bids prior to the acceptance of a bid as per SPP Rules 2010. (Amended to date).

PID(H) 137/2026

Please send your queries to: naimat.jokhio@iba-suk.edu.pk

SUKKUR IBA UNIVERSITY
Nisar Ahmed Siddiqui Road, Sukkur.
Ph: 071-5644338, 5644141 Fax: 071-5804419

MERIT-QUALITY-EXCELLENCE MERIT-QUALITY-EXCELLENCE MERIT-QUALITY-EXCELLENCE

منصوبابندي، ترقي، نگراني ۽ عملدر آمد سيل
ثقافت، سياحت، نوادرات ۽ آرڪائيوز کاتو
رومي قبرستان جي پٺيان، گرڊ اسٽيشن جي ويجهو، ناردرن باءِ پاس، ڪراچي

آر ايف پي نمبر : XEN/PDM&I-CELL/CTA&AD/RFP/2026-27/101 | تاريخ: 13 نومبر 2026

ڪنسلٽنسي سروس جي لاءِ درخواست براءِ (RFQ) گهرائڻ لاءِ نوٽيس

ثقافت، سياحت، نوادرات ۽ آرڪائيوز کاتو سنڌ حڪومت جو منصوبه بندي، ترقي، نگراني ۽ عملدرآمد سيل، سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ ريگيوليٽري اٿارٽي (SPPRA)جي اي-پيڊز (EPADS) نظام ذريعي، اهل ڪنسلٽنسي فرمن/ڪمپنين کان هيٺ ڏنل مشاورتي ڪم لاءِ مهربند اليڪٽرانڪ آڇون گهرائي ٿو اها تجويز لاڳاپيل اداري ۾ رجسٽريشن، تجربي ۽ فني صلاحيت جي بنياد تي سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز 2010 (وقتي ترميمن سميت) تحت گهرائي پئي وڃي.

شمار نمبر	ڪنسلٽنسي اسائنمينٽ	پروڪيورمينٽ جو طريقو
01.	(UID: CTACTPP-25-003) مالي سال 27-2026 لاءِ اي ڊي پي نمبر 88 تحت ترقياتي ڪمن جي منظور ٿيل ڊزائنز جو جائزو وٺڻ، ڊزائن ۾ بهتري آڻڻ، اضافي انجنيئرنگ ڊرائنگز تيار ڪرڻ، اعليٰ سطحي نگراني ۽ تعميراتي ڪمن جي تفصيلي نگراني لاءِ صلاحڪار خدمتون حاصل ڪرڻ	سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز 2010 (وقتي ترميم ٿيل) جي رول 46(2) تحت هڪ مرحلي تي ٻه لفافي طريقي سان، جڏهن ته رول 72(3) تحت ڪوالٽي اينڊ ڪاسٽ بيسڊ سليڪشن (QCBS) ذريعي چونڊ.

آر ايف پي فيس	-/5,000 روپيا (فقط پنج هزار روپيا)، ناقابلِ واپسي، پي آرڊر/ڊيمانڊ ڊرافٽ جي شڪل ۾، جيڪو ايگزيڪيوٽو انجنيئر، PDM&I سيل، CTA&AD، سنڌ حڪومت جي نالي تي قابلِ ادائگي هجي.
بڊ سيڪيورٽي	-/1,177,350 روپيا (فقط يارنهن لک ستهتر هزار ٽي سؤ پنجاهه روپيا) پاڪستان جي ڪنهن به شيڊيولڊ بئنڪ پاران جاري ڪيل پي آرڊر/ڊيمانڊ ڊرافٽ/ بئنڪ گارنٽي جي شڪل ۾.

اي-آر ايف پي دستاويزن ۾ تفصيلي شرط ۽ ضابطا، خدمتن جو دائره ڪار، اهليت جو معيار، جاچ جا معيار، تفصيل ۽ گهرجون شامل آهن. رجسٽرڊ صلاحڪارن لاءِ 18/11/2026 کان 8/12/2026 تائين مقرر ناقابلِ واپسي آر ايف پي في جي ادائگي تي SPPRA جي EPADS تان، تجويزون کولڻ جي ڏينهن ڪانسواءِ، ڪنهن به ڪم جي ڏينهن تي دستياب هونديون.

اصل بڊ سيڪيورٽي سان گڏ تجويز جي هڪ هارڊ ڪاپي، جنهن تي باقاعدي دستخط ۽ مهر لڳل هجي، تجويزون کولڻ جي مقرر وقت کان اڳ ايگزيڪيوٽو انجنيئر کي جمع ڪرائڻ گهرجي، ۽ SPPRA EPADS اليڪٽرانڪ تجويزن ذريعي 8/12/2026 تي صبح 11:00 وڳي يا ان کان اڳ جمع ڪرايون وينديون. هٿرادو تجويزون قبول نه ڪيون وينديون. انجنيئر، منصوبابندي، ترقي، نگراني ۽ عملدرآمد سيل، ثقافت، سياحت، نوادرات ۽ آرڪائيوز کاتو، سنڌ حڪومت، رومي قبرستان جي پٺيان، گرڊ اسٽيشن جي ويجهو، ناردرن باءِ پاس، ڪراچي جي آفيس ۾ جمع ڪرايون وڃن. ٽيڪنيڪل تجويزون ايگزيڪيوٽو انجنيئر، PDM&I سيل، CTA&AD، سنڌ حڪومت جي آفيس ۾ 08/12/2026 تي صبح 11:30 وڳي کوليون وينديون.

مالي تجويزون کولڻ جي تاريخ، وقت ۽ جڳهه صرف انهن صلاحڪارن کي ٻڌائي ويندي جن کي جانچ جي معيار مطابق ٽيڪنيڪل طور اهل قرار ڏنو ويندو.

جيڪڏهن ڪنهن غير متوقع صورتحال سبب تجويزون کولڻ واري تاريخ تي آفيس بند هجي يا حڪومت پاران عام موڪل جو اعلان ڪيو وڃي، ته تجويزون ايندڙ ڪم ڪار واري ڏينهن تي ساڳئي مقرر ڪيل وقت تي SPPRA EPADS ذريعي جمع ڪيون ۽ کوليون وينديون. پروڪيورمينٽ ادارو سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز 2010 (وقتي ترميم ٿيل) جي لاڳاپيل شقن مطابق ڪنهن به تجويز يا سڀني تجويزن کي قبول يا رد ڪرڻ، يا پروڪيورمينٽ جي عمل جي منظوري کان اڳ ڪنهن به وقت منسوخ ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿو. درخواست دستاويزن ۾ ڏنل RFP دستاويز ۽ تجويزون طلب ڪرڻ جي نوٽيس/درخواست براءِ تجويز جي وچ ۾ ڪنهن به قسم جي ابهام، عدم مطابقت يا تضاد جي صورت ۾ RFP دستاويز جي شقن کي فوقيت حاصل هوندي.

ايگزيڪيوٽو انجنيئر
PDM&I سيل، CTA&AD، سنڌ حڪومت
موبائل: 0320-3184642 (آفيس وقت دوران)

INF/KRY/5186/26

ٽنڊوباگو ۾ عمراڻي ۽ ڪاتيار برادرين وچ ۾ تڪرار جو نبيرو، 25 لک رپيا ڏنڊ مقرر

نبيرو ٽالپور هائوس ۾ ايم اين اي مير غلام علي ٽالپور ۽ ٻين اڳواڻن جي سرپرستيءَ ۾ ٿي گذريو

جهيڙي ۾ زخمي ٿيل غلام رسول ڪاتيار جي پٽ جي علاج لاءِ 25 لک رپيا عمراڻي برادري ادا ڪندي

ٻئي ڌريون ڪيسن تان هٿ کڻنديون، ڪاتيار ۽ عمراڻي برادري کي ڀاڪر پارائي کين کير کڻ ڪيو ويو

ٽنڊوباگو (ت ر) ٽنڊوباگو لڳ سٽر موري پرسان عمراڻي برادري ۽ ڪاتيار برادري ڌرميان ڪجهه وقت اڳ ٿيل جهيڙي بعد جاري تڪرار جو نبيرو ٽالپور هائوس ٽنڊوباگو تي ايم اين اي مير غلام علي
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

مانجهند: ٽرڪ ڊرائيور غير قانوني ٽيڪس خلاف انڊس هاءِ وي تي احتجاج ڪندي

مانجهند پرسان رائلٽي ٽئڪس اوڳاڙي خلاف انڊس هاءِ وي تي ماڻهون گڏ ٿي ويا

رائلٽي ٽئڪس اوڳاڙيندڙن ۽ پوليس ڪيمپ تي پهچي قيادت سان ڳالهيون ڪيون

انتظاميه رويو تبديل نه ڪيو ته ٺيڪيدارن جي گهرن جو گهيراءُ ڪيو وينداسين: منير حيدر شاهه

مانجهند (ن ع) مانجهند پرسان خاصائي انڊس هاءِ وي تي لاڪڙا ٽرانسپورٽ اتحاد طرفان مبينا غير قانوني رائلٽي ٽئڪس اوڳاڙي خلاف ايس يو پي جي مرڪزي صدر سيد منير حيدر شاهه خدا بخش ٿيبو ٽرانسپورٽر حيدر علي ڪوسو جمشيد ڪوسو الياس ڪوسو جي اڳواڻي ۾ سوين ٽرڪون
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

بدين پريس ڪلب، ايوانِ صحافت ۽ مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور جي سهڪار سان ڪتابي ميلي جو افتتاح

شهرين ڪتابن جي وڏي پيماني تي خريداري ڪري مطالعي جي گهٽجندڙ رجحان واري تاثر کي غلط ثابت ڪيو: منتظمين

نوجوان نسل ۾ ڪتاب پڙهڻ جو شوق پيدا ڪرڻ ۽ علمي ادبي سرگرمين کي هٿي ڏيڻ لاءِ اهڙا ميلا جاري رکڻ جو عزم

بدين (د ر) بدين پريس ڪلب، ايوانِ صحافت ۽ مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور جي سهڪار سان شاندار ڪتابي ميلي جو انعقاد، شهرين ۽ شاگردن جي ڀرپور شرڪت بدين پريس ڪلب، ايوانِ صحافت ۽ مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور جي گڏيل سهڪار سان ايوانِ صحافت اڳيان شاندار ڪتابي ميلي
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد ۾ تيز رفتار ايمبولينس جو پوليس ايگل موٽرسائيڪل سان ٽڪر ۾ اهلڪار زخمي

سبزي منڊي وٽ حادثي جي نتيجي ۾ اهلڪار بابل پنگر ۽ ظفر بروهي زخمي ٿي پيا

بابل پنگر جي حالت گنڀير هجڻ سبب لاڙڪاڻي منتقل، ٻئي اهلڪار کي طبي امداد ڏني وئي

جيڪب آباد (د ر) جيڪب آباد جي صدر ٿاڻي جي حد سبزي منڊي وٽ تيز رفتار ايمبولينس گشت پوليس جي ايگل موٽر سائيڪل سان ٽڪرائجي وئي جنهن جي نتيجي ۾ موٽر سائيڪل تي سوار ٻه پوليس اهلڪار بابل پنگر ۽ ظفر بروهي زخمي ٿي پيا، موقعي تي موجود ماڻهن زخمين
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ميهڙ ۾ حضرت بي بي فاطمه الزهراؑ جي شهادت جي ڏهاڙي تي ماتمي جلوس

انجمن حيدري ياران حيدري امام بارگاهه کان محسن علي شيخ جي اڳواڻي ۾ ماتمي جلوس ڪڍيو ويو

سنڌ جي ناليوارن نوحه خوانن نوحا پڙهيا، گهنٽا گهر چوڪ تي زنجير زني، سيڪيورٽي جا انتظام سخت ڪيا ويا

ميهڙ (ن ع) ميهڙ ۾ دختر رسول ڪائنات حضرت بي بي فاطمه الزهراءَ صديقه سلام عليه جي شهادت جي ڏهاڙي جي موقعي تي انجمن حيدري ياران حيدري امام بارگاهه کان محسن علي شيخ ۽ سڪندر جوڻيجو جي اڳواڻي ۾ ماتمي عزاداري جلوس ڪڍيو ويو جلوس ۾ سنڌ جي
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ڏگهڙي ٻاءِ پاس وٽ موٽرسائيڪل چوري ڪري فرار ٿيندڙ شڪي جوابدار سرگهو پوليس حوالي

ڏگهڙي (ن ع) ڏگهڙي ٻاءِ پاس وٽ موٽرسائيڪل چوري ڪري فرار ٿيندڙ شڪي جوابدار شهرين هٿان پڪڙجي پيو پوليس حوالي ڏگهڙي شهر جي ميمڻ ڪالوني مان موٽر سائيڪل چوري ڪري فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪندڙ هڪ شڪي جوابدار کي شهرين پيڇو ڪري ٻاءِ پاس وٽ پڪڙي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو تفصيل موجب ڏگهڙي شهر جي
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

لکي غلام شاهه: سارين جي ديري تي سٽل حالت ۾ گولين جو نشانو بڻجي قتل ٿيل زميندار جو لاش

روهڙي ويجهو ويگن ۾ اوچتو باهه لڳي وئي، مسافر معجزاتي طور تي محفوظ رهيا

سکر (بيورو رپورٽ) روهڙي ويجهو سکر ملتان انٽرچينج تي هڪ مسافر ويگن ۾ اوچتو باهه لڳي وئي، پر خوش قسمتي سان ويگن ۾ موجود سڀئي مسافر معجزاتي طور تي محفوظ رهيا. پيٽرول پمپ جي عملي بروقت ڪارروائي ڪئي ۽ ويگن ۾ لڳل ايل پي جي گئس سلينڊر کي هٽائي باهه تي
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

گمبٽ لڳ قبرستان جي زمين تي قبضو، رهواسين پاران نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

گمبٽ (ت ر) ڳوٺ لاڪا ۾ قبرستان جي زمين تي ڳلال برادري پاران مبينا قبضي جو معاملو سامهون آيو آهي ان حوالي سان سينيئر صحافي عجيب علي لاڪو عوامي ميڊيا پريس ڪلب گمبٽ ۾ ڳالهائيندي ٻڌايو ته قبرستان جي زمين سرڪاري ملڪيت آهي ۽ اها قبرستان جي پراپرٽي طور مختص ٿيل آهي، جنهن تي ڪنهن به
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو باگو: پ پ ايم اين اي مير غلام علي ٽالپر ۽ ياسمين شاهه تڪرار جي نبيري ۾ شريڪ آهن

جيڪب آباد ۾ گهر مان 5 لک رپيا ۽ موبائيل فون چوري

جعفرآباد ۾ اڻڄاتل چور اسرار دشتي جي گهر ۾ گهڙي روڪ رقم ۽ موبائيل فون کڻي ويا

جيڪب آباد (د ر) جيڪب آباد جي سول
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ڏوڪري جي ڳوٺ ڀهاول جت ۾ 2022ع جي تباهي آڻيندڙ ٻوڏ ڪاڻ پيدا ٿيل صاف پاڻيءَ جو بحران حل نه ٿيو

ٻوڏ سبب زمين هيٺان پاڻيءَ جو جر خراب ٿيڻ ڪري پاڻي پيئڻ جي قابل نه رهيو، ڳوٺ جا رهواسي اڄ به پيئڻ جي پاڻيءَ لاءِ سخت پريشان

ٻوڏ متاثرن جي بحاليءَ لاءِ وڏا منصوبا مڪمل ٿيڻ جون خوشيون ملهايون پيون وڃن ته ٻئي پاسي ڀهاول جت جهڙن ڳوٺن جا رهواسي اڄ به صاف پاڻيءَ لاءِ پريشان ٿيل آهن: ڳوٺاڻا

پيئڻ جي پاڻيءَ لاءِ روزانو 2 کان 3 ڪلوميٽر پنڌ ڪري پاڻي ڀرڻ لاءِ عورتن، ٻارن ۽ بزرگن کي سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو

سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه عالمي بئنڪ جي صدر اجي بانگا ۽ ٻين اعليٰ اختيارين سان گڏ ڀهاول جت ڳوٺ جو دورو ڪري چڪو آهي

فوري نوٽيس وٺي جر جي پاڻيءَ جا ليبارٽري ٽيسٽ ڪرايا وڃن ۽ پيئڻ جي صاف پاڻيءَ جي فراهميءَ لاءِ مستقل بنيادن تي منصوبو شروع ڪيو وڃي

ڏوڪري (ن ع) ڏوڪري تعلقي جي ڳوٺ ڀهاول جت ۾ 2022ع جي تباهي آڻيندڙ ٻوڏ ڪاڻ پيئڻ جي صاف پاڻيءَ جو پيدا ٿيل بحران ڪيترائي سال گذرڻ باوجود حل نه ٿي سگهيو آهي، جنهن سبب ڳوٺ جا رهواسي اڄ به پيئڻ جي پاڻيءَ لاءِ سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن ٻوڏ سبب زمين هيٺان پاڻيءَ جو جر خراب ٿيڻ
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

مٽياري: حادثي جو شڪار ٿيل بس حادثي واري هنڌ بيٺل آهي

ٽنڊو محمد خان ۾ پوليس اهلڪار گهرواري کي گوليون هڻي زخمي ڪري وڌو

پوليس جوابدار اهلڪار وحيد شاهه کي پسٽل سميت گرفتار ڪري لاڪپ ڪيو

صائمه شاهه جي اغوا جو ڪيس داخل ٿيڻ بعد ايس ايڇ او کيس بازياب ڪرايو هو

پوليس اهلڪار وحيد شاهه ۽ سندس زال صائمه شاهه ۾ اختلاف هلندڙ هئا: پوليس

ٽنڊو محمد خان (ڌ ر) ٽنڊو محمد خان ۾ پوليس اهلڪار وحيد شاهه پنهنجي ئي گهرواري صائمه شاهه کي وومين پوليس اسٽيشن اندر فائرنگ ڪري ٽي گوليون هڻي سخت زخمي ڪري وڌو جنهن کي پوليس پاران ڊسٽرڪ اسپتال آندو ويو جتان ڊاڪٽرن موجب سخت زخمي هئڻ ڪري صائمه
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

مٽياري ۾ مسافر ڪوچ ڪلٽي ٿيڻ جي ڪري 17 کان مٿي مسافر زخمي

طالب مولا ڪالوني وٽ مسافر ڪوچ ڪلٽي پئي، 17 مسافر زخمي ٿي پيا

مٽياري (ڌ ر) قومي شاهراهه تي مسافر ڪوچ ڪلٽي ٿيڻ جي ڪري 17 کان مٿي مسافر زخمي ٿي پيا آهن جن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. ريسڪيو 1122 موجب طالب مولا ڪالوني وٽ مسافر ڪوچ
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

بدين ۾ فشر فوڪ جي سڏ تي ڪوئلي، تيل ۽ گئس جي نون منصوبن خلاف ريلي

بدين پريس ڪلب تائين ريلي، موسمياتي انصاف ۽ متبادل توانائيءَ ڏانهن منتقلي لاءِ احتجاج

ساموندي سطح ۾ واڌ، زمينن ۾ ڪارو پاڻي داخل ٿيڻ ۽ ماحولياتي تباهي سبب مهاڻن جو روزگار خطري ۾ آهي: اڳواڻ

فوسل فيولز جو خاتمو، 100 سيڪڙو قابل تجديد توانائيءَ جو استعمال ۽ موسمياتي متاثرن لاءِ مالي سهڪار فراهم ڪرڻ جو مطالبو

بدين (د ر) پاڪستان فشر فوڪ جي سڏ تي مهاڻن سماجي ڪارڪنن ۽ سول سوسائٽي جي نمائندن پاران شاهنواز چوڪ کان بدين پريس ڪلب بدين تائين ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ ڪوئلي، تيل ۽ گئس
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

لکي غلام شاهه لڳ رڪشا ۽ مزدا گاڏي ۾ ٽڪر سبب ٻه نوجوان پورهيت فوت، 8 زخمي

چڪ کان مزدوري لاءِ سکر ويندڙ پورهيتن جي لوڊر رڪشا کي سستي بستي پرسان تيز رفتار مزدا ٽڪر هنيو

حادثي ۾ پورهيت عاطف پٽ لڪمير ميراڻي ۽ نثار پٽ قاسم ميراڻي موقعي تي ئي چيڀاٽجي فوت ٿي ويا

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ۽ زخمي لال حسين، نزاڪت، صداقت، شفقت ۽ ٻين کي اسپتال منتقل ڪيو

سکر/ لکي غلام شاهه (نمائندن وٽان) چڪ شهر کان لوڊر رڪشا ذريعي مزدوري لاءِ سکر ويندڙ پورهيتن جي رڪشا کي سستي بستي پرسان تيز رفتار مزدا ٽڪر هڻي جنهن جي نتيجي ۾ رڪشا ۾ سوار
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

لکي غلام شاهه: حادثي ۾ حياتيون وڃائيندڙ نوجوانن جا لاش اسپتال ۾ رکيل آهن

ڳوٺ وڏا لاڪا ۾ ڪنڀر برادري جي گهرن کي امڪاني ڊاهڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

اسسٽنٽ ڪمشنر سوڀوديرو 200 گهرن کي ڊاهڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهيو آهي: ڊاڪٽر غلام فريد

ڪنڀر برادري سان زيادتيون ڪيون پيون وڃن، جيڪو عمل ڪنهن به صورت ۾ برداشت ناهي

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ آل سنڌ ڪنڀر اتحاد ضلعي لاڙڪاڻي طرفان گمبٽ تعلقي جي ڳوٺ وڏا لاڪا ۾ ڪنڀر برادري جي گهرن کي امڪاني طور ڊاهي خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جتي هنن سخت نعريبازي پڻ ڪئي. ان موقعي تي اڳواڻن ڊاڪٽر غلام فريد ڪنڀر
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

گمبٽ: ڳوٺ وڏا لاڪا ۾ گهر ڊاهڻ خلاف ڳوٺاڻا احتجاج ڪري رهيا آهن

حيدرآباد پوليس واپاري کي گرفتار ڪري گم ڪري ڇڏيو، وارثن جو دادو ۾ احتجاج

هوٽل تان علي خان لنڊ ۽ امجد جتوئي کي کنيو ويو ٻن ڏينهن بعد امجد کي ڇڏيو ويو: وارث

واپاري جي گمشدگي ۽ ڪار بابت به ڪا ڄاڻ نه ملي، وارثن پاران هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل

دادو (ڌ ر) دادو شهر جي چانڊيو شاهه آباد ڪالوني جي رهواسين حاجي محمد رمضان لنڊ، علي نواز لنڊ، غلام محمد لنڊ پاران ڀاءِ علي خان لنڊ جي بنا جواز گرفتاري خلاف حيدرآباد پوليس خلاف دادو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري دادو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

ملڪ جا اصل حاڪم 25 ڪروڙ عوام آهي، ڪنهن هڪ فرد کي حڪمراني جو حق ناهي: حافظ حمدالله

ملڪ ۾ فساد ۽ انتشار جو رستو روڪڻو آهي ته فرعوني قوتن جو بهادري سان مقابلو ڪرڻو پوندو

ملڪ جي مفاد بابت هر اهم فيصلو پارليامينٽ ۾ ٿيڻ گهرجي، پارليامينٽ کان مٿاهون ڪير به ناهي

ڏگهڙي (ن ع) جمعيت علماءِ اسلام جي مرڪزي اڳواڻ ۽ اڳوڻي سينيٽر حافظ حمدالله چيو آهي ته ظلم ۽ ڏاڍ ذريعي حڪومت قائم ڪري قوم کي غلام سمجهندڙ فرعون جي تاريخ پڙهي وٺن ملڪ ۾ فساد ۽ انتشار جو رستو روڪڻو آهي ته فرعوني قوتن جو بهادري سان
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ وڌندڙ بدامني خلاف رائيڊر نوجوانن طرفان ڌرڻو، ٽائرن کي باهيون

گهٽ اجرت ۾ به روزگار ڪري رهيا آهيون، ان باوجود ڌوهارين رڻ ٻاري ڏنو آهي: رائيڊر

ڦر مزاحمت تي ٻن رائيڊرن رميز ۽ نويد سومرو کي گوليون هڻي زخمي ڪيو ويو

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي مختلف علائقن جي رائيڊر نوجوانن طرفان وڌندڙ بدامني ۽ ڦر ٿيل موبائيل فونن، روڪ رقم ۽ ٻيو سامان واپس نه ٿيڻ خلاف جناح باغ چوڪ بلاڪ ڪري ٽائرن کي باهيون ڏئي ڌرڻو هنيو ويو جتي هنن سخت نعريبازي پڻ ڪئي ان موقعي تي احتجاج
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

مٺي جي اسڪولن ۾ اسٽريم سائنسي ميلا، سائنسي ماڊل نمائش لاءِ پيش

سائنسي ميلي ۾ مختلف اسڪولن جي شاگردن، استادن، تعليمي آفيسرن جي شرڪت

لوئر سيڪنڊري اسڪول بجير ڪالوني ۾ ٽيڪنالاجي، روبوٽڪس ۽ اي آءِ جا ماڊل پيش ڪيا ويا

گرلس هاءِ اسڪول ۾ سائنسي تقريب منعقد، شاگرديائڻين جي ماڊلز ۽ ڪارڪردگي کي ڀرپور داد ڏنو ويو

مٺي (ڌ-ر) اسٽريم اسڪول رائونڊ ۾ ڪالهه گورنمينٽ لوئر سيڪنڊري اسڪول بجير ڪالوني مٺي ۾ سائنسي ميلو سجايو ويو جنهن ۾ ٻارن سائنس، ٽيڪنالاجي، روبوٽڪ، آرٽيفيشل انٽيليجنس، آرٽ ۽ رياضي جي مضمونن ۾ بهترين ماڊل ڏاهي تمام بهترين انداز سان پيش ڪيا. سائنسي ميلو گهمڻ لاءِ ڪيترن ئي اسڪولن جا ٻار
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

بدين: ڊائريڪٽر اينٽي ڪرپشن مير نادر علي ابڙو مفت طبي ڪئمپ جو معائنو ڪندي

چاچڙي جي ڀيل پاڙي جو آر او پلانٽ سالن کان خراب، ڳوٺاڻا مٺي پاڻي لاءِ پريشان

آر او پلانٽ جي مشينري خراب هجڻ سبب ڳوٺاڻن کي پيئڻ جي پاڻي جي سخت کوٽ

اسڪول ۾ 300 کان وڌيڪ ٻار پاڻي جي سهولت کان محروم، ڳوٺاڻن ۽ شاگردن جو احتجاج

اعليٰ اختيارين کان آر او پلانٽ جي مرمت ڪرائي مٺو پاڻي فراهم ڪرڻ جو مطالبو

مٺي (ڌ-ر) تعلقي چاچڙي جي ڳوٺ ملڙيو ڪيلهڻ ڀيل پاڙي جو آر او پلانٽ ڪيترن ئي سالن کان خراب، ڳوٺاڻا مٺي پاڻي لاءِ پريشان. ڳوٺاڻن پرتاب ڀيل رتن ڀيل مجنون ڀيل آنبو ماستر آچار ڀيل هيرو ڀيل ۽ اسڪول جي شاگردن سميت ميڊيا کي احتجاج ڪندي ٻڌايو ته اسان ڪافي ڀيرا وس وارن کي درخواستون ڏنيون پر ڪو عمل
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

بدين: پاڪستان زنده باد بيسڪ آرگنائيزيشن جي سهڪار سان ٽنڊوباگو ۾ هڪ روزه مفت ميڊيڪل ڪيمپ لڳائي وئي

بدين (د ر) پاڪستان زنده باد بيسڪ آرگنائيزيشن پاڪستان جي سهڪار سان ٽنڊوباگو جي ڪميونٽي هال ۾ هڪ روزه
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

مٺي هاءِ اسڪول جي استاد مهيش ڪمار شرما جي رٽائرڊ ٿيڻ تي الوداعي تقريب

مٺي (ڌ-ر) گورنمينٽ هاءِ اسڪول مٺي جي نهايت فرض شناس، محنتي، مخلص ۽ قابل استاد سائين مهيش ڪمار ڪرشن لال شرما (WI) پنهنجي ملازمت جا 60
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

مٺي: گورنمينٽ هاءِ اسڪول مٺي جي سينيئر استاد سائين مهيش ڪمار ڪرشن لال شرما کي رٽائرمينٽ تي الوداع چيو پيو وڃي

ٺٽي ۾ گڏهه ڊوڙائڻ جو دلچسپ مقابلو، بابر لاسي جو گڏهه پهرين پوزيشن ماڻي

ٺٽو (ڌ ر) اسپورٽس ۽ يوٿ آفيئر ڊپارٽمينٽ ٺٽو طرفان سيمينٽ فيڪٽري مڪلي کان مڪلي بائي پاس تائين گڏهن جي ريس جو مقابلو منعقد ڪرايو ويو جنهن ۾ وڏي انگ ۾ گڏهن جي ريس
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

إِنَّا لِلَّٰهِ وَإِنَّا إِلَيْهِ رَاجِعُونَ

With profound sorrow, we announce
the passing of our beloved

NOORUDDIN JAHANGIR KAZI

son of Farooq and Imtiaz Kazi,
who left us for the hereafter on Friday, November 13, 2026.

Soyem will be held on Sunday, November 15,
between Asr and Maghrib prayers,
at 7/A/2 Khayaban-i-Tanzeem,
Phase V, DHA, Karachi.

Scan for
location

Farooq Kazi	Haji Khair Muhammad Khokhar
Mustafa Kamal Kazi	Zulqarnain Khokhar
Muhammad Ahmed Kazi	Zakir Khokhar
Mustafa Jamal Kazi	Zain Khokhar

The Kazi and Khokhar families

سوئی ناردرن گیس
Sui Northern Gas
SSGC Sui Southern Gas Company Limited

گیزرسیٹ...سردیاں پرفیکٹ

سردیوں سے قبل گیزر کی بروقت مرمت کروائیں،
گیس بچائیں اور بل میں بچت پائیں

روایتی گیزر کی بجائے انسٹنٹ گیزر یا
سولر واٹر ہیٹر استعمال کریں

روایتی گیزر استعمال کرنے کی صورت میں

گیس سیور کون کے حامل گیزر کا انتخاب کریں
استعمال سے صرف 30 منٹ پہلے گیزر آن کریں
استعمال کے فوری بعد گیزر بند کردیں
گیزر کا تھرموسٹیٹ لازمی چیک کروائیں

COMPULSORY

گیس لیکج سے بچنے کے لیے معیاری گیس آلات استعمال کریں

PID(K)1576-D/26

کسی بھی قسم کی شکایت کیلئے سوئی کمپنیز کے ریجنل دفاتر یا ہیلپ لائن نمبرز پر رابطہ کریں
0800-01199 سوئی ناردرن ہیلپ لائن
0800-11990 سوئی سدرن ہیلپ لائن
یا ویب سائٹس وزٹ کریں
www.sngpl.com.pk
www.ssgc.com.pk

1885 SMI UNIVERSITY
Alma-Mater of Quaid-e-Azam Mohammad Ali Jinnah
Sindh Madressatul Islam University, Karachi
Chartered By: Government of Sindh
Recognized By: Higher Education Commission

Admissions ★ OPEN ★
SPRING – 2027
Bachelors, Masters, M.Phil and PhD Programs
(Morning, Evening and Weekend)

BS
* Computer Science
* Software Engineering
* Information Technology
* Data Science
* Cyber Security
* Mathematics
* Commerce
* Environmental Sciences
* Climate Change
* Food Science and Technology
* Accounting and Finance
* English
* Education
* Media Studies
* Development Studies
* Sociology

B.Ed
* 4-Years
* 2.5-Years
* 1.5-Years

BBA
* 4-years
* 2-years (After 14 years of education)

MBA
* 2/1.5 -years

MS
* Computer Science
* Mathematics
* Environmental Sciences
* Management Sciences
* Media Studies
* English Linguistics
* Development Studies

PhD
* Computer Science
* Mathematics
* Management Sciences
* Environmental Sciences
* Media Studies

142 YEARS OF LEGACY. A FUTURE OF POSSIBILITIES

APPLY ONLINE: at admission.smiu.edu.pk

Salient Features:
- 142 years of Academic Excellence
- Almost 42% PhD Faculty
- Accredited Programs
- Merit & Need Based Scholarships
- Air Conditioned Classrooms
- Hi-Tech Research & Computer Labs
- Artificial Intelligence Lab
- Media Training Centre
- TV Studio , SMIU Web TV & FM Radio Station
- Modern Libraries
- WiFi Facility
- Indoor & Outdoor Games Space
- Gym for Male and Female Students
- Medical Facilities
- Transport Facility
- Business Incubation Centre
- Job Placement Office
- Hashmat Lodi Youth Development Centre
- Strong Alumni Network
- National & International Universities Linkages• Strong Industrial Linkages
- Safe and Secure Environment Monitored with CCTV Cameras

Last date for submission of admission applications: Friday, 27th November 2026
Admission Test (For Undergraduate Programs): Wednesday, 2nd – Friday, 4th December 2026

INF/KRY/5193/26

Address: Aiwan-e-Tijarat Road, Karachi-74000 Pakistan. ☎ UAN: (021) 111-11-1885 www.smiu.edu.pk smiu.edu.pk smiukarachi smi.university

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ ڳاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.